# سنڌي ٻوليءَ جو
# درياهي لهجو

الهنواز رڪٽائي

سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد

# سنڌي ٻوليءَ جو درياهي لهجو

الهنواز رُڪڻائي

سنڌي لئنگويج اٿارٽي

حيدرآباد — سنڌ

2007ع

# سِٽاءُ


| | |
|---|---|
| ناشر نوٽ | 04 |
| اٿيل اوٿ، ڇُلندڙ ڇوليون: الهنواز رُڪڻائي | 05 |
| مهاڳ : سيد حاڪم علي شاهه بخاري | 08 |
| مهراڻ جي ٻولي | 18 |
| درياهه جي پاڻي بابت لفظ | 24 |
| ٻيڙين ڪان اڳ ۾ ترڻ جا سَنڌ | 33 |
| سنڌو درياهه جي ٻيڙين جا قسم | 35 |
| پنجاب جي ٻيڙين جا قسم | 41 |
| ٻيڙيءَ جو ٺهڻ | 46 |
| ٻيڙيءَ جو ڏڪائڻ | 64 |
| ٻيڙين سان واسطو رکندڙ ڪي لفظ | 72 |
| درياهي مڇين مارڻ جا رچ | 79 |
| ڍنڍن ۾ مڇي مارڻ ۽ ماڻهن جي رهڻ واريون ٻيڙيون | 85 |
| ملاحن جا گيت | 88 |
| درياهي ملاحن وٽ وائن جا نالا | 91 |
| درياهه جا ڪنارا، ڪچو فصل | 100 |
| ڪچي ۾ درياهه جي ڪنارن يا ٻيٽن تي ٿيندڙ گاهه | 111 |
| سنڌو درياهه جون مڇيون | 113 |
| سمنڊ جون مڇيون | 130 |

# ناشر پاران

اداري پاران محترم الهنواز رڪڻائيءَ جو لکيل هيءُ ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جو درياهي لهجو“ ڇپائي منظرعام تي آڻيندي، اسان نهايت خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. هيءُ ڪتاب سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪپن تي رهندڙ مهاڻن جي لهجي تورڙي ڪرت سان لاڳاپيل سمورن پهلوئن جو احاطو ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي لفظي ذخيري جي مالامال هُئڻ جو ثبوت ڏئي ٿو. ان ڪري هن قسم جي ڪتابن جي اشاعت کي ترجيحي بنيادن تي ڪٿي، ادارو پنهنجي اصل ڪم جي پورائي جي توقع رکي ٿو.

محترم الهنواز رڪڻائي، سنڌي ٻوليءَ جو اهو محقق آهي، جنهن جو بنيادي طور واسطو درياهه سان آهي. ان ڪري هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ هُو مناسب ماڻهو آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ درياهه جي ٻنهي ڪپن تي رهندڙ ماڻهن، انهن جي لهجي، درياهي جيوت، وڻن ٽڻن، ٻوٽن ۽ گاهن، ٻيڙين ۽ هوائن ۽ ملاحن جي ڪرت سان لاڳاپيل سمورين شين بابت استعمال ٿيندڙ لفظن ۽ اصطلاحن کي پنهنجي تحقيق جو موضوع بڻايو آهي. سندس ڪتاب ۾ وڏو انگ اهڙن لفظن ۽ اصطلاحن جو آهي، جيڪي گهڻي ڀاڱي هن وقت مروج نه آهن يا متروڪ ٿيندا پيا وڃن. ان ڪري ضروري آهي ته اهڙي لفظي ذخيري کي ڪتابي شڪل ۾ محفوظ ڪجي ته جيئن ايندڙ دؤر جا محقق، سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ کان واقف ٿي سگهن.

اميد ته هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي محققن ۽ ادب جي شاگردن لاءِ وڏو مددگار ثابت ٿيندو.

7 جنوري 2007ع
حيدرآباد

**عبدالقادر جوڻيجو**
چيئرمين

# اُتبل اوتر، چُلندڙ چوليون

ڪافي عرصي کان شوق هئم ته مهراڻ جي ٻوليءَ جي حوالي سان هڪ نثر جو ڪتاب لکان، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي درياهي لهجي جو هڪ تاريخي ڪتاب ثابت ٿئي. جيئن جيئن وقت وٽين مان وهندو رهيو، تيئن تيئن هُرکر ۾ هوري وڌندي وئي. ڪتاب جي مواد کي سهيڙڻ لاءِ لڳاتار ڪوشش جاري رکيم. هڪ ڀيري سائين استاد بخاريءَ سان اهڙو ذڪر ڪيم. واءِ جا ناﻻ ان ڏينهن تائين ٽيتاليهه لکيل هئا. جڏهن استاد کي ٻڌايم ته استاد بخاري صاحب زور ڀريو ته "نوازا هيءَ ڪتاب لک"! پوءِ مون وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. دل ۾ آيو ته هي وَڏَ ٻيڙائت، جيڪي سنڌوءَ جو سينگار هئا، انهن جون ٻيڙيون، ٽَرَّ ۾ بندر وڃن پيا ختم ٿيندا. منصوبن مطابق سنڌو به سُڪندي پئي وڃي.

نه سي ٽڙ هوڙاڪ، نه وايون وڻجارن جون.

اڳتي هلي ٻيڙيائتن جا لفظ نه رهندا. جڏهن اهي وڏيون ٻيڙيون ٿي درياهه تي نه هلنديون، جيڪي سؤ سَوا خرار اناُج کڻي هڪ ٽڙ کان ٻين ٽڙن تائين وينديون هيون؛ جيڪي سيرن مان سانداړا ڏئي، هن ڀر جو هُن ڀر پهچنديون هيون، جيڪي ڏکڻ جي واءَ ۾ ڦٽڪا ڏئي لهواريون ڪڙنديون هيون، جيڪي جهمٽيون، موڙ، بانبٽا، بانبٽيون، مرولون، گجڪا ۽ بيرقون ٻڌي بندر تي بيهنديون هيون ته 'بندر بازاريون' بڻجي ويندا هئا. جن بندرن تان ساموندي سوداگر پنهنجا واهڻ "واڻ" ٻيڙا مَکي تيار ڪري اونهي ڏي اوهرندا هئا، جن بندرن تي ڏاڙيچن جون ڏچائون هونديون هيون، جن بندرن تي جهمٽين نهڻ جا جشن ٿيندا هئا. اهي ته سڀ ختم ٿي ويندا ۽ پوءِ ڪٿان اهي لفظ ملندا. سنڌوءَ جا بندر ويران ۽ پڙيانگ ٿيندا پيا وڃن. وڏ ٻيڙائت ناڪئا، سُڪاني، ساڳاهي لاهڻ وارا جوان به سنڌوءَ جي سڪڻ جا سور برداشت نه ڪري موڪلائيندا پيا وڃن. هائي ڏائِي سنڌو درياهه تي پتڻن جون ٻيڙيون هيون، اهي به ڏاڙيل فيڪٽر جي

ڪري ختم ڪيون ويون. پتڻن تي 15۔ 16 خرار بار ڪڻندڙ ٻيڙيون هونديون هيون، جيڪي اورپار لاءِ هونديون هيون، سي به سرڪار بوڙائي ڇڏيون. هاڻي ته اهي پاتڻي ڇارا ئي ختم ٿي ويا، نديون ڍونڍيون ۽ مڇي مارڻ جا ڪوٺتيا به درياهه جي ڪنهن ڪنهن تڙ تي هڪ ٻه نظر ايندا، نه ته تڙ ويران پيا آهن. سنڌو درياهه جو سُيُ ئي ختم ٿي چڪو آهي، اهي پهريون ئي ختم ٿي ويون. جتي ملاحن جا راڄ گڏجي رَڄ چڪيندا هئا. جتي پهري ٿيندي هئي ته مڇي مارڻ وارين ڍونڍين جا ڏَس ٻينا هوندا هئا. ملاحن جي رهڻ جون ٻيڙيون ڪناري سان قطارون ڪيو بيٺيون هونديون هيون. رات جو جَر تي ڏيئن جهمڪڻ جيان ٻيڙين تي بلبن جي جهرمر لڳي پئي هوندي هئي، اهي وڏ ٻيڙيائت ئي ويا، جيڪي 'قاتل ڪمائي' ڪري به راتيون ماڻن ۽ يڪتارن تي گذاري ڇڏيندا هئا، چڻ جوانن پوڙهيو ڪيو ئي ڪونه هو. هاڻي سنڌوءَ جي ڏاڙيجن جون ڏجائون رهيون ئي ڪونه آهن.

تڙ تڙ ناهه تنوار، بندر ٿي بيران ويا،
ٻئي سنڌوءَ پار، ٻُسا ٻاروهي ٿيا.

1956 کان اڳ درياهه جي ٻنهي ڪنارن تي مڏيون ۽ موراوا هوندا هئا. هاڻي نه رهيون مڏيون نه اهي ماڳ، جتي نوٽري جا سانجارو پلا ڦتڪندڙ ايندا هئا، جتي چڪڻ جي چاڙهه مان ملاح سڙهه جي سَجُهن ڪي ساهي ڪوٺتلون ڪڏائي ڪڍي ويندا هئا؛ جتي "محفلوَن (ٻيڙيون) سڙهه دَڦڙائي آزاديءَ جي عَلَمَ جو اهڃاڻ پيش ڪنديون هيون؛ جتي ڪوهن جَي مورن ٻڏل، ڇڙهن ۾ رنگارنگي بانبتا ريتي رنگ جا گجڪا، آزاديءَ طرف وڌڻ جا آسانبا پاڇيلي تحت تي، ويٺن جي ڦتين مَتان جهولندا رهندا هئا. جن تڙن تي ڪيترين ئي نيون جهمتيون مُهرن تي مَوڙ ٻڏيو بيٺيون هونديون هيون. اهي تڙ پنهنجن اوجن ڪي سارينديء، پڙپانگ ٿي ويا آهن. جيئن اسان جي مهان ڪويءَ چيو آهي ته:

نه تڙ تي تماچي نه گندريءَ گذارا،
آسارا اسارا، ڪينجهَر جا ڪنارا.
(شيخ اياز)

هنن وشال مايوسين مون کي ڪتاب لکڻ تي مجبور ڪيو، ڪتاب

لاءِ ڪنو ڪيل مواد مون ڇپجڻ جي آس ۾ ڪنو ڪري رکيو. ڪير منهنجو هي ڪتاب ڇپرائيندو. دل تاڻي تاڻي ٿڪجي پئي. آس سڏڪي سُڏڪي ساڻي ٿي. سُمهي پئي. روح ڪڏهن ڪڏهن سٽ کائيندو هو. هن کان اڳ منهنجي شاعريءَ جو ڇپيل ڪتاب "چليون منجهر چوليون" جي پوئين ٽائيٽل تي استاد بخاريءَ سچاڻپ ڏني آهي، جنهن هن ڪتاب "مهراڻ جي ٻوليءَ" ۽ "ڪوپو ڪلاچيءَ" جو ذڪر ڪيو آهي. ڪتاب هن ڪتاب لاءِ لاءِ تاج جويي (اڳوڻو سيڪريٽري سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري) زور ڀريو تہ تيار ڪري ڏيان تہ جيئن ڇپايو وڃي. مون هن ڪتاب ۾ ٻيڙين (وڏين ٻيڙين) جي پرزي پرزي جو ذڪر ڪيو آهي. درياهہ جي ٽڙن، بندرن، ورن وڪڙن آجهار، جهوليءَ، مٿار، اُتمٽيءَ، سُتمٽيءَ، ڦٽڪن، گيڙن، بلندين، هيناين، ڍنڍين ۽ ڍورن جو ذڪر ڪيو آهي. ريڇن مڇين ۽ ٻيڙين جي قسمن جو بہ پتو ڏنو آهي. مان پانيان ٿو تہ درياهي لفظن جو ڪافي ذخيرو پيش ڪيو اٿم. مون کان ڪي اوڻايون بہ سرزد ٿيون هونديون، جنهن لاءِ معافي ملندي.

مان ٿورائتو آهيان سنڌي ٻوليءَ اٿارٽيءَ جي موجوده چيئرمين سائين عبدالقادر جوڻيجي جو، جنهن هي ڪتاب ڇپائي منهنجي اميدن ۾ سرهائيءَ جي لهر آندي آهي!

**"نواز" رڪنائي**

# مهاڳ

سوچ جو ست، انيڪ ونڪن مان هڪ ڪان اسري آيل نرالو نمونو، انسان پنهنجي ارتقا جي اوکي سفر ۾ هلندي اڄ جتي رسيو آهي، اتي ڄڻ ته هن پهرين ساهي پٽي آهي، هن پنهنجي سمجهه ۽ سگهه ڪي ميسر ۽ مصنوعي وسيلن سان وڌائي، جيو ڏِسائن_ سُکي ۽ پاڻي_ جيڪي سندس خمير جي جڙ به آهن، واڌو آبي منڊل سان مقابلو ڪندي، وقتي ڪانجاڻن ڪان ڪِجي، ٽٽڻ ڪان پوءِ، جيڪا به وک وڌي آهي، سا اڳينءَ ڪان اڳري سمجهه ۾ اچي ٿي. مسئلن ڪان مڙي وڃڻ جي بجاءِ هن مڙس ٿي، انهن سان منهن پئي ڏنو آهي. ماحولَ جيڪي ڪٽي هن ڪي هٽي ڏني هوندي ته ڪٽي وري هيسايو به هوندو پر پوءِ به سفر جاري رکندي، مٽيءَ تان اڏري، پُولار ۾ پير ذري چڪو آهي. هن جُوڪائتي جهد ۾ سندس عزم ۽ ارادو، عقل جي اڳواٽيءَ سان موجودات جي ماهيت معلوم ڪرڻ ۽ ان مان هڙ حاصل ڪرڻ ۾ رڌل رهيو آهي. انسان جي سرشت ۾ قدرتي ڳجهه ڳولڻ ۽ عجبائتي رچنا مان رستا سڌا سنوان ڪرڻ جي سمر تي ڪيس ڪٽي پهچائيندي، ان جي پوري پروڙ هن وقت ناممڪن جي قريب آهي. اڃا ته سندس ڏاهپ جا پرت پوريءَ ريت پلٽيا ئي نه آهن، پوءِ به لڳي ٿو ته هو اِهو سڀ ڪجهه سڌائي سگهندو، جو سوچي سگهجي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته سوين جو هيءَ سلسلو موت سان مهاڏي ڪان پوءِ به پڄاڻيءَ ڪي نه پهچي. اها ڳالهه هونئن ته اڻ ٿيڻي لڳندي، پر شايد ذرڙن ڏاتارءِ ذات جي ست ۾ سمايل هجي.

ڪائنات ۾ جي بلائون هيون ته بهرحال بلابَ هئا، ڏونگر هئا ته ڏاريندڙ به، جَر هئا ته جهاڳيندڙ به، اوتر هئا ته اڏامندڙ به، مرون هئا ته ماريندڙ به. ان ڪري انساني نظر ۽ فڪر، ان مان نتيجا ڪڍندي، پنهنجي سرجڻهاري اوٽ سان سامگريءَ ۾ واڌارو ڪندا رهيا_ ۽ جي شيون وس ڪري نه سگهيا، تن جي يا ته پيتِ تي هلڻ جا پاوَ پنهنجايائون يا وري انهن سان جُنڻ لاءِ هٿيار جوڙڻ ۾ جُنبي ويا.

اُڪُرن ۽ گهڙتن جي اڀياس جي ڪسوٽيءَ تي پرکي، پنهنجا رايا ۽ ڪن ته مورڳو نبيرا به ڏنا آهن. اُنهن مان تاريخ کان اڳ واري دؤر جي انسان، پاڻيءَ کي وس ڪرڻ لاءِ جيڪي وس ڪيا آهن، تن جي ٿوري تڪي ساکي سنجي سگهجي ٿي.

انَ ڏِس ۾ اسان وٽ ڪيتائتو ڪم خيرڪو ٿيو آهي، البت جيڪي مضمون لکيا ويا آهن، تن مان جيترو مواد ملي ٿو، اُن کان وڌيڪ جي ضرورت آهي.

انهيءَ قصي بابت: ڪن گوهرن جو گمان آهي ته لڳ ڀڳ پنجويهه هزار سال اڳ اتر ـ اوڀر ايشيا جا شڪاري بيرنگ جو ’ڇڇي سمنڊ‘ پار ڪري، اتر آمريڪا ۾ پهتا. انومان آهي ته اُهي ٽلن يا ترهن تي تري ويا هوندا، هڪ ڪ اهو به آهي ته هنن ڪيئاڪ (Kayak) يا اُمائڪ (Umaik) نالي ٻيڙيون يا ساڊ ڪي ترون به استعمال ڪيون هجن.

’Early People Book‘ جي ليکڪ ’ڊورلنگ ڪنڊرسلي‘ جو اندازو آهي ته آسٽريليا کنڊ جا اوائلي ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ چاليهه هزار سال (يا اُن کان به ڪجهه اڳ ۾) اوڀر – ڏکڻ ايشيا کان اُن وقت ٽپي ويا، جڏهن سمنڊ اڄوڪيءَ سَنوت کان لڳ ڀڳ هڪ سؤ چوهٺ فوٽ هيٺ هو. اُن ڪري هنن کي اٽڪل پنجهٺ ڪلوميٽرن جيترو سمنڊ جهاڳڻو پيو هوندو. جي ويسهُ ڪجي ته مٿيان ٻئي رايا اِهو ظاهر ڪن ٿا ته اُهي علائقا، جي سمنڊ ۾ گهيريل هئا، تن شايد گهڻو وقت اڳ (پراڻي پٿر جي آخري دؤر ڌاري) اهڙا وسيلا لوچي ڪڍيا هئا، جن ڪين گهرج مهل سمنڊ پار ڪرڻ ۾ سهنجا تا پئي ڪئي. گرين لئنڊ ۽ اتر آمريڪا جي برفاني ماڻهن به هڪ پاسي ترڪڻيون گاڏيون (Sledges) ٺاهيون هيون، ته ٻئي پاسي چمڙي سان ڍڪيل ٻيڙيون (Kayaks) ۽ سمنڊ ۽ ندين ۾ شڪار ڪرڻ لاءِ وڏيون مٿان کليل ٻيڙيون (Umaiks) ٺاهي استعمال ڪرڻ شروع ڪيون هيون.

’Archaeology Penguin dictionary‘ (ليکڪ ’وارڪ بري ۽ ڊيوڊ ٽرمپ‘ جي حوالي موجب پرٿ مان گاليو (جو ڪاٺ جي بند کي

دؤر سان ڏيکاريو ويو آهي ۽ قديم تَرين ڀيڙين جو واسطو پٿر جي وچئين دور سان ظاهر ڪيو ويو آهي. هن قسم جَو هڪ حوالو اڳ ۾ بہ اچي چڪو آهي. ڪنهن هنڌ وري ايچ. جي ويلس جي حوالي سان چيل آهي تہ اوائلي ڀيڙيون نئين پٿر جي دؤر ۾ نهيون، پر هتي نئين پٿر جي دؤر جو وقت ڏنل ڪونهي. هيءُ دؤر ڪٿي اڳ ۽ ڪٿي پوءِ شروع ٿيو آهي ۽ وچ ۾ فرق چئن بلڪ ڏري گهٽ پنجن هزارن سالن جو آهي. گارڊن چائيلڊ، پنهنجي ڪتاب 'What happened in History' ۾ ڄاڻائي ٿو تہ 'پراڻي پٿر جي دور جو ماڻهو بہ پڪ سان ڪنهن قسم جو تَرهو يا تَلو بلڪ شايد گاليو بہ ٺاهي ڪتب آڻي سگهندو هجي. هيءُ وڏيڪ اهو بہ لکي ٿو تہ سڙهہ جو نقش العبَيد دؤر جي 'اريدو' نالي ماڳ جي قبر جي کوٽائيءَ مان مليو آهي؛ سو شايد هن وقت تائين مليل آثارن ۾ قديم ترين سمجهڻ گهرجي. هن لاپ جو وقت گهٽ ۾ گهٽ 4000 ق. م تائين پهچي ٿو. هن ڳالهہ جي پٺڀرائيءَ لاءِ 'رونالڊ ميڪنزي' جي ڪتاب 'Ancient Civilization' جو هڪ حوالو بہ شامل ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ موجب سڙهن جو ثبوت، Pre_dynastic مصر جي کوهي وارين ڀيڙين جي چورس سڙهَن ۾ بہ موجود آهي. وڏڪ اهو بہ چوي ٿو تہ اڳتي هلي ڪاٺ مان ڪوري ٺاهيل گالين جي جاءِ تي ڪاٺ جي تختن مان ٺهيل ڀيڙيون ڪتب اچڻ لڳيون، جن کي ٽامي جي ڳجهن سان ڳنڍيو ويو هو. ليکڪ جي راءِ آهي تہ قديم ترين تَرن / ترين جي مثالن ۾ اهي تُرها بہ شامل آهن، جيڪي مڇيءَ جي شڪل جهڙن پَن جَي پڌل گڏن کي سَرن جَي وٽيل رَسن / رَسين سان ڪڙي ٺاهيا هئا.

'ولسن ۽ هرنلي' جي لکيل هڪ ڪتابچي بعنوان 'Children's Galaxy' جي هڪ فقري موجب اوائلي انسان ڪاٺ جي بُنڊن تي ونجهن ۽ اولن جي آڌار سان بارُ پاڻيءَ مان پار ٽپائيندا هئا. اهڙا ونجهہ ۽ اولا اچوڪين ڀيڙين ۾ بہ استعمال ڪيا وڃن ٿا. 2600 ق. م ڌاري مصر جي واڍن سؤ فوٽ کن ڊگهيون ڪاٺ جون ڀيڙيون سمنڊ ۾ هلائڻ لاءِ ٺاهي ورتيون هيون.

'The rise of Civilization in India and Pakistan' نالي ڪتاب (ليکڪ: برجيٽ ۽ ريمنڊ آلچن) ۾ لکيل آهي تہ عراق ۽ سنڌو تهذيبن جي

وچ ۾ سامونڊي واپار جي شاهدي، جن لڪتن (تختين) مان ملي ٿي، سي سارگون اڪادي جي وقت (2350 B.C) جون آهن. **سر مارٽيمر ويلر** جي ڪتاب 'The Indus Civilization' موجب 2000 ق. م ڌاري ايراني نار جي ايرندي اڌ جو واپار هندواسين (سنڌ واسين) جي هٿ ۾ هو. هن سلسلي ۾ نيشنل جيوگرافڪ سوسائٽيءَ پاران ڇپيل ڪتاب 'Mysteries of the ancient world' ۾ **ڊاڪٽر داؤد** جي حوالي سان لکيل آهي ته ايراني نار ۽ عراق سان سنڌو تهذيب جي سامونڊي واپار وارو سلسلو گهٽ ۾ گهٽ 1900 ق. م تائين بحال رهيو. هتي لوٿل نالي ماڳ جي کوٽائيءَ مان نڪتل شيخالي ۽ سڙهه واريءَ ٻيڙيءَ جو مٽيءَ مان ٺهيل هڪ نمونو به ڇاپيل آهي.

'Sindhi Culture' نالي ڪتاب، جنهن جو ليکڪ يو. ٽي. ٺکر آهي، اُن ۾ لکيل آهي ته سنڌو تهذيب جا سامونڊي توڙي خشڪي رستي واپاري واسطا، ٻين ڪيترن ملڪن کان علاوه همعصر تهذيبن جي مرڪزن يعني سميريا، مصر ۽ ڪريٽ سان به هئا. **اليگزينڊر برنس** جي ڪتاب 'سنڌوءَ جو سفر' (جيڪو سنڌيءَ ۾ به ترجمو ٿي چڪو آهي) ۾ ڄاڻايل آهي ته سنڌو درياهه جي ڇوڙ وٽ آباد ٿيل مهاڻا، پنجاب کان لڏي آيل آهن، جي سمنڊ ۾ ٻيڙيون هلائيندا هئا ۽ مڇي به مارين ٿا. هن صاحب سکر کان اوپارو هلندڙ **ڪروهرز** نالي پنجابي ٻيڙيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪا هلڻ ۾ سهنجي ۽ فوجي ۽ گهوڙا وغيره کڻڻ لاءِ وڏيڪ ڪارگر آهي. 'تاريخ سکر' ۾ **مولائي شيدائيءَ** وچ ايشيا ۽ خراسان کان خشڪيءَ رستي ايندڙ مال جي ڳالهه ڪندي لکيو آهي ته سکر مان اهو مال ٻيڙين ۾ ڀرجي، پوءِ گجرات ۽ ڏيساور وڃڻ لاءِ سنڌوءَ جي ڪيٽيءَ وارن بندرن تائين پهچايو ويندو هو.

'ارنيسٽ ميڪي' پنهنجي ڪتاب 'Further excavation at Mohen_jo_daro' ۾ لکيو آهي ته اٽڪل 2500 ق. م ڌاري سنڌونديءَ ۽ سمنڊ تي هلندڙ ٻيڙيون، اهڙيون ئي آلاتيل هيون، جهڙيون اڄ ڪلهه آهن. ممڪن آهي ته اُئين هجي به، ڇاڪاڻ ته اسان شين جي سڌارڻ ۽ بدلائڻ ۾ سست ثابت ٿيا آهيون.

'South Asian Archaeology, 1983' ۾ هڪ مضمون 'ڪلاڻوتسيو ۽ توزي' جو لکيل آهي، ان ۾ ڄاڻايل آهي ته عمان ۽ سنڌوءَ جي وچ ۾ ڪچي ٽامي جي پهچ اٽڪل 2002 ق. م ڌاري جاري هئي. عمان ۾ روان صديءَ جي ڳڌريل ٽن ڍاڪن ۾ جيڪي کوٽايون ٿيون آهن، تن مان سنڌو تهذيب جهڙن نوادرات جو ايتري گهڻائيءَ ۾ لڀڻ، ماهرن لاءِ وڏي حيرت جو سبب آهي. نومبر 1990ع ۾ يونيسڪو جي سهڪار سان سڏايل 'شاهراهه ريشم' بابت سيمينار جي موقعي تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي پڙهيل تفصيلي مقالي بعنوان: 'Boats in the Indus delta and on the coast line of Sindh' ۾ ٻڌايل آهي ته پاڻيءَ جي سفر لاءِ اول 'تر' (Float) ٺهي، پوءِ اُن کي ڪي قدر سڌاري تُرها (Rafts) جوڙيا ويا ۽ اُن بعَد انهن ۾ پاسن وغيره جو واڌارو ڪري ٻيڙي يا ٻاڪِڙي جوڙي وئي. وڌيڪ اُهو به چيل آهي ته ٻيڙين جو ذڪر شروع ۾ عرب مورخن ڪيو. موصوف ڪن ٻيڙين، انهن جي ياڱن، ٺهڻ جي هنڌن ۽ طريقي جو به ذڪر ڪيو آهي. 'Indian shipping' نالي ڪتاب (ليکڪ راڌا ڪمود مُکرجي) ۾ ڏکڻ ايشيا، خاص ڪري ڀارتي ٻيڙين جي تاريخ ۽ هنر تي ڪافي سٺي ڄاڻ درج آهي. ڪتاب ۾ ڏنل تفصيلن موجب ٻيڙين کي ٻن مکيه درجن ۾ ورهايو ويو آهي:

(1) عام ٻيڙيون 'Samanya': ٻيڙيون، جيڪي ندين تي هلڻ لاءِ هجن.

(2) خاص ٻيڙيون (Ves'sesa): ٻيڙيون، جيڪي ساگر (سمنڊ) تي هلڻ لاءِ ڪم اَچن.

پهرئين قسم جي ٻيڙين جا سنڌن آڪار (شڪل صورت) موجب ڏهه قسم ٻڌايا ويا آهن. جن مان ننڍي ۾ ننڍي 'Kshudra' آهي، جيڪا 16x4x4 هٿن جي آڪار واري ٿئي (هٿ اٽڪل 18- انچن جو ٿئي ٿو) ۽ وڏي ۾ وڏي ٻيڙي 'Manthara' ٿئي، جنهن جون ماپون 60x60x120 (cubits) هٿن جيتريون ٿين.

ٻئي ڪلاس جي ٻيڙين جا وري ٻه نمونا آهن: پهرئين نموني کي

'Dirgha' ۽ ٻئي کي 'Unnata' سڏيو ويو آهي. 'Dirgha' جا وري پنج وڏ (نمونا) ٿين. هن ڪلاس جي ننڍي ۾ ننڍيءَ ٻيڙيءَ جي ماپ 32x4x31/5 'cubits' هٿ ۽ وڏي ۾ وڏي ٻيڙيءَ جي ماپ 176x22x173/5 'cubits' هٿن جيتري ٿئي. سڙهن جا رنگ، تعداد مطابق ٿين ۽ اڳيل جدا جدا ساهوارن جي شڪلين جهڙا ٿين، مثال طور: شينهن، مينهن، هاٿي، چيتو يا ڪو پکي وغيره. هنن جي آرائش ۾ مختلف ڌاتن جهڙي ڪن، مثال: سون، چاندي، ٽامي، پتل وغيره جهڙي، سنسڪرت جي ڪتابن ۾ ٻيڙين کي ماپن جي نسبت سان بيان ڪيو ويو آهي، پر 'پالي ادب' ۾ وري انهن کي ماڻهن جي نسبت سان بيان ڪيو ويو آهي. مثال پنج سؤ، هزار يا ڏيڍ هزار ماڻهو کڻڻ واري ٻيڙي. سنڌ ۾ اهي اَنَ جي ماپ سان نسبت واريون هونديون هيون، مثال: خرار، ٻن خرارن، ٽن خرارن وغيره جيترو اَن کڻندڙ ٻيڙيون.

ڀارتي ٻيڙين جو ذڪر مٿين جوڙيل ڇپري جي حوالي سان به ٿيل آهي. مثال طور:

'Sarbamandira': هن قسم جي ٻيڙي سڄي ڇانيل ٿئي ۽ شاهي خاندان ۽ خزاني کڻڻ لاءِ ڪتب اچي.

'Madhya madndira': هن نموني ۾ ڇپري وچ تي ٿئي ۽ هيءَ گهڻو ڪري مينهوڳيءَ ۾ سير تفريح جي مقصد لاءِ استعمال ٿئي.

'Agramandira': هن نالي واريون ٻيڙيون خشڪ موسم ۾ استعمال ٿين. ڇپري هن جي اڳيل تي اڏجي. هي ٻيڙيون ڊگهي سفر ۽ ساموندي حملن لاءِ به استعمال ڪجن. هن قسم جي ٻيڙيءَ لاءِ چيو وڃي ٿو ته پاندوَن به گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو دشمنن کان بچي وڃڻ لاءِ هيءَ ٻيڙي استعمال ڪئي هئي.

ڀارت ۾ استعمال ٿيل يا ٿيندڙ ٻيڙين جا اٽڪل پنج درجن نالا ڏنل آهن. 1612ع ۾ سورت جي هڪ ٻيڙي لاءِ لکيل آهي ته اها 153x42x31 فوٽن جو هو ۽ پندرهن سؤ ٽن وزن کڻي ٿي سگهيو.

ابوالفضل لکيو آهي ته ٺٽي سرڪار ۾ چاليهه هزار ٻيڙيون ڀاڙي لاءِ تيار ٻيٺل هيون. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو وڏو بندر لاهوري / لاهري هو.

ٻڌل آهي، جيڪو مواد ڪي قدر ٻولي سهيڙيندڙن توڙي ٻولي شناسن لاءِ دلچسپيءَ جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو. سچ ته اهڙي قسم جي ٻين به ڪيترن ڪتابن جي ضرورت آهي، جن ۾ مختلف موضوعن بابت جزياتي تفصيل ڏنل هجن ۽ سنڌي وشد ڪوش/ موسوعات (انسائيڪلوپيڊيا) جي تياريءَ ۽ تڪميل لاءِ مددگار ثابت ٿين. ڪتاب ۾ هزارين لفظن، محاورن ۽ نالن بابت چڱي چوکي ڄاڻ ڏنل آهي. انهن مان ڪي نالا اهڙا به هوندا، جيڪي ڪنهن ٻئي هنڌ استعمال نه ٿيندا هجن ۽ اتي انهن لاءِ ڪي ٻيا نالا ڪتب ايندا هجن. ٻيو ته ڪن شين مثال طور ٻيڙين جا جيترا نالا مِلن ٿا، انهن جا اوترا قسم هن وقت نظر ڪونه ٿا اچن، انڪري سمجهجي ٿو ته يا ته ساڳئي قسم جي ٻيڙيءَ جا هڪ کان وڌيڪ نالا آهن يا وري ڪي ٻيڙين جا قسم ناپيد ٿي ويا آهن. ان سلسلي ۾ وڌيڪ تحقيق جي ضرورت ٿي سگهي ٿي.

ليکڪ جو واسطو جيئن ته بنيادي طور سنڌ جي وچولي ڀاڱي يعني دادوءَ ۽ نواب شاهه ضلعن سان رهيو آهي، ان ڪري نام مالا به انهيءَ خطي جي آهي: تنهنڪري ائين به ضرور هوندو ته ڪن شين جا نالا ٻين هنڌن تي ٻيا هجن يا ڪجهه مٽيل هجن.

بهرحال ڪتاب ڪيترو ڪارگر آهي، ان جو پورو اندازو پڙهندڙ ئي لڳائي سگهندا.

**سيد حاڪم علي شاهه بخاري**

دادو، سنڌ

# مهراڻ جي ٻولي

مُهين (مهن جي دڙي) جي کوٽائيءَ کان پوءِ اسان کي سنڌو تهذيب جا آثار ملن ٿا، پر مهين جي مورتي۔ اکرن کي اڃا ڪو ماهر تصديق سان پڙهي نه سگهيو آهي. علم الآثار جي ماهرن، جيڪي رايا قائم ڪيا آهن، سي تاريخ نه آهن، تاريخ جا آثار آهن. سنڌو تهذيب جي تاريخ اصل تڏهن ملندي، جڏهن مُهين جي مُهرن جي ٻولي پڙهي ويندي. مهين جو شهر 6000 کان 12000 ق. م پراڻو ته چئي ٿو سگهجي، پر اها تاريخ ڪٿان آڻجي ته مهين جو شهر ڪنهن نهرايو ۽ ان جي برباديءَ جو ڪارڻ لکت ۾ ڪٿان ملي. مهين جي مُهرن جي زبان اڃا تائين ڪير به خاطريءَ سان پڙهي نه سگهيو آهي، پر اسان پُراميد آهيون ته سنڌ جي قديم ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ ضرور ڪي سڄاڻ پيدا ٿيندا، جيڪي مهين جي مورتي زبان پڙهي، مُهين جي تاريخ کي چٽو ڪندا ۽ مهين جي تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ ملي ويندي.

**’وادي مهراڻ‘ جو نالو ڪيئن پيو؟**

آرڪيالاجيءَ جا ماهر چون ٿا ته مهين جو شهر پوئين پٿر جي دؤر جو حسين يادگار آهي. پوئين پٿر جي دؤر جي طبعي عمر ڏهه هزار سال چئي وڃي ٿي. **’مهراڻ جي وادي‘** سنڌوماٿريءَ کي چيو وڃي ٿو. **’مانسرو ور ڍنڍ‘**[1] کان ڪاري چاڻ تائين سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن جي وچايل ميدانن کي **’مهراڻ جي وادي‘** چيو وڃي ٿو. اڃا مهراڻ جي وسعت کي وڌائڻ لاءِ هيئن چئي سگهجي ٿو ته سنڌوءَ جو پاڻي جتي پهچي زمين آباد ڪري ٿو، اهي سڀ آباد علائقا ’وادي مهراڻ‘ ۾ اچي وڃن ٿا.

مهين جي اوُج واري زماني جي هڪ روايت سنڌوءَ جي ٽڙ يعني بندر رُڪڻ جي هڪ وڏي هيڙيائت، اُيريي خان هيئن بيان ڪئي ته: ’مهين جو شهر

---

[1] هائي اها حد، ٿبيٽ جي علائقي "سنگي ڪباب" تائين وڌائي سگهجي.

مهاڻن جو ٻڌرايل هو. جيڪو سنڌوءَ جو هڪ وڏو بندر ۽ واپاري مرڪز هو. مهين ۾ سنڌوءَ جا ٽي بندر هئا، جن تي آمد رفت ٿيندي هئي: **مهين جو بندر، دلمون بندر مهراڻ بندر.**

مهين ۾ درياهه جو وڏو پوڄارو 'مهراڻ' نالي هڪ مهاڻو هو. جنهن سنڌ ۾ پهرين ٻيڙي ٺاهي، سنڌوءَ ۾ لاٿي. ممڪن آهي ته هُو ٻيڙيءَ کان اڳي ٽلو ۽ ترُ ٺاهي درياهه ۾ اورپار آيو ويو هوندو ۽ ان مان ٻيڙي ٺاهڻ جو خيال ذهن ۾ آيو هَوندس.

چون ٿا ته ان سمي مُهين کان ڪجهه فاصلي تي اتر ۾ چيل يا ديال جهڙي ڪاٺ جا ٻيلا هئا، جتان هن مهاڻي ڪاٺ وڍرائي ٻيڙي ٺاهي، جنهن جي ساخت موجوده سنڌي ٻيڙيءَ جهڙي هئي. مهراڻ اها ٻيڙي، واهوندن جي موسم ۾ درياهه ۾ لاٿي. ٻارهن ڏينهن لڳاتار مُهين جي ماڻهن جشن ملهايو ۽ درياهه شاهه جي پوڄا پاٺ ڪئي. هر سال ان ڏينهن تي 'مهراڻ جشن' ملهايو ويندو هو. مهراڻ مهاڻي پنهنجي ٻيڙي انهيءَ طرف رواني ڪئي، جيڏانهن سنڌو وهي آئي ٿي. مهراڻ، ست پهلوان جوانَ ٻيڙي ڪاهڻ لاءِ ساڻ ڪنيا. ڇهن پنجن مهينن جي پنڌ کان پوءِ مهراڻ 'مانسرو ور ڍنڍ' تي پهتو. اتان جا سنڌوءَ جي ڪنارن تي آباد ڀيل ماڻهو 'مهراڻ' کي ديوتا سمجهڻ لڳا ۽ سندس قدم چمڻ لڳا. ٻه مهينا مهراڻ پنهنجي ٻيڙي مانسرو ور ڍنڍ ۾ ڦيرائي گهيرائي. ان سمي مانسرو ور جا ٻه ڀيم يا ٻه حصا هئا: ڏکڻ واري حصي کي مهراڻ ديوتا جي ڍنڍ چوڻ لڳا ۽ اتر واري حصي کي مانسرو ور. مهراڻ جڏهن واپس مهين طرف موٽيو، تڏهن هڙپ ۽ ڏرپ نالي ٻن ديوتائن، مهراڻ کي ٿورن ڏينهن لاءِ پاڻ وٽ ترسايو. مهراڻ جي آجيان لاءِ هڪ جشن ڪرايو ويو. جنهن ۾ 'سنڌوءَ' جو نالو بدلائي 'مهراڻ' رکيائون. 'مهراڻ' سانوڻ جي منڊ ۾ مهين جي ٽڙ تي پهتو. مرد ۽ عورتون قطارون ٻڌي گهٽين ۾ بيٺا ۽ مهراڻ ۽ سندس ساٿين تي ڪنول جي گلن جي ورکا ڪندا رهيا. مهراڻ جي ستن ساٿين کي 'ميد مهاڻا' سڏيائون. ٻارهن ڏينهن وٽن رهي، مهراڻ، انهيءَ طرف ٻيڙي ڏکي، جيڏانهن سنڌوءَ جو وهڪرو وهيو ٿي. ستن ڏينهن اندر ٻيڙي **شاهبندر** واري هنڌ تي پهتي. سمنڊ متل ڏسي

مهراڻ جي همراهن دل نہ جهلي ۽ سنڌوءَ جي ڪناري تي ٻيڙي ٻڌي ڇڏيائون. مهراڻ ٻن مهينن بعد وري موٽ ڪائي، سپني سائين سان گڏ مهين بندر تي پهتو".

روايت ڪندڙ اپري خان ملاح وڏيڪ ٻڌايو تہ "مهراڻ جڏهن ڪاري ڇاڻ ڪان ٿي موٽي آيو تہ هن ڪي پٽ ڇاٽي جنهن جو نالو مهين وارن 'سوپارو' رکيو. مهراڻ، ڪاري ڇاڻ ۾ سمنڊ جي ڏيا ڏٺي هئي ۽ محسوس ڪيائين تہ سندس ننهيل ٻيڙي سمنڊ جي سٽ سهي نہ سگهندي. هن پوءِ پوري هڪ سال جي محنت سان وڏو ٻيڙو تيار ڪيو ۽ اُن ڪي مهين جي وڏي تڙ تي بيهاريو. پاڻيءَ ۾ لاهڻ ڪان پوءِ انهيءَ ٻيڙي يا 'واڻ' جا رسا، سڙهہ، آلات ۽ ڪوهو تيار ڪيائين. وري بہ واهُوندن جي منڊ ۾ سون، چاندي، عاج ۽ ڪپهہ ٻيڙي ۾ وجهي، ڪاري ڇاڻ ڪان سمنڊ ۾ پهتو. انهيءَ دؤر ۾ بابلين ۽ سميرين جو واپار سنڌ جي واپاري مرڪز 'مهين' سان هلندو هو. مهراڻ بہ سمنڊ جو واپار سکيو.

راويت ڪندڙ وڏيڪ ٻڌايو تہ "سؤ سال مهراڻ ڏيساور سان واپار ڪندو رهيو. پوءِ سوپاري، جنهن کي 'ناکٿو سوپارو' سڏيو ويندو هو. بابلين ۽ سميرين سان واپاري تعلقات قائم رکيا ۽ مهراڻ جي نقش قدم تي هلندو رهيو."

**مهاڻا:** 'مهاڻا' نالو ميربحرن جو بنيادي نالو آهي. ڪن محققن جو چوڻ آهي تہ 'مهاڻو' لفظ 'مهراڻو' آهي، جو بدلجي مهاڻو ٿيو آهي؛ ڪن جو چوڻ آهي تہ 'مهاڻو' لفظ جي معنيٰ آهي 'مانائتو' ميربحر يا اميرالبحر (بحر جو بادشاهہ). ميربحر نالو عربن ڪان پيل آهي. مهاڻو بہ ايترو ئي تعظيم وارو نانءُ آهي. مهاڻا رڳو مڇي ڪونہ ماريندا هئا، مگر هو ٻيڙا ۽ غوراب بہ هلائيندا هئا. سنڌ جي ملاحن کي وڏا ٻيڙائت بہ چوندا آهن. ملاح يا مهاڻو قبيلو، سنڌ جو اوائلي قبيلو آهي، جو جو پهرين سپ ماڻهو درياهہ جي ڪنارن تي آباد ٿيا هئا. اُن ڳالهہ جي ڪوبہ محقق يا تاريخدان مخالفت نٿو ڪري سگهي. مهين جا مهاڻا، هنرمند ۽ وڻجارا هئا. هنن جو ڏورانهن ڏيهن سان واپار هلندو هو. **مهين جو شهر مهاڻن جو ٻڌايل شهر هو.** اُن لاءِ رئيس ضياءَ الدين بلبل ۽ تاج صحرائيءَ ڪيترا دليل ۽ ثبوت ڏنا آهن.

مهاڻو قبيلو سنڌ جو وطن پرست قبيلو آهي، جيڪو صدين کان سنڌ جي حفاظت لاءِ جان ۽ مال جي قرباني ڏيندو رهيو آهي.

'ميد' پهريان جان نثار آهن، جن سڪندراعظم کي ٺونٺا چبايا. سڪندر پاڻ سان گڏ فنيقي ملاح آندا هئا. ميدن سڪندر جي لشڪر تي رات جو حملا ڪري، يوناني لشڪر کي جاني ۽ مالي طرح وڏو نقصان رسايو. جيتوڻيڪ سڪندر جا سپاهي، جن ميدن کي ماريندا هئا. تن جا سر وٽن ۾ ٽنگي ڇڏيندا هئا ته جيئن ميدن تي هراس ويهي، پر هُو بهادر مرد، هر روز مٿن راتاها ڏيندا يعني سڪندر جي لشڪر تي حملا جاري رکندا هئا. ميدن جي ڊپ کان سڪندر دل مان دنيا فتح ڪرڻ جو خيال لاهي، بابل ڏانهن موٽ ڪئي ۽ ناڪاميءَ جي سور ۾ اتي وڃي مئو.

راءِ گهراڻي جي حڪمران راءِ سهاسيءَ جي دؤر ۾ ملاحن يا مهاڻن کي آبياني جو حصو ملندو هو، جنهن جي عيوض هو درياهي يا ساموندي حدن جي حفاظت ڪندا هئا. چچ ۽ ڏاهر به ملاحن کي آبياني جو ڪجهه حصو ڏنو. ان دور ۾ جيڪي آباديون سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي ٿينديون هيون، تن جي آبياني جي رقم ملاحن کي ملندي هئي. ديبل بندر تي واسو يا واسوا (ڪارو) راڄنيتي ۽ پنچات جو مکيه ميمبر هو. راجا ڏاهر جي وقت ۾ جڏهن سرانديپ/ سلون جا جهاز توائي تي، طوفان ۾ ڦاسجي، سنڌ جي حدن ۾ آيا، تڏهن ڪاري واسو پنهنجي غورابن تي چڙهي، چار جهاز يا غوراب، جن ۾ عربن جون چند عورتون به هيون ۽ گڏوگڏ ڪيترو ئي مال اسباب پڻ هو، گهيري ۾ آڻي، ديبل بندر تي آندا. ديبل شهر جي گورنر عربن جي مال ۽ عورتن مان سرڪاري اعلانيه حصو نه ڏنو. ان ڪري واسو ناراض ٿي پيو ۽ عربن جا جهاز جڏهن ديبل بندر فتح ڪرڻ لاءِ ساموندي حدن ۾ داخل ٿيا ته واسوءَ جي حڪم تي درياهي ڏاڙيلن (ملاحن) جهازن کي نه روڪيو ۽ اهي آسانيءَ سان بندر تي پهچي ويا.

مُهين کان پوءِ ميدن پنهنجا حق سنڌو درياهه تي قائم رکيا ۽ پنهنجيءَ طاقت سان ملاح قبيلي کي اوج ڏياريو. ان کان ڪيترين صدين پوءِ به ملاح يا مهاڻا پنهنجن حقن جي حفاظت ڪندا آيا. عربن جي دور ـ حڪومت

۾ مڇيءَ تي ڪا ڍل وغيره ڪانہ هئي، پر سنڌ جي سامونڊي حدن جي نگهباني عرب ملاحن جي حوالي ڪئي وئي.

## سنڌو درياهہ جي وهڪرن جو جائزو:

سنڌو درياهہ جي قدامت، سنڌ جي تهذيب کان بہ پراڻي آهي. تبيت مان "سنگي کباب (شينهن جي وات وٽان) مانسرو ور ڍنڍ ۽ هماليہ جي اوچن پهاڙن جي گود مان ٿيندي، سنڌوندي جابلو علائقن مان ور وڪڙ کائي، ميداني علائقن ۾ پهچي ٿي. ان بعد سنڌ جي حسين واديءَ مان وهي، ڪاري چاڙ کان بہ هيٺ ڍيلتا ٺاهي، سمنڊ ۾ پوي ٿي.

سنڌو نديءَ بابت آثار قديمہ جي ماهرن جي تحقيقات آهي تہ سنڌ ڌرتيءَ تي پنجن ميلن کان وڌيڪ ڪٿي بہ اهڙي زمين ڪانہ ملندي، جا سنڌوءَ اٿلائي نہ هجي. سنڌونديءَ وقت بہ وقت پنهنجا رخ پئي بدلايا آهن: ڪڏهن 'ڪير ٿر' جي پير ۾ وهي آهي تہ ڪڏهن ٿر جي سار لڌي اٿس. سنڌ جون سموريون ڍنڍون، سنڌو درياهہ جا پراڻا پيٽ آهن. 'منڇر' جهڙي ايشيا کنڊ جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ پڻ سنڌوءَ جي ڇڏيل پراڻ آهي. سنڌوءَ جڏهن بہ پنهنجي وهڪري جو رخ بدلايو آهي تہ پراڻي وهڪري کي ڍنڍ جي صورت ۾ ڇڏيو آهي. ڪيترا سال 'ٻر هڙن' جي موسم يا درياهي چاڙهہ جي موسم ۾ اهي پراڻ جا ڍورا ڀرجي وهندا هئا. لطيف سائينءَ سُر ڏهر ۾ ڍورن ڍاڳي، ٻلهيار ۽ پراڻ جو ذڪر ڪيو آهي، اهي بہ سنڌوءَ جا ڇڏيل ڍورا آهن. 'منڇر' واري درياهہ لاءِ هڪ آرڪيالاجيءَ جي ماهر لکيو آهي تہ: "منڇر جي پيٽ وارو درياهہ، مهين جي تباهيءَ جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو". هن وڌيڪ لکيو آهي تہ: "راتو رات منڇر واري درياهہ جي پيٽ ۾ بہ تَڪرَ اڀري پيا، جڏهن درياهہ کي آڏو بند اچي ويو ۽ پاڻيءَ پوئتي اٿل کاڌي لوهم ۽ مهين جا شهر انهيءَ اٿل ۾ تباهہ ٿيل ٻانئجن ٿا."

## سنڌوءَ جو منڇر وارو وهڪرو:

سنڌو درياهہ مُهين جي اوير ۾ وهندو هو. موجوده ڏوڪريءَ جي ڏکڻ کان وٺي راڌڻ جي 'گهڙي جي پراڻ' انهيءَ درياهہ جو پيٽ هو. گهڙي جي ڍنڍ کان

درياهہ. ’بيلي پٽڻ‘ کان وهندڙ سون مياڻيءَ جو اولهہ وارو پاسو وٺي، موجوده جوهيءَ ۽ ڇنيءَ کان منڇر جي پيٽ ۾ وڃي پوندو هو. ان درياهہ کان اڳي سنڌوءَ جو وهڪرو موجوده ’ڇڪڻ ڍنڍ‘ وارو هو جيڪو اوپر کان وهي لوهم جي اولهہ ۾ وهندڙ منڇر واري پيٽ ۾ وڃي پوندو هو. مهين جي تباهيءَ جو ڪارڻ جيڪڏهن منڇر جي پيٽ ۾ اپريل تَکر آهن تہ منڇر ڍنڍ، سنڌوءَ جي ڇڏيل ڍنڍ ڇٺبي، جيڪا مهين جيتري پراڻي آهي. اها ڳالهہ تہ واضح ٿيل آهي تہ سنڌ جا مشهور شهر، سنڌونديءَ جا مشهور واپاري بندر پڻ هئا.

**سنڌوءَ جا ڦاٽ ۽ واهہ:**

سنڌو جڏهن ڊيمن ۽ بندرن جي گرفت ۾ ڪانہ هئي، تڏهن پنهنجا وهڪرا بدلائيندي رهندي هئي، ان ڪري سنڌوءَ کي ’پورالي ندي‘ چوندا هئا. سنڌو جڏهن سانوڻ يا هاڙهہ جي برهڻ ۾ موج ۾ ايندي هئي، تڏهن نندين نندين ڪسين کي وبڪرا ڦاٽ ڦاهيندي هئي. جيڪي سنڌ جي سرزمين کي آباد ڪندا هئا. اهڙا ڦاٽ سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن تي هوندا هئا.

’الهندو نارو، اڀرندو نارو، ڦليلي ۽ پيڇاري، انهيءَ دؤر جا اهڃاڻ آهن. سنڌ ۾ ڪن پين درياهن جا بہ تاريخي نالا آهن. جهڙوڪ هاڪڙو درياهہ، ريڻ درياهہ، سهڻيءَ جو درياهہ، اهي درياهہ، سنڌو درياهہ مان ڦٽا آهن. هاڪڙي لاءِ محقق لکن ٿا تہ هي سنڌوءَ کان الڳ درياهہ هو. آءٌ پنهنجي خيال موجب چئو چوڻ چاهيان ٿو تہ هاڪڙو سنڌوءَ جي ٻہ درياهيءَ جو اهڃاڻ آهي. هر دؤر ۾ سنڌوندي ڪيترين جاين تي ٻہ درياهي ڪندي هئي: هڪ وهڪرو (سون مياڻي دادوءَ جي شهر جي اتر اولهہ ۾ چند ميلن تي بہ آ ي)، اصلي وڏو وهڪرو سنڌوءَ جي نالي سڏبو هو. ٻئي وهڪري کي ٻہ درياهي چوندا هئا. هاڪڙو بہ روهڙيءَ کان ستر ميل اتر ۾ سنڌوءَ جي ٻہ درياهيءَ جو روپ ناهي، بڪار جي ميدان مان وهي، اروڙ جي اوپر کان ٿيندو ڪڇ تائين پهچندو هو. ڍوري ناري جو ڍورو، هاڪڙي جو ڇڏيل آهي. پاڻيءَ جي لحاظ کان سنڌ جي ڪيترن شهرن جا نالا ملن ٿا، جهڙوڪ: سَرُ چاهي، واهُ، تڙ وغيره. مثال: تبيسر سليمان جي چاهي، هنگورن جي واهُ، گجوءَ جو تڙ وغيره.

# درياهہ جي پاڻيءَ بابت لفظ

’سنڌ‘ ڌرتيءَ جو جنم ۽ هستي ’سنڌو درياهہ‘ سان قائم دائم آهي. سنڌي ٻولي دنيا جي قديم زبانن مان هڪ آهي، ان ۾ درياهہ جي پاڻيءَ بابت ۽ ان سان لاڳاپيل لفظن جو وڏو ذخيرو موجود آهي. هتي اهڙن لفظن جو پنهنجيءَ ڄاڻ آهر تفصيل درج ڪجي ٿو:

- **درياهہ جو پيٽ:** اها زمين، جنهن جي مٿان درياهہ وهندو هجي.
- **درياهہ جي اٿل:** آرهڙ جي منڊ ۾ جڏهن درياهہ موج ۾ ايندو آهي تہ ڪنارن کي ٻوڙي اٿلي پوندو آهي، جنهن کي اٿل يا پاڻيءَ جي چڙ چئبو آهي.
- **درياهہ جي پائڪ:** درياهہ ڪنارن کي پائيندو آهي ۽ درياهہ جي اُن عمل کي ’پائڪ‘ يا ’پائيندڙ‘ چئبو آهي. درياهہ جو پاڻي هيٺان ٿي هيٺان ڪنارن تي لڳندو آهي ۽ پوءِ مٿان مٽيءَ جا وڏا دوڳ ڪيرائيندو ويندو آهي، جن کي ’ڀيرڀون‘ چئبو آهي.
- **اوهيرا:** درياهہ ڊِسُڙ مٽيءَ کي هيٺان ڪائيندي ڪائيندي گولائيءَ ۾ ٽڪرٽيون ٽڪرٽيون ڀيرڀون ڪيرائيندو آهي. درياهہ جي ان عمل کي ’اوهيرو‘ چئبو آهي. ملاح چوندا آهن: ”درياهہ اوهيرا ٿو ڏئي“.
- **آجهار:** درياهہ جنهن طرف پائڪ وجهندو آهي، يا جنهن طرف رخ ڪندو آهي، انهيءَ پاسي کي آجهار چوندا آهن. آجهار وٽ درياهہ تمام اونهون هوندو آهي ۽ پائڪ بہ هوندي آهي.
- **درياهہ جو ڇڄ:** درياهہ پاڻيءَ جو ’ڪوپال‘ ناهي، رخ مٽيندو آهي تہ اتي درياهہ جو ’ڇڄ‘ نهي پوندو آهي. ڇڄ جي معنيٰ

بيٺل پاڻي آهي.

- **درياهه جو گهندو:** ڪنهن جاءِ تي درياهه جو پاڻي چڪر ڪاٽي اوپارو وهندو آهي ته ان کي 'گهندو' چئبو آهي، جرڪو ننڍين مڇين کي ڪاڻڻ لاءِ گهنڊي ۾ بيهندو آهي.
- **درياهه جي سير:** درياهه جي وچ واري تيز وهڪري کي 'سير' چئبو آهي.
- **درياهه جي چِڪڻ:** درياهه جڏهن پاڻڪ ڪندو آهي ته ڏسڻ واري ڪناري کي جهٽ ۾ پائيندو ويندو آهي، پر ڪناري جي ڪا ڪا ڏسڙ ۽ وارياسي زمين ته پائجي ويندي آهي، ليڪن ان جي هيٺان جيڪا سخت تهه واري زمين هوندي آهي، ان کي پاڻي نه سگهندو آهي. مٿين ٻه چار فوٽ مٽي پاڻڪ ۾ پائجي ويندي آهي، پر هيٺئين حصي کي درياهه ڪڏي نه سگهندو آهي. پاڻي هميشه سنوت ڳوليندو آهي، ان ڪري ان پڙيءَ تي زور لائيندو آهي، جنهن کي 'چڪڻ' چئبو آهي. چڪڻ تي درياهه آواز ڪندو آهي، جنهن کي 'درياهه جو رڙڻ' به چوندا آهن. چڪڻ واريءَ جاءِ تي ڪُن به ٿيندا آهن. پاڻيءَ جو اوپارو وَٽ به ٿيندو آهي. اوپارو ۽ لهوارو پاڻي ملي 'ٻچول' ناهيندو آهي.
- **ڪُنَ:** چڪڻ جي هيٺان مٿان ٽَڪريل پاڻيءَ جي موٽ تي وَٽَ ۾ ڪُن ٺهندو آهي. ڪُنَ ٻيڙين کي اٿلائي وجهندو آهي. ڪُن جي ڦيري ۾ وچ تي ڏرتي پئي ڏسبي آهي. درياهي ڪُن زمين جي واچوڙي وانگر ڦرندو آهي ۽ ڪنهن شيءِ کي جهلي اڇليندو آهي ته ساهواري شيءِ بچي پوندي آهي.
- **ٻچول:** درياهه ۾ اوپارا لهوارا وهڪرا ٽڪرائبا آهن ته ٻن قسمن جون چوليون پاڻ ۾ ٽڪربيون آهن، جن کي 'ٻچول' چئبو آهي.

- **لهوارو ۽ اوپارو وهڪرو:** ندي يا درياهه هيٺ وهندو آهي ته ان جي انهيءَ وهڪري کي "لهوارو وهڪرو" چئبو آهي ۽ جيڪو مٿي ابتو وهڪرو وهندو آهي ته ان کي "اوپارو وهڪرو" چئبو آهي.
- **لهرون:** واءَ سبب درياهه جي پاڻيءَ جي جيڪا چرپر ٿيندي آهي، ان کي 'چولي' يا 'لهر' چئبو آهي. لهر جو جمع لهرون ٿيندو.
- **بنا:** درياهه جي پڇوئڙن ۾ جيڪي پاڻيءَ جا هينئيان تهه مٿي ڦاٽندا آهن، تن کي 'بوڙيا' يا 'بنا' چئبو آهي.
- **لَس:** درياهه جو بنا تحرڪ جي وهڻ 'لس' سڏبو آهي.
- **ليٽ:** درياهه جي ڪنهن هڪ ڪناري ڏي وهڻ کي 'ليٽ' چئبو آهي، اهو وهڪرو درياهه جي آرَ جي ڪري به ٿيندو آهي ۽ هوا جي ڪري به پاڻيءَ جي هڪ ڪناري ڏي ليٽ ٿيندي آهي.
- **ڏار:** درياهه ڪنهن پاسي لَٽ (سلٽ) يا نَتُن وجهندو آهي، ته اتي پاڻي تانگهو ٿيندو آهي ۽ وهڪ ۾ درياهه سڌو سنواٽو ڏسبو آهي. چاڙو ملاح پري کان ئي ڏار کي محسوس ڪندا آهن. اڻڄاڻ ناکئا پنهنجي ٻيڙي وجي ڏار تي هٽندا آهن ۽ ٻيڙي ڏک کائيندي آهي. ڏار جو ڏک مشهور آهي.
- **پوڇڙ:** درياهه جي پوڇڙ درياهه جو تيز وهڪرو هوندو آهي. پڇڙيءَ تي درياهه جو پاڻي تيز وهندو آهي. اهڙيءَ طرح ڏار جي آخري لاهيءَ کي به 'پوڇڙ' چئبو آهي.
- **واهڙي:** ننڍو واهڻ جيڪو پاڻيءَ چڙهڻ سان ڪناري مان وهي هلندو آهي، ان کي 'واهڙي' چئبو آهي. واهڙيون، پاڻيءَ جي ڇڇڻ سان پوئتي درياهه ۾ وهي پونديون آهن.
- **ڪُمري:** درياهه جي پيٽ ۾ ڇڏيل ڇَرو جيڪو اونهو هوندو

آهي ۽ درياهہ جي چڙهڻ سان تيار ٿي وهندو آهي، ان کي 'کُهري' چئبو آهي.

- کَري: درياهہ جي لهي وڃڻ کان پوءِ ڪٿي ڪٿي ڇڏيل واهيون اونهيون هونديون آهن، جن جي اڳيان پنيان ننڍو پاڻي هوندو آهي، انهن کي 'کَريون' چئبو آهي. غيرواقف ماڻهو ننڍو پاڻي سمجهي، اوچتو 'کَريءَ' ۾ گهڙندو آهي ته ٻڏي ڪائيندو آهي.
- وهندڙيون: درياهہ مان نڪتل اڏِن جهڙيون واهيون، 'وهندڙيون' سڏبيون آهن.
- ڳاريون: ڪيتريون واهڙيون ويڪريون هونديون آهن، پر ڪنهن جاءِ تي سوڙهيون هونديون آهن. ته اهڙيءَ جاءِ کي 'ڳاري' چئبو آهي. ملاح مڇي مارڻ وقت انهن 'ڳارين' جي هنڌ تي رڇ لڳائيندا آهن ۽ چوندا آهن ته "ڳاريون ڪجن".
- ڪوپال: درياهہ ڪنهن جاءِ تي پاٽڪ دوران ڪناري کي گولائيءَ ۾ ڪائي اندر لنگهي ويندو آهي، ته ان کي 'ڪوپال' چوندا آهن.
- ڇرا: درياهہ جڏهن اٿل ڪندو آهي ته ڪناري جي پرواري زمين، جنهن جي مٿان ڇَر وهندي آهي، 'ڪڏون' يا 'ڇرا' ٺاهيندو آهي، جن کي ڪچي جا ماڻهو 'درياهہ جا ڇرا' چوندا آهن.
- ڇَر: درياهہ جو پاڻي ڪنارن کان اٿلي ڪچي ۾ داخل ٿيندو آهي ته ان پاڻيءَ کي 'ڇَر' چئبو آهي.
- ڪُنب: پائيندڙ ۾ آجهار يا اونهو پاڻي، ڪٿي پراڻ ڇڏيندو آهي، جنهن ۾ ڪي حصا ٿَرڇي يا لٽجي ويندا آهن. باقي آجهار جو اونهو تر وارو پاڻي وڃي بچندو آهي. اهو پاڻي

جيڪڏهن گهٽي ايراضيءَ ۾ هوندو آهي ته ’ڊنڍ‘ سڏبو آهي ۽ جي ٿوريءَ ايراضيءَ ۾ به ٿي پُرهه هوندو آهي ته ان کي ’کُنب‘ چئبو آهي.

- ڏُبو: درياهه جي چر جي ڇڏيل پاڻيءَ جي ننڍڙي حصي کي ’ڏبو‘ چوندا آهن.
- ڍورو: درياهه جي اڌ ميل کان مٿي ٻن ٽن ميلن تائين پاڻيءَ سان ڀريل ڪنهن قدرتي واهه جي ڇڏيل وهڪري کي ’ڍورو‘ سڏبو آهي.
- سيمون يا سم: درياهه جي جهلي بند يا واهن مان بند جي ڀِٽي پاسي زمين آلي ٿيندي رهندي آهي يا ڀر واري هيٺاهين زمين ۾ سمي سمي پاڻي ڪٺو ٿيندو آهي، ته ان کي ’سيمون‘ يا سم چوندا آهن.
- رُون: پاڻي آهستي آهستي ڪَهيءَ جي نارن وانگر وهندو آهي ته ان کي ’روڻ‘ چوندا آهن. روڻ بند نه ٿيندي آهي ته ’ڪنڊ‘ يا ’گهارو‘ پئجي ويندو آهي.
- ڪَسي يا ڪَسُ (موڪ يا اَڏَ کان ويڪري): درياهه جو وهڪرو ڪَسُ ۽ ڪَسُ کان سوڙهي وهڪري کي ’ڪسي‘ چئبو آهي، جيڪا ڪناري کان زمين ۾ وهندي رهندي آهي.
- نيان: اَڏَ، ڪسيءَ يا واهڙ جي وهڪَ، جتان پاڻي وهي وڃي، ان کي ’نياڻ‘ چوندا آهن. پاڻيءَ جي قدرتي وهڪ واري جاءِ يا هٿ جي ٺهيل (ڪوٽيل) پاڻيءَ جي وهڪ جي جاءِ کي به ’نياڻ‘ چئبو آهي.
- تارپاڻي: وڏو پاڻي، جنهن جي اونهائي پُرهه کان مٿي هجي.
- پُرهه: مرد ماڻهو هٿ مٿي ڪري بيهي ته پيرن کان هٿ جي آڱرين جي چوٽيءَ تائينءَ واري ماپ کي پُرهه چئبو آهي. پاڻيءَ جي اونهائيءَ جي ماپ اڳي ملاح هيئن ٻڌندا هئا: پير

گهٽ پاڻي يعني پير ٻوڙ کان وٺي گچيءَ هيٺان اُڙهه جيتري پاڻيءَ کي تانگهو سڏي سگهجي ٿو.

- **تار پاڻي:** سر کان مٿانهين پاڻيءَ کي 'تار پاڻي' چئبو آهي.
- **تٺُونسَّ (پاڻي):** ننڍو ۽ ڏکو پاڻي.
- **درياهه جو ڦاٽ ڪاٽڻ:** پاڻي ٻنهي ۽ پڇوڙن مان اوچتو ڦاٽ ڪاٽيندو آهي ۽ هيٺيون پاڻي مٿي اچي ويندو آهي ۽ اٿين ڏسڻ ۾ ايندو آهي ڄڻ درياهُ هيٺان ڪا شيءِ اوڳاڇي ٿو.
- **درياهه جو رنيڻ:** درياهه جڏهن ڇڪڻ کي پٽيندو آهي، تڏهن آواز ٿيندو آهي، جيڪو پري پري ٻڌبو آهي. ان آواز کي ملاح ۽ ڪچي جا ماڻهو 'رنيڻ' چوندا آهن يعني "درياهه جو رنيڻ".
- **درياهه جي موڙي:** درياهه جو آرُ جنهن طرف ٿيندو آهي، انهيءَ ڪناري جا ٻيٽ جلد پائيندو آهي. ملاح چوندا آهن "اچي ٻيٽن ۾ موڙي وڌي اٿس". يعني ٽڪرو پاٽڪ ڪٽي اٿس.
- **رُڳ:** درياهه جي ڇڏيل ٻيٽاريءَ کي رُڳ چئبو آهي. درياهه پائيندو آهي ته چوندا آهن ته: "رڳ ۾ پاٽڪ وڌي اٿس".
- **درياهه جي اُڇل:** درياهه جو جنهن طرف لاڙو هوندو آهي، ان کي درياهه جي 'اڇل' چوندا آهن. مثال طور: هُن پاسي يا هِن پاسي درياهه جي اڇل آهي.
- **درياهه جي جهول يا مٿار:** اوپر جو واءُ لڳندو آهي ته پاڻيءَ جون ڇوليون درياهه جي اولهه طرف ڪناري سان لڳنديون آهن. ان پاسي کي ملاح 'جهولي' چوندا آهن ۽ جنهن طرف جو واءُ هوندو ته ان پاسي کي 'مٿار' چوندا آهن. تيز واءُ لڳڻ ڪري درياهه ٻئي پاسي ليٽي پوندو آهي.
- **ڏار جو پوڇڙ/پڇڙي:** ڏار چرا چرا ٿي ويندي آهي يا جتي ڏار ختم ٿيندي آهي ته ان کي 'ڏار جو پوڇڙ' چوندا آهن.

اَٿَن تہ ٻيڙيءَ کي ڌڪ لڳڻ سان ٿنگ ٽي پوندو آهي ۽ ٻيڙيءَ ۾ پاڻي اندر گهڙي ايندو آهي. ان صورت ۾ خاص ڪري بار واري ٻيڙيءَ جو ٿنگ بند ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو آهي.

- **سر يا ڪانهن:** جڏهن درياهہ سَرن ۽ ڪانهن کي پائيندو آهي تہ اهي پاڙان پٽجي سڄي جا سڄا درياهہ ۾ وهي ڪرندا آهن. اهي بہ ڪٽي دڙو ٺاهيندا آهن. جيڪو ڪينجهوءَ جهڙو هوندو آهي.
- **ڦرندڙ دڙا:** سنڌو پوراڻي ندي آهي. جيڪا مڇربي آهي تہ ٻيلن جون چوڪڙيون پاڻي ڇڏيندي آهي. ٻيلي جو ڪاٺ يا سڄا سارا وڻ درياهہ جي تيز وهڪرن ۾ گندڙي جيان اٿلندا ايندا آهن. ڪنهن مهل انهن جو ٿُڙ مٿي، تہ ڪنهن مهل ٺار مٿي ٿيندو رهندو آهي. اهڙا دڙا بہ ٻيڙين کي نقصان رسائيندا آهن.

# ٻيڙين کان اڳ ۾ ترڻ جا سَنڌ

اوائلي دؤر ۾ جڏهن انسان درياهه جي ڪنارن تي اچي آباد ٿيا ۽ درياهه جون مڇيون ماري کائڻ لڳا، تڏهن ڪين درياهه ۾ ترڻ جي ضرورت محسوس ٿي. ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. ۽ هنن درياهه ۾ ترڻ لاءِ پهرباڻين ڪکن جا تُرها ٺاهيا. سنڌو درياهه جي ڪنارن سان ڪانهن ۽ سَرَ هئا، جيڪي وڏي ۽ سُڪائي، انهن جا تُرها ٺاهيا ويا، جن تي هڪ، ٻه، يا وڌيڪ ماڻهو درياهه ۾ تري سگهندا هئا. اڳتي هلي تُرَهي ڪي وڏو ڪري، سَرَن يا ڪانهن جي چيري ٺاهي، ان کان 'سڙهه' جو ڪم ورتائين.

- **بُنڊ:** ٻيڙين جي رواج کان اڳ ۾ ڪاٺ جا سُڪا بنڊ درياهه ۾ لاهي، انهن تي ماڻهو ترندا هئا. اڄوڪي دؤر ۾ به درياهه جي ڪپ وارا ماڻهو بُنڊَن تي تري پار ويندا آهن.
- **ٿرُ/ترِيون:** ماڻهن ۾ وڌيڪ سوچ اچڻ کان پوءِ وڏن ٿلهن ٿُڙن کي کوٽي، انهن جي وچ مان بوکر ڪڍي، ٻيڙيءَ جيان ٺاهيائون، جن تي به ٽي ماڻهو آسانيءَ سان تري سگهندا هئا. لوهه واري زماني ۾ وڏي ڪاٺ کي وچ تي خانو ٺاهي، ان جو اڳيون ۽ پويون حصو ڪهاڙيءَ سان تَري ٺاهي، تَريون بنائي، ٻيڙيءَ وانگر هلائيندا هئا. اهو ڄڻ ته ٻيڙيءَ جو بنيادي تصور هو.
- **ماٽي (ٺڪر جي)، مٽ، دلو:** ٺڪر جي ماٽي، مَٽ دِلو پڻ ترڻ جي ڪم ايندا آهن.
- **ٽلو:** پنج ست يا وڌيڪ ڪاٺ جا بنڊ هڪ ٻئي سان ڪانهن جي وٽيل نوڙين سان ٻڌي ٽلو ٺاهيندا آهن، جنهن تي ڪافي ماڻهو ويهندا آهن. ٽَلي کي لٺيءَ جي لڪڙي سان،

(جنهن کي پنجر چئجي ٿو)، هلائيندا آهن. ماني وغيره بہ اُن تي ڪئي ويندي آهي.

- **ٽَنبو:** ڪدوءَ جا ٽَنبا بہ ترڻ جي ڪم ايندا آهن. ماڻهو تڪي ترڻ لاءِ ٽَنبي کي سُٽَ جي ڌاڳن سان 'اَنهہ' وجهي چيلهہ ۾ ٻڌي ترندا آهن.
- **سيٺهہ يا سيٺاهہ:** سيٺهہ يا سيٺاهہَ ٻڪريءَ جي کل مان ٺهندي آهي. سيٺهہ کي پوين ٽنگن ۾ اَنهہ پيل هوندا آهن. جن ۾ 'سيٺاهيو' ٻئي ٽنگون لنگهائي، سيٺهہ کي ڦوڪيندو آهي. سيٺهہ کي ڦوڪڻ کان پوءِ هو سيٺهہ کي اُرهہ ۾ آٿي، سيٺهہ جي هوا واري نڙي ڏندن جي وچ ۾ ڏيندو آهي ۽ زبان جي چوٽيءَ سان هوا بند ڪري ڇڏيندو آهي ۽ هوا گهٽجڻ تي ان کي ٻيهر ڦوڪي بہ سگهندو آهي.

# سنڌو درياهہ جي ٻيڙين جا قسم

سنڌو درياهہ ۾ ڪيترن ئي قسمن جون ٻيڙيون وهنديون رهيون آهن. ماضيءَ ۾ سمورو درياهہ ٻيڙين سان پريو پيو هوندو هو. هاڻي سنڌو سُڪندو پيو وڃي تہ لطيف سائينءَ جو هيءُ بيت ياد اچي ٿو:

نہ سي ٽَڙِ هوڙاڪ، نہ وايون وڻجارن جون،
سرتيون سامونڊين جا، اڄ پڻ ڇڪيم چاڪ.

هاڻي اهي ٻيڙين جا نمونا ختم ٿي ويا آهن. پتڻن تي جيڪي ٻيڙيون هونديون هيون، اهي بہ ڊاڙيلن جي ڪاررواين جي ڪري حڪومت بند ڪرائي ڇڏيون آهن. بهرحال، سنڌي زبان جي انهن عجيب لفظن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هتي ٻيڙين جا نالا ڏنا وڃن ٿا:

ڪونتل ’ٻتيلو (ٻنا پاتاري)، پاتاريءَ سان ڪؤنتل، پاتاريءَ سان ٻتيلو جهمٽي، دنگي، ڪتارو، ڊونڊي، هڙيو يا هڙهيو، ڪؤنٽيو گاليو، مڪڙي، تراڙ ناؤ، وانءِ، چوڏو نيہ.

- ڪؤنتل: ڪؤنتل ٻيڙي، سنڌي ٻيڙين ۾ سهڻي ٻيڙي آهي. ڪؤنتل جا مُهرا سوڙها ۽ پلاند ڊگها ٿيندا آهن. چيو وڃي ٿو تہ ڪؤنتل مهراڻ مهاڻي جي نهيل ٻيڙيءَ جي نموني تي ٺهندي آئي آهي. 19 صديءَ جي شروعات جي وڏي نهيل ٻيڙي (جو تہ ان کان اڳ ۾ وڏيون ٻيڙيون عام موجود هيون)، جيڪا هڪ سؤ خرار (ٽي هزار مڻ) پڪي اَن جو بار کڻندي هئي، ان جو نالو ’محفل‘ هو. محفل ٻيڙي مانجهندن جي هڪ هندو سيٺ جي نهرايل هئي، جيڪا 1940ع تائين درياهہ تي وهندي هئي. آخر ۾ اها ٻيڙي پندرهن سورهن سال ’رکن ٽڙ‘ جي ملاح ’گل‘ وٽ موجود هئي. اُن

محفل ٻيڙيءَ تي ويھ جوان ڪم ڪندا هئا.

- گرڙ ٻتيلو: هي ٻتيلو سکر جي هڪ ملاح ارڙهينءَ صديءَ جي آخر ۾ ٺهرايو هو. جيڪو محفل ٻيڙيءَ کان ٻه گهٽو بار کڻندو هو.

اٺويهين صديءَ ۾ ٻي ٻيڙي، جيڪا ڪراچي حيدريءَ ۾ ٺهي هئي، اها پهرين سنڌي ٻيڙي هئي، جيڪا سامونڊي تڙ تي ٺهي هئي، جنهنڪري ان جو نالو 'ڪراچي' رکيو ويو هو. اها ٻيڙي سيتا ڳوٺ جو ناکئو محمد هاشم سيتائي ۽ سندس پائر هلائيندا هئا.

- ٻتيلو (ٻنا پاتاري): ڪؤنتل ۽ ٻتيلي ۾ فرق هيءُ ٿيندو آهي ته ڪؤنتل جا پلانڊ ڊگها ۽ مُهرا سوڙها ٿيندا آهن. ٻتيلو پلانڊ يعني ڊيگهه ۾ سوڙهو ٿيندو آهي ۽ ان جا مهرا ڪؤنتل کان ويڪرا ٿيندا آهن. باقي جمڙدو ۽ ڳڙهه ڳلي ساڳي ڪؤنتل جهڙي هوندي اٿس. پاتاريءَ واري ڪؤنتل ۽ پاتاريءَ واري ٻتيلي کي وڏيڪ رڳو پاتاري، جمڙدو ۽ ڳڙهه هوندا آهن. ٻنا پاتاريءَ واري ٻيڙيءَ کي جمڙدو، ڳڙهه جي مٿان لڳندو آهي، باقي ٻيا سامان ساڳيا ٿيندا آهن. ڪؤنتل يا ٻنا پاتاري ٻتيلي ۾ رڳو پاتاريءَ وارو حصو نه هوندو آهي.
- جَهمٽي: جهمٽي به ڪونتل ٻيڙيءَ کي چئبو آهي، جيڪا نئين تيار ٿي درياهه ۾ لهندي آهي. اوائلي زماني جي ڏندڪٿائي روايت موجب نئين ٻيڙيءَ کي تيستر نه وهائيندا هئا، جيستر ديوتا ان ٻيڙيءَ تي سير نه ڪندا هئا: ان ڪري، ٻيڙيءَ کي ٻنهي مُهرن تي موڙ سجائيندا هئا: مرولون، بانبٽا ۽ بانبٽيون لڳائيندا هئا، جشن ملهائيندا هئا ۽ شوَ مهراج کي راضي رکڻ لاءِ ٻل چاڙهيندا هئا. واسو ٿيڻ کان پوءِ جهمٽي درياهه شاهه تي هلندي هئي، مسلمان ملاح به جهمٽيءَ کي سينگاري، پهرين پنهنجي مرشد کي ٻيڙيءَ

تي چاڙهي سير ڪرائيندا هئا. اهڙي جشن ۾ عورتون هڪ لوڪ گيت، سهرن وانگر چونديون هيون:

حضرت پير چڙهه جهمٽيءَ تي،
پير رکندو آ مرشد تون!

جهمٽي، ٻيڙيءَ جو ڪو خاص قسم ناهي، پر نڪور ٻيڙي جڏهن درياهه ۾ لهندي آهي ۽ ان کي سينگاريو آهي ته ان ٻيڙيءَ کي 'جهمٽي' چوندا آهن.

- **ڊنگي:** ڊنگيءَ کي 'ڪَنڍي واري ٻيڙي' به چوندا آهن. ڊنگي درياهه ۾ به وهندي آهي ۽ سمنڊ ۾ به وهندي آهي. واڄ/ واهڻ ٻيڙا پڻ ڊنگيءَ جي نموني ٺهيل هوندا آهن.
- **واڄ يا واهڻ:** هي ٻيڙا وڏا ٺهيل هوندا هئا، جن کي غوراب به چوندا هئا. اهي سنڌو درياهه جي بندرن تي ٺهندا هئا ۽ انهن جون مرامتون به ملاح پنهنجن پنهنجن ترن تي ڪرائيندا هئا. اهي ٻاهران واپار ڪري سنڌ ۾ آڻيندا هئا ۽ سنڌ مان سامان کڻي ٻاهرين ملڪن ڏانهن ويندا هئا.
- **ڪتار:** ڪتار ٻيڙي پڻ ڊنگيءَ جهڙي ٺهي ٺهندي آهي، پر ان جو تَرُ سڌو هوندو آهي. ڪتار کي ڪنڍي وارو تَرُ نه ٺهندو آهي. ڪتار بار کڻڻ يا پتڻ جو ڪم ڏيندي آهي. ڪتار کي ننڍي ٻيڙي هٿءِ ڪري ٻتيلو به چوندا آهن. هن جو مُهرو سوڙهو ٺهندو آهي. هن ۾ هڪ تلهي ڦرهي اڳيان لڳل هوندي آهي، جيڪا سونڊ جو ڪم ڏيندي آهي. وڏين ڪتارن کي لڪ متان چٺن مُنين تي ڏالان ٻيهاريندا آهن. ڪتار ڪاهڻ ۾ آسان ۽ هلڪي هوندي آهي، ڪتار ٻيڙي، ڪشميري ٻيڙين سان پڻ نسبت رکي ٿي. ياد رکڻ گهرجي ته ڊنگيءَ کي ڪتار نٿو سڏي سگهجي.
- **ڍوندي:** ڍونڍيءَ جو نمونو ڪوُنتل جهڙو هوندو آهي. ڪوُنتل

چئن پنجن سون مڻن کان ٽن هزار مڻن تائين يا ان کان به وڌيڪ بار کڻندڙ ٻيڙي هوندي آهي، جڏهن ته ڊونڊيون اڪثر مڇي مارڻ جي ڪم اينديون آهن. ڊونڊي ٻيڙيءَ جو سڙهه مستطيل جهڙو هوندو آهي. ڪن واهن تي ڊونڊيون پتڻ جو ڪم به ڏينديون آهن. ڊونڊيءَ کي ڳن جو 'سُکان' ٿيندو آهي ۽ ڳن جي زور تي ڊونڊي اور پار اُٿي سگهبي آهي. ڳن موڙي ڊونڊيءَ کي هلائبو آهي.

- هُڙهيو: هي ڪنار کان ننڍو ٿيندو آهي ۽ مڇيءَ مارڻ جي ڪم ۾ ايندو آهي، سڙهه واري هڙهيي کي ويڙهو ٿيندو آهي، ان کان سواءِ ڳن به ٻڌل هوندو اٿس. اڳئين زماني ۾ ننڍا هُڙهيا وڏين ٻيڙين تي رکيل هوندا هئا ۽ ضرورت وقت پاڻيءَ ۾ لاٿا ويندا هئا. وڏي ٻيڙي درياهه ۾ ٻيهندي هئي ته هڙهيا پاڻيءَ ۾ لاهي، ملاح ۽ پاتڻي انهن ۾ چڙهي ڪناري تي پهچندا هئا. ڪنارن وٽ جيڪڏهن پاڻي تانگهو هوندو هو ۽ وڏي ٻيڙي ڪناري کان پري تي ٻيهندي هئي ته پوءِ هڙهيي تي ملاح چڙهي ڪناري پهچندا هئا.
- ڪؤنتيو: ننڍڙن ٻتيلن کي 'ڪؤنتيو' چوندا آهن. ڪؤنتيا، ڏر جو سڌريل نمونو آهن. ڪونتيا هلڪا ٿيندا آهن ۽ انهن کيَ ڪم لاهڻ کانپوءِ به ماڻهو مٿي سُڪيءَ تي ڪٺي رکندا آهن. ڪؤنتيا مڇي مارڻ جي ڪم به ايندا آهن. ته پتڻن تي هڪ ٻن ماڻهن کي تڪڙي پهچائڻ لاءِ به استعمال ڪيا ويندا آهن. ڪؤنتئي جي جوڙجڪ ڪنار جهڙي هوندي آهي.
- گاليو: گاليو به هُڙهئي جهڙو ٿيندو آهي. گاليو خاص ماڻهن جي سير لاءِ جڙ ته هڪ ننڍو هڙهيو هوندو آهي، جنهن ۾ ٻئنچون ٺهيل هونديون آهن، جن تي بخمل جون گديون به

رکيل هونديون آهن. ملاح اهي گاليا سير تفريح لاءِ خاص تيار ڪري بيهاريندا آهن، جن ۾ سير تفريح جا شوقين ماڻهو چڙهي درياهه جو چڪر لڳائي ويندا آهن.

- نيه: لطيف سائينءَ نيه لفظ ٻيڙيءَ لاءِ ڪم آندو آهي. 'نيه' ڪوڙيل ڪاٺيءَ يا منيءَ کي بہ چئبو آهي، پر هتي مطلب ٿيو ٻڪهه لڳل ٻيڙي.

مان پڇنئي سپرين، چيتاريج چت،
دائما دُريءَ ۾، پسين ولاتُن وتُ،
نيه ڏيکاري نت، ملاح گڏ مَعلم سَين.

- مڪڙي: هر نموني جي ٻيڙيءَ کي 'مڪڙي' چيو ويندو آهي. سنڌ جي مشهور شاعر، خليفي گل محمد 'گل' پنهنجي شعر ۾ مڪڙي لفظ هيٺينءَ ريت ڪم آندو آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ مڪڙي، ٻيڙيءَ جو ٻيو نالو آهي:

چوڙ مڪڙي، بيهه مَ، وٽ رس، جُوان رڙهه،
هير جي ساڄي لڳئي، ڪڻ جلد سڙهه.

لطيف سائينءَ پڻ چيو آهي تہ:

تن تنيندو آءِ، مڪ ڏيهاڙي مڪڙي!

- تراز يا ترازو: هيءَ ڊنگي نما ٻيڙي ٿيندي آهي. اڳئين زماني ۾ سمنڊ ۾ وهندڙ واهڻ يا واڻ، جيڪي جوڙجڪ ۾ ڊنگيءَ جهڙا هوندا هئا. پر سندن نمونو انهن کان ٿورو مٽيل هوندو هو. ان قسم جي ٻيڙيءَ کي 'تراز' چوندا هئا. تراز ڪنارو ڏئي وهندا هئا. واهڻ کان هلڪا هوندا هئا، ۽ واءَ جي ڏيي تي بہ هلندا هئا. لطيف سائينءَ پڻ 'ترازو' يا 'تراز' کي ڳايو آهي.

ڊنگي هن درياهه مان، هلائي هاڪاري،

'ترازو' تاري، سُتڙ سيبئي ڪري.

- ناٿو/ناؤ: سنڌونديءَ جي ٻيلتا وٽ درياهه ڇرا ڇرا ٿي ويندو آهي. انهن ڇرن يا پاڻيءَ جي ڀاڱن کي ملاح 'ناٿو' چوندا آهن. خود سمنڊ پڻ ڪنارن ۾ اندر نهر وانگر لنگهي ويندو آهي، ته ان کي به ناٿو چوندا آهن. 'ناٿن' ۾ هڪ مخصوص قسم جون ٻيڙيون وهنديون هيون، جن کي 'ناٿو' چوندا هئا. 'ناٿو' ساموندي مڇي مارڻ جو ڪم ڏيندي هئي. هندي ۽ بنگاليءَ ۾ پڻ لفظ 'ناؤ' ٻيڙيءَ لاءِ ڪم ايندو آهي.
- وانءِ: وانءِ هڪ ٻيڙيءَ جو قسم آهي. قديم زماني جا ملاح بندرن تي هن ٻيڙيءَ ڪان اوطاق جو ڪم وٺندا هئا. جيڪي ساموندي يا درياهي ملاح ٻيرسن تي ويندا هئا، سي پنهنجن بندرن تي هڪ ڪؤنتل ٻيڙي، خاص پنهنجي وندر لاءِ بيهاريندا هئا، جنهن ۾ محفلون ڪرائيندا هئا. ڪيترن ڳوٺن کي ان حوالي سان 'وانءِ' به سڏيو ويندو آهي، جيئن: چنن جي وانءِ، سومرن جي وانءِ وغيره.
- ڇوڏو: ملاح اڪثر انڪساريءَ مان چوندا آهن ته "ادا مڙيئي 'ڇوڏڙي' تي پيا روزگار ڪريون". ڇوڏو، ٻيڙيءَ کي سڏيندا آهن. ملاح ان ڳالهه کي تڪبر سمجهندا آهن، جو چئجي ته "ادا! 'ڪؤنتل' جا ملاح آهيون". ائين چوڻ سان پاڻ کي مٿيرو سمجهڻ جو احساس پيدا ٿو ٿئي، ان ڪري ملاح نماڻائيءَ مان چوندا آهن: "ڇوڏي تي پيا هلون." اهو لفظ محاوري طور استعمال ٿيندو آهي، باقي ڇوڏو ٻيڙيءَ جو ڪو خاص

قسم نہ آهي.

## پنجاب جي ٻيڙين جا قسم:

هيٺ انهن ٻيڙين جا نالا ڏجن ٿا، جيڪي سنڌو درياهہ جي سنڌ وارن بندرن تي وهنديون هيون:

(1) زئونرڪ، (2) بگوچڻ، (3) نامڪڙي، (4) ڏونڊو

- **زئونرڪ:** هي ٻيڙيون پنجابي 'ڦمٽا' مهاڻا هلائيندا هئا، جيڪي اڪثر سنڌ جي بندرن تان مال کڻندا ۽ لاهيندا هئا. زئونرڪ جا مهرا وڏيل هوندا آهن. زئونرڪ کي بہ اڏو ٿيندو آهي، جنهن تي ڪوهو ٻيهاريو آهي. هن کي بہ ساڳيا لاڄو، تاليا، پوني ۽ رسا ٿيندا آهن. زئونرڪ پنجاب جي مهاڻن لاءِ ڪؤنتل جي برابر آهي. زئونرڪ تي پاتاري يا واڙا ڪونہ ٿين. ڪهل يا ڪيل قبيلي جا ماڻهو پنجاب جي ٻيڙين جا ملاح آهن. ڪهلن يا ڪيلن جو بنيادي علائقو ٺل ڪئنال ۽ سنڌو درياهہ جي وچ وارو پاسو آهي. اهو علائقو ضلعي ميانواليءَ ۾ آهي. ڪهل اٽڪي ويهڻيءَ ۾ اوائلي دؤر جي ماڻهن وانگر لڳندا آهن. اهي ڪميون، سيسر، پلهڻيون ۽ لڏڙا کائيندا آهن. چوندا آهن:

'جا پلجي پاڻيءَ ۾، سا مچي ڪني ڪرهہ'.

ڪي ڪهل پوئين دور ۾ مسلمان ٿيا، جن کي 'ديندار' چوندا آهن. ڪهل درياهہ جي پيٽ تان سنهي لڪڙ وڌي ڪارا ناهيندا هئا. هاڻي ڪي ٿورا بچيل ڪهل ۽ دينداركارا ناهيندا آهن ۽ ڪارن جو ترڪون پرائي، سنڌ جي جدا جدا شهرن ڏانهن موڪليندا آهن. سنڌو درياهہ ۾ سيسر پاڻيءَ جو وڏي ۾ وڏو جانور ٿيندو آهي. ڪهل سيسر ماري، ان جي کل ۽ وَهہ مان سٺا پئسا ڪمائيندا هئا. ان ڪري هڪڙا ڪهل خاص پلهڻ ۽ سيسر جي شڪار جي پويان هوندا هئا. اهي ڪاري

ڪان ٻلهڻن ۽ سيسرن جي پويان لڳندا هئا ته سکر تائين انهن کي نه ڇڏيندا هئا ۽ ڪين ضرور ڦاسائي وٺندا هئا. هن وقت سنڌو درياهه ۾ سيسر جو بنياد خير ڪو هجي، البت ٻلهڻ اڃا درياهه جي ڪن آجهارن ۾ موجود آهي، جنهن جو نسل ذري گهٽ ختم ٿيڻ تي آهي. ٻلهڻ ڪير ڏيندڙ مڇي آهي ۽ ڪيس عورت جهڙا ٿڻ سان ٻُبا يا ڇاتيون ٿينديون آهن. جيڪڏهن ڪو هڪ ڪُهل ڪا ٻلهڻ ڦاسائيندو هو ته ٻيا ڪهل نه کائيندا هئا. پر ٻه چار ڇڙا گڏجي ڦاسائيندا هئا ته پوءِ کائيندا هئا. هاڻي سنڌ ۾ رهندڙ ڪهل گهڻي ڀاڱي ديندار ٿي ويا آهن، ان ڪري ٻلهڻ کي حرام سمجهي نه کائيندا آهن.

ڦمڻا ملاح ملتان يا اصل پراڻيءَ سنڌ جا هئا. ان ڪري اُهي سنڌ ۾ ٻيڙيون وهائيندا هئا. اهي اوائلي دؤر ۾ زؤنر ڪون ۽ بگو ڇٽيون هلائيندا هئا ۽ پوءِ سنڌي ٻيڙيون ڪؤنتلون ۽ ڪتارون ٻه هلائيندا هئا. ڦمڻا پاڻ سان جوان سنڌي ملاح ٻه کڻندا هئا. ڇاڪاڻ ته اُهي درياهه جا ڄاڻو ۽ اورچ هوندا هئا.

- بگوڇن: هيءَ ٻيڙي زئونرڪ کان وڏي ٿيندي آهي ۽ درياهه جي سيني ٻيڙين کان مضبوط ٿيندي آهي. بگوڇڻ تي ٻه واڙو ڇڙهيل نه هوندو آهي، هن جو اڳيلي پاڇيلي تخت ٿورو ڪٽائون ٿيندو آهي. مهنال گولائيءَ ۾ هوندا اٿس، جن تي آئينا ۽ گل ڇٽ هوندا آهن. هي ٻيڙيون ٻه مال، ڪاٺ ۽ اگر کڻنديون هيون. هن وقت نه وهنديون آهن. ڇاڪاڻ ته سنڌوءَ ۾ پاڻي بنهه گهڻو گهٽجي ويو آهي. وڏيون بگوڇٽيون بار گهڻو کڻنديون هيون. هڪڙي بگوڇڻ چار هزار مڻ بار کڻندي هئي، جيڪا سکر جي هڪ هندو واپاريءَ ٺهرائي، هڪ پنجابيءَ ملاح کي ڏني هئي. اها محفل ٻيڙيءَ جي دؤر کان پنجاهه سال اڳ ٺهرائي وئي هئي.
- نامڪڙي: نامڪڙي، زئونرڪ جي نموني ٺهيل ننڍي ٻيڙي هئي، جيڪا سنڌو درياهه تي وهندي هئي، هيءَ ٻيڙي تمام تکي هلندي هئي. سيسرن جي پويان اهڙي قسم جون

ٻيڙيون لڳائيندا هئا، ۽ ڪين جلد وڃي پڪڙيندا هئا. ڪن جو چوڻ آهي ته 'نامڪڙي' ڪشميري ٻيڙين جو هڪ قسم آهي.

- ڍونڊو: ڪهل قبيلي جا ماڻهو ڪارن جي واپار لاءِ هڪ هلڪو بار ڪڻ جهڙو ۽ ٻيتلي جهڙو ڇوڳنيو ٻيڙو ٺاهيندا هئا، جنهن تي وڏيل لڪڙ مان ڪارا ٺاهيا ويندا هئا، ۽ هن ئي ٻيڙيءَ تي ڪارا ڪڻي وڏن وڏن بندرن تي کپائيندا هئا. هي ملاح ڍونڊي تي درياهه جي گهُنڊن ۾ ڪچون، ڪمَ، چرڪا، گندڻ، ٻتا ۽ مُڪَرَ ماريندا هئا. ڍونڊا، ڍنڍن ۾ به ٻيهاريا ويندا هئا. هنن ڍونڊن ۾ حلال جانورن جا هڏا پرائي، ملتان پهچايا ويندا هئا. ڪهل سنڌ ۾ هڏن جو واپار ڪندا هئا ۽ پنهنجي ٻيڙين ۾ هڏا ڪڻي ويندا هئا.

## سامونڊي ٻيڙيون

اهي سامونڊي ٻيڙيون، جيڪي سنڌوءَ جي بندرن تي ٺهنديون هيون، تن ۾ غوراب، واهڻ يا واڻ، ٻيڙا، دنگيون ۽ موجوده لانچون اچي وڃن ٿيون.

قديم اوائلي وڏا ٻيڙا، جن کي وڏن سڙهن سان گڏ ڇڇهريون ۽ ست سڪان هوندا هئا، تن جو لطيف سائين هڪ بيت ۾ اجهو هيئن ذڪر ڪري:

سوداگر سمونڊ جا، لاڄو لال وڻيج،
اڃا اولا عاج جا، چڱا چنائيج،
سڙهه سبي سقلات جا، ڪوها خوب ڪٽيج،
ست سڪان سَر ڪري، ڇهه ڇڇهريون اڏيج،
ٻارهن، تيرهن، چوڏهن، پندرهن سترهن سينگاريج،
سادي ست سيد چئي، پُوري پڄائيج،
لڙ ۾ ڪين لَڏيج ته سنڌ سامونڊي ٿئين.
(شاهه)

هن بيت ۾ باطني طرح يا ڪن شارحن جي مفهوم موجب پلي نماز ۽ وضوءَ جي فرضن ۽ سُنتن ڏانهن اشارو هجي، پر هتي لطيف سائينءَ ظاهري طرح مشاهدي واريءَ معنيٰ سان هن بيت کي بيان ڪيو آهي.

جنهن غوراب کي ست سکان هُوندا هئا، ان کي وچ ۾ وڏو سکان هُوندو هو. ٽي سکان هڪ پاسي ۽ ٽي سکان وچئين سُکان جي ٻئي پاسي هوندا هئا. اهي ٽي سُکان جيڪي هڪ پاسي ۽ ٽي ٻئي پاسي هوندا هئا، سي پاڻيءَ کان مٿي بيٺل هوندا هئا ۽ سُونهَن (guides) جو ڪم ڏيندا هئا، جن جو ڪنٽرول هڪ مُنٺي ۾ هوندو هو. ڇهہ ڇڇهريون، وڏن سڙهن کان گهٽ ننڍا مستطيل نموني جا سڙهہ بہ هوندا هئا، جيڪي بہ ٻيڙن ۾ هوندا هئا، جي گهٽي يا تيز واءَ ۾ مٿي ڪڻندا هئا. ٻارنهن، تيرهن، چوڏهن، پندرهن، سورهن ۽ سترهن وغيره سڙهن جي پاتن ڏانهن اشارو آهي.

- **واهڻ يا واڻ:** هنن جي جوڙجڪ دنگيءَ جهڙي ٿيندي آهي ۽ فرق صرف ننڍ وڏائيءَ جو آهي.
- **دنگي:** دنگيءَ جو ذڪر مٿي اچي ويو آهي.
- **ٻيڙا:** وڏن غورابن کي ٻيڙا چوندا هئا، جيڪي واپار لاءِ ٻاهرين ملڪن ڏانهن ويندا هئا ۽ واهوندن ۾ وري ايندا هئا.
- **لانچ:** موجوده لانچ سمنڊ جي ڪنارن سان پري پري نڪري ويندي آهي. هن ۾ بہ انجڻيون (مشينون) لڳل هونديون آهن، جن ذريعي رچ وغيره پاڻيءَ مان ڇڪي ڪڍبا آهن. هن دؤر ۾ لانچون سموري حيدري بندر (ڪراچي) جي سونهن آهن. سمنڊ ۽ درياهہ ۾ مڇي مارڻ لاءِ لانچون نهايت سهوليت واريون آهن، جن ۾ مهاڻا برف بہ کڻي ويندا آهن. اهي مڇي مارڻ لاءِ لانچون سمنڊ تي ڪڍي ويندا آهن، ۽ اٺن ڏهن ڏينهن کان پوءِ موٽندا آهن، تہ بہ مڇي سُٺي پئي هوندي آهي. برف کان اڳ ۾ مڇيون لوڻيون هيون، جيڪي وڏيءَ محنت کان پوءِ ٻاجيءَ جي ڪم ايندين

هيون. هاڻي نئين دؤر ۾ 'سرد خانن' کم آسان ڪري وڌو آهي، جيڪي لانچن تي اڄ بہ سنڌ جا ملاح ڪم آڻيندا رهن ٿا. هينئر درياھ ۾ پاڻي گهٽ آهي، ان ڪري وڏيون ٻيڙيون هلن ڪونہ. جتي جتي پتڻ آهن، اتي يا لانچون هلن يا ٻيڙين تي مشينون رکي انهن کي لانچن وانگر هلايو ويندو آهي، سنڌ جي تاريخي ڍنڍ ڪينجهر ۾ بہ لانچون، مسافرن جي سير تفريح لاءِ هلنديون آهن.

# ٻيڙيءَ جو ٺهڻ

ٻيڙيءَ جي پهرين ٺاهڻ واريءَ شروعات کي ٻيڙيءَ جو ’پٿرجڻ‘ چوندا آهن. سڀ کان اڳ جيتري ٻيڙي ٺهرائڻي هوندي آهي، اوترا هٿ يا ٽريون ڪنهن ڏوريءَ تي هڻي، يعني ٽيهه هٿ يا چاليهه هٿ (گهٽ يا وڌ) ڏوري ماپي، سنئين زمين تي ٺاهي، اُن ڏوريءَ جي ٻنهي ڇيڙن تي ڪليون ڪوڙيندا آهن. تَرُ (ٻيڙيءَ جو ترو) جيترو ويڪرو جهلڻو هوندو آهي، انهيءَ ڏوريءَ تي اوترا هٿ هڻي، ڪليون هڻندا آهن. پوءِ پسون ٺهيل تيار ڪيل گز، ماهيچا رندا لڳل مُني فوٽ کان ڏيڍ فوٽ تائين زمين تي ٻيهاريندا ويندا. ٻن پسن جي وچ ۾ فاصلو ڇڏيندا. ٻن ڪلين ۾ هن پاسي ۽ هُن پاسي جهلي ڇٽن ڇٽن ڪلين ۾ پسون ٻيهاريندا ويندا. پوءِ تَر جون ڦرهيون لوهه جي ڪيرن ساڻ پسن مٿان مضبوط ٽِڪائي، تَر تيار ڪندا آهن.

- **پسون:** تر کي مضبوط جهلڻ لاءِ ٻڌين وانگر جڙيل ڪاٺ کي ’پسون‘ چوندا آهن.
- **تر جو اٿلائڻ:** پسن جي مٿان تَرُ تيار ڪبو آهي، پوءِ تر کي اٿلائي سڌو ڪري رکبو آهي، ان بعد ڪچا لڳائبا آهن.
- **تر سان ڪچا ٽوپڻ:** تَر سان ڪچا جوڙي ملائبا آهن. يعني تر کي لڳائبا آهن، اُن عمل کي ’ڪچا ٽوپڻ‘ چئبو آهي.
- **مُنا:** ٻيڙيءَ جا منا اَڪثر لوهيڙي جي ڪاٺ جا ڪم آڻبا آهن. جڏهن ته مُنا ديال يا ٻئي ڪاٺ جا به ٺهندا آهن. مُنو گوني ڪنڌ وانگر ٻيهاريو آهي. مُني جو ڪچي سان ملائڻ وارو پاسو وڏو ٿيندو آهي ۽ تَر وارو پاسو پير وانگر ٻيهاريو آهي. مُنا ڪچي ۾ ڪلن يا ڪيرن سان مضبوط لڳائبا آهن ۽ مني جو تر وارو پير به مضبوط ڪيرن سان لڳائبو

اڏي يعني اڏي سان ٿوري فاصلي تي پوئين اڏيءَ کان پوءِ
ٿَرَ خالي رکيو آهي، جنهن ۾ بار يا سامان رکيو آهي. ان کان
پوئتي ڇَڪ واري اَڏي ٿيندي آهي.

- **ڇَڪ واري اَڏِي:** آلات يا آڏ کي مٿي کڻڻ لاءِ کُپيءَ سان ڇڪ ٿيندي آهي، جيڪا کنجيءَ سان گڏ اڏيءَ ۾ ٻڌل هوندي آهي، جنهن کي ڇُڪ واري اڏي چئبو آهي. ڇا ٻاهيءَ واريءَ اڏيءَ کي 'گِرلي اڏي' به چئبو آهي. ڇاٻاهيءَ جو واسطو شيخلي (شيَڪلي) سان آهي ۽ ڇڪ واري اڏيءَ جو واسطو آلات سان آهي. ٻيڙيءَ جا ٻه ڀاڱا ٻڌبا آهن: هڪ آڳيلي ٻيو پاڇيلي.
- **آڳيلي تخت:** ڇاٻاهيءَ کان اڳتي ڪامن وانگر ٿَرِياٽ هڻبا آهن ۽ انهن جي مٿان ڪاٺ جو تخت ٻڌبو آهي. تخت جي منڍ ۾ مهرو ٿيندو آهي. مهري ۽ تخت کي ڏار ڏيکارڻ لاءِ هڪ سرائي لڳل هوندي آهي. اڳئين مُهري کي 'آڳيلي' مُهرو' سڏبو آهي. مهري جي هيٺان لڳل ڪاٺ جي ڦرهن کي 'سراڙو' چوندا آهن. سراڙي جي ٻنهي پاسن کي 'سينڌ ڦل' لڳل هوندا آهن ۽ اُهي خوبصورتي پيدا ڪندا آهن. آڳيلي مهرو، ڪروٽ يا خلوت جي جاءِ شمار ڪندا آهن، جتي نماز پڙهندا آهن.

ڇُڪ واري اڏيءَ جي هيٺان ڪنجي ٿيندي آهي، جنهن کي پويان ٻي اڏي به هوندي آهي. ڪنجون ٻه آهن: هڪ هيٺين ڪنجي، ٻي مٿين ڪنجي. هيٺين ڪنجي، رڌڻي يا ٻورچي خاني لاءِ ڪم ايندي آهي.

- **ڪنهڙو:** هيٺينءَ ڪنجيءَ جي پويان ڪنهڙو ٿيندو آهي، جيڪو ويهڻ يا 'ڊائيننگ هال' جو ڪم ڏيندو آهي. اهو ٿَرَ کان پاچل تي به فوٽ مٿي ٺهيل هوندو آهي.

- **باندول:** مٿينءَ ڪنجيءَ کي 'باندول' چوندا آهن. باندول، ٻيڙيءَ تي رهندڙ عورتن لاءِ هڪ مخصوص ڪمرو آهي. مٿينءَ ڪنجيءَ ڪان پرڀتي پاچيلي تخت ٺاهيو ويندو آهي. پاچيلي تخت مُهري تي ختم ٿئي ٿو. پوءِ سرائي لڳندي آهي، جيڪا تخت ۽ مهري کي الڳ رکندي آهي. باندول لاءِ چئن منين تي ٿنڀن رکي، ان تي مٿان ڪاٺ جي ڇت رکبي آهي. ڇت تي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ يا مُنن ۾ ڳهڙا لڳل هوندا آهن. جن تي پير رکي ماڻهو مٿي چڙهي ويندو آهي. اها ڳالهه اڳ به ٻڌائي وئي آهي ته وڏين ٻيڙين تي اهي ٺاٺ باٺ هوندا هئا. باندولن ۾ ڪَواڙيون به هونديون آهن.
- **ڪواڙي:** باندول جي مٿين ڇت، جنهن کي دالان به چوندا آهن، ان کي هيٺئين پاسي پٽين جيان پسُن جهڙا ڪاٺ جا ٽڪرا لڳل هوندا آهن. اهي باندول جي ٿَنين تي ٻيهندا آهن. ان ڪري دالان ۽ ٿنيءَ جي وچ ۾ جيڪي خال بچندا آهن، تن کي 'ڪواڙيون' چئبو آهي. ڪواڙين جي ٻاهران ڇت واري دالان کي ڦرهيون لڳل هونديون آهن. جيڪي ڪواڙين کي ٻاهران ڍَڪيل رکنديون آهن. ڪواڙين ۾ ٿورو سامان اڳڙي ٽڳڙي وغيره به رکي سگهبي آهي.
- **پاچيلي مهرو:** پاچيلي مهري جي هيٺان 'سراڙو' ۽ ٻنهي پاسي 'سينڌ ڦل' لڳل هوندا آهن. سرائيءَ مٿان ڦتي ٿئي ٿي، جنهن تي سڪاڻي يا ناڪئو ويهي ٻيڙيءَ کي هيڏي هوڏي ضرورت موجب ڦيرائي سگهندو آهي. ڦتيءَ جي ٻنهي ڇيڙن ۾ گولائيءَ ۾ ٽنگ ڪڍيل هوندا آهن. جن ۾ ديال يا ٻئي ڪاٺ جون گول چڙهون پيل هونديون آهن. جن ۾ ڪپڙي جا نهيل وڏا گجگاه يا گجڪا جدا جدا رنگن جا ٻڌل هوندا آهن، جيڪي هوا تي ڦڙڪندا رهندا آهن. اهي

گجڪا سونهن جي لاءِ ٻڌبا آهن. بندرن تي جڏهن ٻيڙيون گڏ ٿينديون هيون ته انهن ٻيڙين جا نوان گجڪا ڦڙڪندا رهندا هئا. ڇڙهن ۾ مٿان 'واءَ پرڪٽيون' به وجهي ڇڏيندا هئا، جيڪي ٿوري واءَ تي انهيءَ طرف ڦري واءَ جو طرف ٻڌائينديون هيون، جيئن ناکئي کي خبر پوي ته واءُ ڦري پيو آهي. مهرن کي 'ڪانوريون' به لڳنديون آهن.

- **ڦٽي ۽ مُنيون:** مهري جي سرائيءَ جي مٿان ڪٽ جي پاٽي جهڙيون سهٽيون ٺهيل به مُنيون اٿيون. سرائيءَ جي ڪڍيل ٺنگن ۾ پيل هونديون آهن. هڪ ڦرهي رنڊيل (يعني واڍن جي رنڊي لڳل) ۾ سَلَ يا تنگ ڪڍيل هوندا آهن، جنهن ۾ 'ڇڙهون' وجهبيون آهن.
- **ڇڙهون:** سُڪانيءَ جي ويهڻ واري ڦٽيءَ جي نڪتل سَلَن يا تنگن ۾ پيل ڪاٺ جي ڏگهين ڪانين کي 'ڇڙهون' چئبو آهي.
- **گجڪا:** رنگين ڪپڙي جا ٺهيل ٻه وڏا جهنڊا، جيڪي ڇڙهن ۾ ٻڌل هوندا آهن، تن کي گجڪا چئبو آهي.
- **واءَ پرڪٽيون:** ڇڙهن جي مٿان لوهي تار يا ڪِليءَ وانگر ديال مان ٺهيل ڪانيءَ ۾ جهاز يا پکيءَ جي شڪل جهڙيون ڪانيون لڳائيندا آهن، جن کي 'واءَ پرڪٽيون' چئبو آهي.
- **ڪانوريون:** گل ڇٽ نڪتل پٽيون، جيڪي سُونهن لاءِ مهرن ۾ ٻين جاين تي لڳايون وينديون آهن. مهري جي ٻنهي پاسي، سرائيءَ کي پوري ماپ تي ڪَپ ڪڍيل هوندا آهن.
- **لانگ:** پاڇيلي مهري جي وچ کي ڪَپ ڏئي هڪ مهري ڪان هيٺ فوٽ منو (ٽي چار انچ) ٿلهي يا ويڪري ڦرهي لڳائيندا آهن، جيڪا، ترسان ملايل ڦرهيءَ ۾ لڳائبي آهي، انهيءَ کي 'لانگ' چئبو آهي. 'لانگ' کي مضبوط جهلڻ لاءِ

اڏيءَ ۽ اڏيءَ جي مٿان چٺن منين تي 'داڙباٽي' نهيل هوندي آهي؛ شيڪلي ڪان داڙباٽيءَ تي گولائي ڪيل هوندي آهي. داڙباٽي دالان ڪان هيٺ هوندي آهي، جيڪا رڳو گنبت جي مٿان هوندي آهي.

- **گنبت:** مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ ٻيڙيءَ جي تر ۾ پسون لڳل هوندا آهن ۽ هرهڪ پسونءَ ۾ ٻہ ٽي 'وريٽڙا' هوندا آهن. ٻيڙيءَ ۾ آڳل ۽ پاڇل جو سمنڊڙ پاڻي پسُن جي وريٽڙن مان وهي گنبت ۾ گڏ ٿيندو آهي ۽ پوءِ اهو پاڻي گنبت مان ٻاهر درياهہ ۾ اڇلبو آهي.
- **ٻيار:** پيش جي ڦرهن مان ٽبٽيءَ وانگر 'ٻيار' ٺاهيندا آهن. ٻانس جي هلڪي ٽڪر کي پويان ٻچانگيءَ وانگر چيري، ٻيار اُن (ٻچانگيءَ) جي اندر ٻڌندا آهن. گنبت ۾ پاڻي سوايو هوندو آهي تہ ٻيار سان ڪڍي درياهہ ۾ هاري ڇڏيندا آهن.
- **چؤرنگي:** هيءَ ڪاٺ جي ڪشتيءَ جهڙي نهيل هوندي آهي، جنهن سان ٻيڙيءَ مان ٿورو پاڻي ڪڍبو آهي، جيڪو ٻيار سان نڪري نہ سگهندو آهي. پاڻيءَ جو ٿورو ُڇڪو بہ چؤرنگيءَ سان ڪڍي سگهبو آهي. اُن کي 'چرنگڻ' بہ چئبو آهي. مُهري جي سرائيءَ جي هيٺان هر ڳليءَ جي پاسي ٻہ ٻہ مناڙا هوندا آهن، يعني ڪُل چار. پر ڪن ٻيڙن کي ٽي ٽي مناڙا بہ هوندا هئا. اهي محنڦل ٻيڙيءَ جيڏيون وڏيون ٻيڙيون هونديون هيون، جن کي هر پاسي مهري پرسان ٽي مناڙا لڳل هوندا هئا.
- **مناڙا:** مناڙن ۾ ٻيڙيءَ جي ٻڳهہ کي ڇاپهن ڏئي ٻڌندا آهن.
- **ڪچي ۽ تَر کي ملائڻ وارا مَنا:** ڪچي ۽ تر کي ملائي ڇڏيندا آهن، ان لاءِ تر تيار ٿيڻ تي ان تي پاڻي وجهي آڳل پاڇل کي مٿي ڪندا آهن. تَر ڪچن سان جڏهن ٺوڪبو آهي

تہ پوءِ پاڇل آڳل ڪان ڪڍاجي ٿيندي آهي. مُنن ڪي ڍڪڻ لاءِ ڪَچَن ڪي اڏيرون لڳائبيون آهن. انهن تي خاصا چٽ اُڪريل هوندا آهن. اڏير ڪي هيٺان مٿان ڪانوريون لڳل هونديون آهن. اڏير ڪان پوءِ مُني جو جيڪو حصو ظاهر ٿيندو آهي، ان جي مٿان برٽ لڳائيندا آهن.

- **ڳڙهہ يا ڳلي**: جمڙدي جي مٿان ڳڙهہ يا ڳلي لڳندي آهي. ٻنهي ڪچن جي مٿان ڳڙهہ لڳايل هوندي آهي. ڳڙهہ ڪي ڳلي بہ چئبو آهي. اڳيان پوئتي وڃڻ لاءِ يا پويان اڳتي اچڻ لاءِ ڳليءَ تي هلبو آهي. ملاح ونجهہ ڳليءَ تي هلي جهلائيندا آهن. ڳلي جڻ تہ ٻيڙيءَ جو رستو آهي.
- **شيڪلو**: وڏيون ننڍيون ٻيڙيون 'سڙهہ' تي هلنديون آهن. سڙهہ، آڏ يا آلات ۾ ٻڌندا آهن ۽ آلات، شيڪلي يا ڪوهي تي بيهاري ويندي آهي.
- **شيڪلي جو بيهارڻ**: شاڪي اُڏيءَ ڪان اڳيان اڏو آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيل آهي، ان ۾ ڏُڏِ نڪتل هوندي آهي، يعني شيڪلي جي هيٺئين پاسي جي ٿولهہ جيتري گولائيءَ سان ڏُڏِ يا ڳڏ ٺهيل هوندي آهي، ان ۾ شيڪلو بيهاريو آهي. جيئن تہ وڏين ٻيڙين جا شيڪلا تمام ڳرا هوندا آهن، ان ڪري پارياڻن تي ڪٽي، داڙ ٻانيءَ تي رکي،شيڪليءَ جو مور ڏُڏِ جي مٿان رکندا آهن ۽ دالان جو مٿيون ڦالڪو لاهي چڏيندا آهن. شيڪلي ڪي تيار ڪرڻ وقت ان ڪي توڏي هڻندا آهن، جنهن ۾ چاٻاهي ۽ پوئي ٻڌندا آهن.
- **توڏي**: شيڪلي جي مُور ڪان هيٺ ڪاٺ جي ٻٽي هڻندا آهن. جنهن جو مطلب هوندو آهي تہ رسا ڇڪڻ تي هيٺ نہ سرڪن.

شيڪلي جيَ چوٽيءَ ڪي مُورِ چوندا آهن. مور جي هيٺان بہ ڪپا ڪيل

ٻيڙيءَ ۾ چاڙهڻ لاءِ ڳڌجي زور لڳائڻ وقت هڪ ماڻهو لوڪ گيت وانگر سُر يا ترنم سان آلاپ ڪندو آهي ۽ ٻيا 'هيسايا' چوندي ڳڌجي زور لڳائيندا ۽ آڏ يا بار مٿي ڪڻندا آهن. ان ترنمي آلاپ کي ملاح 'جواب' چوندا آهن. جواب جو نمونو اڳتي ڏنو ويو آهي.

- **سيلنگ:** ڪُپيءَ جي زور تي جڏهن ڪو ڳرو بار ڪٽي ٻيڙيءَ ۾ لاهبو آهي ته ان کي 'سيلنگ' تي بار ڪڻڻ چوندا آهن. 'سيلنگ' تي بار ڪڻڻ جو مطلب ٿيندو، بار ماڻهوءَ جي ڪڻڻ کان وڌيڪ يا وڏي وزن وارو آهي. بارُ ڳورو هوندو آهي ته پوءِ ڪپي استعمال ڪبي آهي.

- **آلات ۾ ڪم ايندڙ رسا:**

(1) سلو، (2) ڏانداڙ ٿلهو، (3) ڏانداڙ سنهو، (4) مرڪ، (5) پيچيَ، (6) گهوگهو، (7) گهوڙو، (8) چوٽ

- **ٿلهو ڏانداڙ:** هي ڏانداڙ آلات جي هيٺئين پاسي يعني مَنڊي ۾ ٻڌبو آهي. ڪُپيءَ ۾ ڪم اَٿڻ واري ٿلهي رسي کي 'ٿلهو ڏانداڙ' چئبو آهي. ڏانداڙ جو ڪم آهي آلات جهلڻ. آلات کي ڦيرائڻ وقت ڏانداڙ کي هيڏي هوڏي ڦيرائبو آهي.
- **سنهو ڏانداڙ:** هن ڏانداڙ جو به ساڳيو ڪم آهي. ٿلهو ۽ سنهو ڏانداڙ ٻئي ڇڪي ڇڏبا آهن ۽ ضرورت مطابق انهن کي ڍرو ڪري يا ساهي ڇڏبو آهي. اها ضرورت واءَ جي مٽجڻ ڪري محسوس ٿيندي آهي.
- **مرڪ:** مرڪ هڪ رودي ڪُپيءَ سان آڏ جي پوئين حصي ۾ ٻڌل هوندي آهي، جنهن لاءِ تخت ۾ وچ تي تخت جي ٻنهي پاسي ٽي ڪولابا لڳل هوندا آهن. مرڪ کان سواءِ ٻيو رسو آڏ ۾ ٻڌبو آهي. جڏهن تيز واءُ لڳندو آهي ته ملاحن کي

گمان ٿيندو آهي تہ متان مرڪ ٽٽي پوي، ان ڪري هيو رسو مضبوطيءَ لاءِ ٻڌندا آهن، جنهن کي 'پيچي' چئبو آهي.

- **گهوگهو:** واءَ جي منجهڻ ڪري آڏ، آٽ هٽندي يعني ڦرندي آهي، ان ڪري آڏ ۾ رسو، گهوگهي وانگر شيڪلي ۾ ٻڌبو آهي، ان ڪري ملاح ان کي 'گهوگهو' چوندا آهن.
- **گهوڙو:** دامڻ جي وچ تي رسو چڪي ٻڌندا آهن تہ جيئن سڙهہ اِت نہ هٽي، ان کي 'گهوڙو' چوندا آهن.
- **چوٽ:** شيڪلي جي مور ۾، مُهري جي ڪولابي ۾ هڪ رسو ٻڌبو آهي، جنهن کي چوٽ متيلو بہ چوندا آهن.
- **آڏ يا آلات جا گوش:** آلات کي اڳيان هڪ آڏ يا آلات جهڙو هيو ننڍو ٽڪرو ٺپبو آهي، جنهن کي 'گوش' چوندا آهن. اڳئين گوش جي منڍ ۾ مونڊا ٻڌبا آهن.
- **پويون گوش:** آلات يا آڏ پوئتي سنهي ٿيندي ويندي آهي، جنهن کي ڊگهي بنائڻ لاءِ ان سان گوش ٺپيندا آهن. اِجا بہ ڊگهي ڪرڻ لاءِ ڪوٽي بہ چاڙهبي آهي. آڏ تي گوشن متان رسي جون ٻنڌيون هڻندا آهن، جن جي متان ٻوران جي ڪيڙي جون ٽپرون چاڙهيندا آهن.
- **ٽپ:** ٻن ڪاٺين يا ٻن ڦرهن کي ٽپ ڏيڻ لاءِ ٻنهي پاسن کي ڪپ ڏئي هڪبئي جي متان رکي هڪجهڙا جوڙ ملائبا. ۽ پوءِ ڪلَ يا ڪير هڻي بند ڪبا آهن.
- **گوش:** آڏ جي اڳيان پويان چاڙهيل ڪاٺ جي ٽڪرن کي گوش چئبو آهي. آڏ جي پوئين چڙهيل گوش کي 'ڪوٽي' چوندا آهن.
- **سڙهہ:** هيڙين جي سڙهن کي سُڪيءَ تي ٺاهيندا آهن. بندر جي ٽڙن تي پهرين زمين تي سَڙهہ ٺاهڻ جي رٿا تيار ڪندا آهن، جنهن ۾ سڙهہ جو نقشو تيار ڪري ڪِليُون هڻندا آهن.

ايندي آهي.

- **منجهہ وراڻ:** هنديءَ ۾ منجهہ، آڏ يا آلات کي چوندا آهن. آڏ کي ائين ڪري هڪ پاسي ڪان ٻئي پاسي ڦيرائيندا آهن. آڏ کي اُبو اَن ڪري ڪندا آهن تہ جيئن مُور ۽ ٻانبڻيءَ ۾ نہ ڦاسي. آڏ سان گڏ سڙهہ بہ منجي ٻئي پاسي ايندو آهي. هڪ جوان تڪڙو دامڻ ڪٽي هڪ ڳليءَ يا ڳڙهہ سان ٻوڙي ٻي ڳلي ڏئي پوئينءَ ڦتيءَ جي منيءَ ۾ وجي ور وجهندو آهي. اهو آڏ جو بدلائڻ واءَ جي منجڻ سان ٿيندو آهي. واءُ جيڪڏهن ساڳيو هوندو آهي، پر درياهہ جي وَرَ جو طرف بدلبو آهي تہ منجهہ مٽائڻ جي ضرورت پوندي آهي.
- **ٻيڙيءَ جو سڙهہ:** ٻيڙيءَ جو سڙهہ ڏهن پاتن ڪان ويهن پاتن جو ٿيندو آهي. محفل (ٻيڙي) ۽ گرڙ (ٻتيلي) ۾ مٿي بہ پات هوندا آهن. چوجو اهي وڏيون ٻيڙيون آهن.
- **سڙهہ جي ٻٽڪ:** سڙهہ جي پوئين حصي کي ٻَٽڪَ چئبو آهي.
- **سڙهہ جا ساڪا:** سڙهہ کي بند ڪرڻ لاءِ ڪاهينءَ جا ساڪا ٿيندا آهن. ڪاهين، ڪانهن جي ڪچن تيلن کي ڪُٽي ان کي هٿ سان وٽ ڏَئي تيار ڪندا آهن. وَر ڪچو رکبو آهي، جيئن سَٽَ لڳڻ سان ساڪا سپ ٽٽي پون ۽ سڙهہ کلي پوي. ساڪن هٽڻ وقت ڏانداڙ ساهي آلات کي اُبو رکبو آهي، جيئن سڙهہ جو ڪپڙو آلات جي ويجهو ايندو آهي، ٽن کان ستن تائين همراهہ آڏ تي چڙهيل هوندا آهن، اُهي هڪٻئي جي مٿان آڏ تي چڙهيا بيٺا هوندا آهن. الله توهار ٿي تہ هڪ هٿ ۽ هڪ ٽنگ سان سڙهہ کي ڇڪي پنهنجي قبضي ۾ آڻيندا آهن. پوءِ سپ ڪپڙي يعني سڙهہ جي هيٺان ايندا آهن. ان بعد ساڪا يعني، نوڙيءَ جا ٽڪرا اڳ ۾ ڪَٽي پنهنجي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ويندا آهن. تکي واءَ يا طوفان جي

حالت ۾ سڙهه کي ونڻ لاءِ (ملاح سڙهه ڀڏڻ کي ’سڙهه ونڻ‘ چوندا آهن) وڏيڪ ماڻهو آلات تي چاڙهيا آهن ته جيئن سڙهه جلد ونئي سگهجي. سڙهه جي هيٺان ڦريل جوانن کان جيڪڏهن سڙهه ڇڏائي ويو ته پوءِ اهي هيٺ وڃي ڪرندا آهن. ٻيڙيءَ تي ڪرڻ ڪري ڪيترائي جوان شهيد به ٿي ويندا آهن. ان ڪري ڪري يا تکي واءَ ۾ آڏ جي هڪ ٻه چڪي کولي سڙهه کي بند هٽندا آهن. ڇڪيون ڪاپار جون مضبوط ٿيُنديون آهن ۽ اهي ساڪن وانگر ٿنديون نه آهن.

- ڇڪيون: سڙهه جي مٿئين پاسي ويڙهن ۾ فوٽ ڏيڍ فاصلي تي ڪاپارجي رسيءَ جا اڪثر ٽڪرا ٻڌي، پوءِ انهن کي آلات سان ٻڌبو آهي، جن کي ٻيڙائت ’ڇڪيون‘ سڏيندا آهن. ڇڪين سان آلات يا آڏ ۾ سڙهه ٻڌبو آهي. مينهن يا طوفان ۾ سڙهه چوڙي، ان جي مٿان پکو هٽندا آهن. جيئن سڙهه پچي نه سگهي. سڙهه کي ڪنجيءَ مٿان پکو هٽي رکندا آهن. پکي جي لاءِ ڪنجيءَ جي ڦالڪي يا ڇت کان مٿي هوندي آهي. ٻکي جون چڙهون يا ٽوٽيون به ٻيڙيءَ ۾ رکيل هونديون آهن ۽ رڳو هنگامي حالت ۾ ڪڍي ڪم آڻبيون آهن. برسات ۾ پکا آڳيلي پاڇيلي دالان ۽ ڪنجيءَ تي اڏيءَ ۽ شاکي اڏيءَ جي وچ ۾ (جيڪو ٻيڙيءَ جي ترجو حصو آهي) هوندا آهن. ان کي ٻيڙيءَ جو لَڪُ چوندا آهن. لِڪ ۾ بار وجهبو آهي. ٻيڙيءَ جي لڪ ۾ پَسَن ڍڪڻ لاءِ ڪاٺ جا ڍڪ هوندا آهن. جن کي تُوتَڪَ چئبو آهي. اَڏي ۽ چاپاهيءَ واري اَڏيءَ جي وچ تي بچيل حصي ۾ به بار ڀريندا آهن يا سامان رکبو آهي. ان جي مٿان اَڏي جي سنوت ۾ دالان جو توتڪ هوندو آهي. توتڪ جي هيٺان پسن جي مٿان به توتڪ پيل هوندا آهن. توتڪن جي ڪري پَسَن ۾

گند ڪچرو نہ پوندو آهي. توتڪ مٿي بہ ڪلي سگهندا آهن، جن کي مٿي ٻَليءَ تي ڪولي، ٻاهران ڇنڊي، پوءِ ساڳيءَ جاءِ تي رکبو آهي.

ٻيڙن جا رسا. شيڪلي، آڏ ۽ سڙهہ جي رسن کان سواءِ ٻيا بہ هوندا آهن، جن کي جدا جدا نالن سان سڏبو آهي. جهڙوڪ:

- **ڇيريون**: ٻيڙيءَ کي ٻڌڻ لاءِ جيڪو رسو ڪم آڻبو آهي، ان کي ٻڳهہ چئبو آهي. ٻڳهہ واري رسي کي 'ڇيري' بہ چوندا آهن. ڇيري ڪاٻارجو ٿلهو وٽيل رسو هوندو آهي.
- **چئن جي ڇيري**: اها ڇيري، جنهن ۾ ٿلهو لوهہ جو زنجير يا چئن (chain) ٻڌل هوندي آهي. ان کي اڇلائڻ کان اڳي ڇيريءَ ۾ ٻڌي مضبوط ڪري، پوءِ درياهہ ۾ اڇليندا آهن.
- ناتاريءَ واري ڇيري: ناتاريءَ جي ڪڙي ۾ ٿلهو رسو ٻڌي، جڏهن ناتاريءَ کي درياهہ ۾ اڇليندا آهن. تہ ان رسي کي ناتاريءَ جي ڇيري چئبو آهي.
- **رَس**: اهو رسو شيڪلي جي مور ۾ ٻڌبو آهي. هي رس واءُ نہ لڳڻ يا ونجهہ نہ لڳڻ ڪري همراهہ ڪناري تي ڪلهي ويندا آهن ۽ ان سان ٻيڙيءَ کي اڳتي ڇڪيندا آهن. رَس جي منڍ ۾ ڇيلهہ ۾ وجهڻ لاءِ رسي کي ٻٽو ڪندا آهن، جنهن کي 'مونڊيو' چوندا آهن. مونڊيو معنيٰ منڍ وارو. ان کان پوءِ ان رس ۾ ڪاٺ جا گهڙيل گيٽيءَ جيڏا ٽڪر پيل هوندا آهن، جن کي 'سُهيلا' چوندا آهن. انهن سهيلن ۾ ٻلٽ نما رسا هوندا آهن، جن کي 'ڪڙاها' چوندا آهن. منڍ ڇڪڻ واري کي 'مونڊائي' چوندا آهن. مونڊائيءَ جي پويان سهيلن ۾ ڪڙاها وجهي همراهہ يا جوان رس ڇڪيندا آهن، جن جي زور ڏيڻ سان ٻيڙي اڳتي وڌندي آهي.
- **ونجهہ**: ٻيڙيءَ جا ملاح هڪ ڪلهي ۾ ونجهہ ڏئي ٻيڙيءَ

کي اڳتي ڌڪيندا آهن. جوان ونجهه ٻيڙيءَ جي ٻنهي ڳلين سان جهلائيندا آهن. ونجهه درياهه جي هيٺين مٽيءَ ۾ رنڊائي ڪلهي جو زور ڏيندا آهن. جنهن کي 'ونجهه جهلائڻ' چوندا آهن.

- آڳيلي اوپر: مهرن جي سراڙن کان پوئتي ٻيڙيءَ جا اوپر هوندا آهن. جن مان اڳئين کي آڳيلي اوپر چئبو آهي ۽ پوئين کي 'پاڇيلي اوپر' چئبو آهي. ٻيڙي پتڻ ڪنهن مقرر تڙ تي ڪندي آهي، يعني هن پَرَ جا ماڻهو مال ۽ سامان کڻي هُن پر پهچائڻ ۽ هُن پر جو مال ۽ سامان هن پر پهچائڻ کي پتڻ چوندا آهن. پتڻ جي ٻيڙيءَ کي واڙا نه هوندا آهن. چاڪاڻ ته اُن ۾ اُٺ ۽ ڍڳا پڻ چڙهندا آهن. واڙن جي ڪري اٺ، گهوڙا، ڏاند ۽ مينهون نه چڙهي سگهنديون آهن.
- ٻيڙيءَ جا واڙا: ٻنهي ڳلين يا ڳڙهن جي ٻاهرئين پاسي واڙو چڙهندو آهي، جنهن جو مطلب هي ٿيندو ته بار سبب جڏهن ٻيڙيءَ جا ڪچا پاڻيءَ ۾ هيٺ ٿي ويندا آهن ته لهر جي پاڻيءَ اٿلڻ جي بجاءِ کان 'واڙا' چاڙهيا آهن. واڙي جي ڦرهي ٿولهه ۾ ڏيڍ به انچ هوندي آهي. واڙي جي ويڪر ڏيڍ فوٽ کان ٽن فوٽن تائين ۽ ڊيگهه ٻارهن هٿن کان ويهن هٿن تائين به ٿيندي آهي.
- ٻيڙيءَ جو ڪناري سان ڌڪ کائڻ: جيڪڏهن ٻيڙي ڪناري سان زور سان لڳندي آهي ته ضرور نقصان ڪندي آهي. اُن جا ڪچا يا مُهرو ضربجندو يا ٽٽي پوندو آهي.
- ٻيڙيءَ جو ٻيڙيءَ سان ٽڪرجڻ يا پاسو هڻڻ: ٻيڙيءَ سان ٽڪرجڻ سان به ٻيڙيءَ جو نقصان ٿيندو آهي ۽ ٻيڙين جي ڪچن جا ٽڪرا ٻجي پوندا آهن.
- ٻيڙيءَ کي ڪاٺ جو لڳڻ: درياهه ۾ ٻوڏانوان ڪاٺ پيا هوندا

آهن. غفلت ۾ جيڪڏهن ٻيڙي انهن کي لڳندي آهي ته ٽڙ، ڀاتاري يا هيٺان ترڪجي پوندو آهي. وڏي ڪاٺ لڳڻ سان بار واري ٻيڙي ڪناري تي رسڻ کان اڳ ٻڏي يا اٿلي پوندي آهي.

- **ٻيڙيءَ جو اٿلڻ يا پاسيرو ٿيڻ:** ٻيڙيءَ جي اٿلڻ سان ترمٿي ٿي ويندو آهي ۽ مٿيون حصو هيٺ ٿيندو آهي. پاسيرو ٿيڻ ان کي چئبو آهي ته ٻيڙي هڪ ڳليءَ تي پاسيري پوندي آهي.
- **ٻيڙيءَ جو ويهي وڃڻ:** ڌڪ لڳڻ کان پوءِ ٻيڙيءَ ۾ پاڻي پوندو آهي ۽ ٻيڙي سڌي پاڻيءَ ۾ ويهندي آهي، پر سڌي هيٺ ڪري اٿلندي ڪانه آهي.

ٻيڙي هلائڻ کي 'ڦنڪا هڻڻ' چئبو آهي. 'ڦنڪا' لهواري ٻيڙيءَ هلائڻ لاءِ خاص ڪري سامُهين واءَ جي ڪري هڻبا آهن.

- **اتر واءَ ۾ لهواري هلڻ لاءِ ٻيڙيءَ جو تيز هلڻ**: ٻيڙي، جيڪڏهن لاهاري يا لهواري هلائڻي آهي ۽ اتر واءُ تيز لڳندو آهي ته پوءِ سڙهه کولي سڙهه ۾ واءُ ڏئي، ٻيڙي سير چاڙهبي آهي ته تکي هلڻ واري ٻيڙي چاليهه پنجيتاليهه ميل ڪلاڪ جي رفتار سان هلندي. درياهه سنڌو اتر کان ڏکڻ ڪونه ٿو وهي، وچ ۾ وَرَ يعني ڏکڻ واءُ هوندو ته سڙهه کي واءُ ڏياري، دامڻ چڪي ٻيڙيءَ کي ڪناري کان پري جهلي رواتو ڪبو. گهڻو واءُ هوندو آهي ته ٻيڙي تيز هلندي آهي. چوهي لڳڻ تي اڳيلي اوير ۾ ٻيڙي هلڻ سان آواز ڪندي آهي. ڪي ٻيڙيون تکيون هلنديون آهن، جيڪا ڳالهه شايد ٻيڙيءَ جي ٺهڻ وقت ڪنهن ٽيڪنڪ جي ڪري آهي، ان کان سواءِ ٻيو سڙهه جي ڪري به ٻيڙي تکي هلندي آهي. ڪي سڙهه رنگيِ ۾ سنا ٺهي پوندا آهن ۽ واءُ وٺي هلندا آهن. اوياري تيز واءَ ۾ ٻيڙي آڏي گوش هلائيندا آهن. 'آڏي گوش يعني' آڏ کي سڌو رکڻ. آڏ جو اڳيون گوش ۽ پويون گوش هڪ لائين ۾ بيهاريندا آهن. ان حالت ۾ سڙهه جو زور ٻنهي ڪچن تي هڪ جيترو ٿيندو آهي. اوياري هلڻ تي تاڏي واءَ جي ڪري اُتمٽي به اوياري هلڻ لڳندي آهي، ان کي ٻيڙيءَ جو پاسر تي هَلڻ چوندا آهن.
- **جهل**: ٻيڙيءَ کي ملاح جهَل تي هلائيندا آهن. ۽ هُوشيار رهندا آهن ته ٻيڙي جهل نه پٽائي وڃي. جهل پٽائڻ جي حالت ۾ ويٺو ڪم نه ڪندو آهي.
- **جهڙ**: گهڻو تيز ساڄو واءُ هوندو آهي ۽ ٻيڙي زور نه سهندي

شيڪلي جي مُور ۾ ٻه واءَ جي خبر لهڻ لاءِ جهنڊو هڻندا آهن، جنهن کي 'بانبٽو' چوندا آهن. ننڍيون جهنڊيون، جن کي ملاح 'مارلون' چوندا آهن، مرڪ وانگر آلات ۾ هڪ رسيءَ ۾ لڳل هونديون آهن. اهي خاص سونهن ۽ سينگار لاءِ هڻبيون آهن. ڳجگن جي چوڙهن جي مٿان 'واءَ پرڪٽيءَ' جي مٿان پڻ ننڍي جهنڊي لڳل هوندي آهي.

### ٻيڙين جا ڪاڄ يا وهانءَ:

ٻيڙيون جڏهن نيت نيون ٺهي درياهه ۾ لهنديون هيون ته ملاح انهن جون وڏيون شاديون يا ڪاج ڪندا هئا. اها رسم قديم دؤر جي 'مهاڻي مهراڻ' جي جشن جو اهڃاڻ آهي. شادين ۾ دهل دماما، ڳيچ، سهرا ۽ ساٽ سوڻ ٿيندا هئا. ٻيڙين لاءِ سهرا پڻ لوڪ گيتن وانگر نهيل آهن. مثال طور:

(1) حضرت پير چڙهه جهمٽيءَ تي.

(2) ڏاڍيءَ هڪل منجهان اچي رسينس گيلاني پير
سهڻي سپيءَ جي ٻيرڙي، سُئيءَ جو سنهڙو ونجهه،
اچي رَسِيَنس گيلاني پيرا

(3) منهنجو مولَيٰ عليءَ ٻيڙو تاريو آ،
حسن حسين هلايو آ، منهنجو مولَيٰ عليءَ ٻيڙو تاريو آ!

ٻيڙي درياهه ۾ لاهي ان کي موڙ ۽ نوان ڳجگا ٻڌندا هئا. مُهرَن کي رنگين مرولون، بانبٽا ۽ موڙ ٻڌندا هئا. سينگاري سنواري لاچو، تاليا، پوئي نَڪور تيار ڪري شيڪلي ۾ ٻڌندا هئا. جود مڙهي جنساري، ٻيڙيءَ کي ڪنوار جيان سينگاريندا هئا. چڪون چاباهيون نيون ڪندا هئا. ڏانداڙ ۽ مونڊي جا رسا نڪور وجهندا هئا. مطلب ته نئين ٻيڙي درياهه ۾ لهڻ سان ماڻهن جي گهمائڻ لاءِ هوندي هئي ۽ ان تي مهينو ڪن بار نه کڻندا هئا.

### وهندڙ ٻيڙيون ڪناري تي ڪڍڻ (مرمت لاءِ):

ٻيڙيون ٻارهن ئي مهينا سکر کان شاهبندر ۽ گهوڙا ٻاريءَ تائين

هلندين هيون، پوءِ واهوندن جي مند ۾ پنهنجن پنهنجن بندرن تي پهچنديون هيون. ملاح ٻيڙيون ٻاهر ڪڍرائيندا هئا. انهن جي تر ۽ ڪچن ۾ ڪاٺ جا ڳيا وجهندا هئا، تُن تنيندا هئا. ڪاٺ جون ’ڳنديون‘ ۽ ساڙ ڪڍائيندا هئا. نئين ڪاٺ جا ڳيا ٻيڙين کي هڻائيندا هئا. پراڻين ٻيڙين جا پراڻا ڪير ڪڍرائي، نوان لڳائيندا هئا. بانس جي ڪاٺ مان ڪِليون ٺاهي، ڦرهن کي ڳجهون ۽ ڳڙيون هڻندا هئا. انهيءَ عمل کي ٻيڙيءَ جي ’سنوارت‘ چيو ويندو آهي. هر ٻيڙيءَ جي سنوارت ڪرائي، پوءِ ٻيڙين کي وَهَ مکيندا آهن.

- وهَ: مڇيءَ جي وَهَ جا دَٻا وٺي ايندا آهن ۽ ٻيڙين کي مکيندا آهن. وَهَ مکڻ سان ڪاٺ سٺيو رهندو آهي، جنهن ڪري پاڻي ترڪي ويندو آهي ۽ ڪاٺ گهٽو جٽاءُ ڪندو آهي، يعني وَهَ لڳڻ سبب ڪاٺ جي مضبوطي ٿيندي آهي ۽ ٻيڙين جا تاليا، پوني، سلو، چڪ، چاٻاهي، سرهه، رسا، نڙيون نوان ڪندا آهن. نوان جُود مڙهيندا آهن.

هڪ ملاح شاعر جو هڪ طويل بيت هت ڏجي ٿو:

ملاح پنهنجي مڪڙي، مکي ڪر تيار
تاليا، پوني تيار ڪر، جُود مڙهي جنسار
اڏو، اڏيون ٺاهه سڀ، سرايون صدبار
ڪوهو ڪڻ مٿي ذرا، ڏڏ جو ڏئي آڌار
چاٻاهي چڪي هڻي، وَهَ جو ڪر ويچار
آڏ متان آٿو هڻي، گهوگهو هڻينس يار
ساڪا پٽي سڙهه جا، ڪؤنتل کي ڪڍُ پار
سڪان جهلجانءِ سيبتو ٿي، وٺجارا وينجهار
ٻريان ٻر ڪجان پاڻيءَ کي، ڏڪ نه هڻئي ڏار
داٻا اٿئي درياهه جا، لهرن جي للڪار
خوشيءَ سان ٻل ڪڻ پيو، برڪت وارو ٻار
موج پيرئي مهراڻ جو اؤڪو اٿئي آر

ٻيهي نہ وڃئي ٻاڪري، ٻيلھ وهائج ٻيا،
سڪائيا سنيا، اوتڙ متان اوجهرين!
ملاح ٻيڙيون مکي ٿاهي، درياھ ۾ لاهي لهوارا ٿي ويندا آهن.

# ٻيڙين سان واسطو رکندڙ ڪي لفظ

- مَچي: مچي پاڇيلي بندول جي هيٺان ڪچي ۾ ٻڌل هوندي آهي، ان کي تڏي مٿان چوڏاري ٻوران ڪپڙو چڙهيل هوندو آهي. اها مچي ليٽرين يا ڪاڪوس جو ڪم ڏيندي آهي.
- گهري: ٻيڙين لاءِ ٿلها رسا ڪپندا آهن، جيڪي ٽن ٽنگن کان سٽن ٽنگن تائين ٺهندا آهن. ڪاٺ جي ٻنيءَ کي زمين ۾ کوڙي جيترن تندن جو رسو ناهڻو هوندو، اوترا تندا ان ڦرهي جي ٽنگن مان لنگهائي، هڪ هڪ تندي کي هڪ هڪ همراهه پڪڙ يعني وَٽ ڏيندو ويندو آهي، جنهن کي گهَري چوندا آهن. گهريءَ جي اڳيان هڪ رسي وٽڻ جو ماهر ويهندو آهي. اهو وٽ ڏيندو رَسي کي اڳتي ڇڪ ڏيندو ويندو آهي ته رسو تيار ٿي ويندو آهي. ٿلهيون ڇيريون، پکه، رَس، تاليا، پوٺي، ڇڪون، سڦلا، مونڊا، ڏانڊاڙ يا ٻيا رسا گهريَءَ ۾ تيار ڪندا آهن. رسو تيار ٿي نڪرندو ته ڇڻ مشين تَيار ڪيو آهي.
- مورائو: ٻيڙي ٺهرائڻ يا ٻيڙيءَ جي 'سنوارت' يا مرمت ڪرڻ وقت، درياهه جي ڪپ تي ملاح گهرُ ناهيندا آهن، جنهن گهر کي مهرائي مهاڻا، 'مورائو' چوندا آهن. اهو ٻيڙيائتن جو سُکيَءَ تي گهرُ هوندو آهي، ٻيڙيءَ ٺهڻ لاءِ سال کن جو عرصو به لڳي ويندو آهي ۽ ملاح انهيءَ مورائي ۾ رهندا آهن. موراوا اڪثر اڻ وس ٺهرائيندا آهن. جن ۾ سڙهه ۽ رسا پُسڻ کان حفاظت ۾ رکندا آهن. ملاحن جا گهر پنهنجن ڳوٺن ۾ هوندا آهن، فقط ٻيڙين ٺهڻ وقت موراوا ناهيندا

آهن.

- **داسا:** داسو، ڏڪ کي چئبو آهي. ملاح چوندا آهن ته ڪناري سان ٻيڙي اچي داسو هڻيو آهي ۽ ڦرهي کي ڦيٽ يا چپيٽ آئي آهي.
- **ڱل ميخون:** هي ميخون وٽي ۾ لڱل هونديون آهن. سونهن پيدا ڪرڻ لاءِ ڪامن کي ٻه ڱل ميخون لڱائيبيون آهن.
- **ٻيٽ:** درياهه جون ڏارون سُڪي ٻيٽ ٿاهينديون آهن.
- **ٻه درياهي:** درياهه ڪٿي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويندو آهي ته مَلاح چوندا آهن ته ٻه درياهي ٿي آهي. ٻن درياهن وچ ۾ جيڪو ٻيٽ هوندو آهَي، ان کي 'ٻندو' چوندا آهن. ٻنڍي ۾ چند سالن کان پوءِ ٻيلو ٿي ويندو آهي ۽ ڱاهه جا ويءَ پيدا ٿيندا آهن.
- **ٻيٽاري:** ننڍڙي ٻيٽ کي ٻيٽاري چوندا آهن. ٻيٽارين ۽ ٻيٽن تي لئيءَ جا ڇَها جام ٿيندا آهن، جيڪي وڏي لڪڙ جو روپ اختيار ڪندا آهن. ڪِهَلَ يا ڪچي جا ماڻهو جيڪي ڪارا ڻاهيندا آهن، سي ٻيٽن يا ٻيٽارين تان لڪڙ وڍيندا آهن ۽ ان مان ڪارا ڻاهيندا آهن.
- **ٻيلاٽيون:** جن ٻيٽارين تي وڻ پيدا ٿيندا آهن، تن کي ٻيلاٽيون چوندا آهن. اهي وڻ ڱهاٽ ڪري ڄمندا آهن، جي وڏي ٻيلا ٿيندا آهن.
- **درياهه جي سم:** درياهه جو پاڻي جڏهن لهي ويندو آهي ته پوءِ اُتاهَن ڪَپرن مان پاڻي درياهه ڏي وهندو آهي، ان کي درياهَي سم چوندا آهن.
- **درياهه جي ڱج:** سمنڊ جيان آرهڙ جي منڊ ۾ درياهه ڱجي ڪندو آهي، جنهن کي درياهه جي ڱج يا ڦيڻ چوندا آهن.
- **ٿاڪرو:** ڪا ٻيڙي ڪناري تي پاڻيءَ ۾ ٻيهجي ويندي آهي،

ٻيڙي ان ڳاري ۾ ايندي آهي ته نڪري نه سگهندي آهي. ٻيڙي هلندي جيڪو پاڻي ٻڏندي آهي، ان کي ڳارو چوندا آهن. تيز هلندڙ ٻيڙي ڳارو ڪندي آهي يعني پاڻيءَ کي ڪنيو هلندي آهي. ڪناري ۽ ٻيڙيءَ جي وچ تي جيڪو پاڻي هوندو آهي، ٻيڙي اُن کي ڪنيو هلندي آهي. ٻاهرئين ڪڇي سان به سڌي ۽ ڪَري واءَ ۾ ٻيڙي ڳارو ڪندي آهي. ڪنهن ننڍي شيءِ يا ننڍي ٻيڙيءَ کي وڏي تيز هلندڙ ٻيڙي، ڳاري ۾ ڇڪي ويندي آهي.

- **پينتل:** جتي اُيڪٻري نه هوندي ته ملاح چوندا آهن ته درياهه جو ڪنارو پينتل وارو آهي.
- **ٻانڊي ٻيٽ:** درياهه جڏهن ٻيٽ ڇڏيندو آهي ته ڪن ٻيٽن تي ڪانهن ۽ ڪن تي وڻ ڦٽي پوندا آهن. ڪن ٻيٽن تي ڪا شيءِ نه ڦٽندي آهي، رڳو واري ئي واري هوندي آهي، ته اهڙي ٻيٽ کي 'ٻانڊي ٻيٽ' چوندا آهن.
- **ٻانڊ:** پاڻيءَ ۾ ٻيل سائي ڪاٺيءَ کي ٻانڊ چوندا آهن. ٻانڊ اڪثر سڪل ٽين ۽ ٻرڻ جي ڪم جا هوندا آهن. ٻاندن مان ڪجهه به ٺاهي نه سگهبو آهي، جيئن ٻئي ڪاٺ مان ڪٽون، هندورا، فرنيچر وغيره ٺاهيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻانڊ جي ڪاٺي سائي ۽ سڙيل هوندي آهي.
- **ميخمار:** هڪ ٿلهي ڪاٺيءَ جو هڪ گول ٽڪرو، جنهن ۾ ڳن پيل هوندو آهي، اُن کي ملاح 'ميخمار' چوندا آهن. هن سان ٻيڙي ٻڌڻ لاءِ زمين ۾ ڪلا ٺوڪبا آهن.
- **آڏ گهيرڻ:** ملاح آڏ کي طوفان يا ڪَري واءَ ۾ هيٺ ڪرڻ جي عمل کي آڏ گهيرڻ چوندا آهن.
- **آڏ ڪٽڻ:** لٿل آڏ کي ڇڪ سان ڇڪي مٿي ڪٽبو آهي، جنهن عمل کي آڏ ڪٽڻ چوندا آهن. شيڪلو به گهيربو يا مٿي ڪٽبو

آهي. گھيرڻ مان مراد آهي تہ آڏ يا شيڪلو ڪولي نہ رکبو آهي. سلي ۾ ڇڪ جي ڇوڙڻ يا ڇڪڻ سان آڏ هيٺ مٿي ٻيڻي هوندي آهي. ڪڏهن آڏ يا آلات جو ڪو گوش پڇي پوندو آهي، تڏهن بہ آڏ کي گھيري، اتي ئي ٿاهي ڇڏيندا آهن، پر آڏ سلي مان ڇوڙيندا نہ آهن.

شيڪلي جي اڳيان مهري جي وچئين ڪولابي ۾ شيڪلي گھيرڻ لاءِ چوٽ هڻندا آهن، جنهن کي شيڪلي جي مور ۾ ٻڌندا آهن. ان کي چوٽ متيلو بہ چوندا آهن. چوٽ خاص ڪري شيڪلي گھيرڻ جي ڪم ايندي آهي يا ڪڏهن واءُ ڏکو هوندو آهي (جنهن کي ملاح ڪرو واءُ چوندا آهن) تہ ان ۾ بہ چوٽ مهري جي ڪولابي ۾ هڻبي آهي تہ جيئن متان مٿان 'ڇاپاهي' ٽٽي پوي. هلندي ٻيڙيءَ جو گوش پڇي پوندو آهي تہ بہ سڙهہ ٻڌي آڏ گھيري، گوش ٿاهي وري ٻيڙي هلائيندا آهن.

- ميڙ: ٻيڙيءَ جا ڪچا جتي ملائبا آهن، ان جي ٻاهرئين پاسي کي ميڙ سڏيندا آهن. ٻيڙين جو ميڙ ڪناري سان زور سان لڳڻ ڪري ڏڪجي پوندو آهي.

دريا کي ور وڪڙ هوندا آهن، ان ڪري ڪو وَرَ ڏکڻ تي سڌو هلي وري اوپر ڏي ٿي ويندو آهي، جنهن ڪري ٻيڙيءَ جي مَنجَهہ وراڻي پوندي آهي يا منجهہ هٽي پوندي آهي. واءُ گھٽو لهندو آهي تہ دامڻ ڍرو ڪبو آهي. ڪنهن مهل دامڻ ساهبو آهي. هڪ جوان ويٺي جي ڦتيءَ واريءَ منيءَ ۾ دامڻ جو وَرُ وجهندو آهي. ٻيڙيءَ تي زور پوندو آهي تہ همراهہ جيڪو دامڻ جو مورُ جهليو ويٺو هوندو آهي، ان کي چوندا آهن: دامڻ هَريا ڪَر معنيٰ دامڻ ڦٽي ڪريا دامڻ ڇڏ. دامڻ ڇڏڻ سان زور گھٽبو آهي ۽ ٻيڙيءَ جي ڳليءَ تان پاڻي چڙهڻ بند ٿيندو آهي. ڪڏهن لهواري ٻيڙيءَ کي منجهہ هٽندا آهن، معنيٰ آلات يا آڏ شيڪلي جي ٻويان ڦري ايندو آهي، سڙهہ اتمٽيءَ جي روپ ۾ هوندو آهي. ان حالت ۾ ڪري واءُ ۾ ملاح وڏي سچيتائي ڪندا آهن. درياهہ جي ڪيترين جاين تي ملاح منجهہ هٽندا آهن، پر ڪَري يا تيز واءُ ۾ منجهہ هٽڻ خطري ڪان خالي نہ هوندو

پاسي ويندي، تہ نقصان ڪندي. ڪڏهن ڪڏهن ڪُن جي چڪ مان ٻيڙيءَ کي ڪڍڻ لاءِ ڇپو ڪم آڻبو آهي تہ جيئن ڪُن يا آڃهار ۾ اچي ٻيڙي ٻڏي نہ پوي.

- داپاڙ: آڳيلي تخت جي وچ ۾ گولائيءَ ۾ ٽنگ نڪتل هوندو آهي، جنهن ۾ داٻر يا داپار وڌو ويندو آهي.
- ڇٺن: ٻيڙيءَ ۾ هر وقت لوهہ جو وڏو زنجير موجود هوندو آهي، ڇٺن جو اهو ڪم آهي تہ جڏهن واءُ نہ هوندو آهي ۽ درياهہ جي چڪ ٻئي طرف ڇڪيندي آهي تہ ڇٺن وهڪري جي ٻئي پاسي درياهہ ۾ اڇلبي آهي، ڇٺن کي رسو يا مضبوط ڇيڙي ٻڌبي آهي. مناڙي ۾ ڇيڙيءَ جو وَر هڻندا آهن يا دالان جي مُنيءَ ۾ ڇيڙيءَ جو وَرُ ٻڌندا آهن. پوءِ ٻيڙي ڇٺن جي جَهلَ تي اڳتي وڌي ويندي آهي. ڇٺن ڇڻ اَٺ جي مهارَ وانگر ٻيڙيءَ لاءِ ڪم ڪندي آهي. ملاح پاڻيءَ جي چڪ کي اڳ ۾ محسوس ڪري پنهنجون حڪمت عمليون استعمال ڪندا آهن. جيڪڏهن ٻيڙي اوجهڙ نہ ويندي آهي تہ جاڻو ملاح سدائين سُتڙ پهچندا آهن ۽ اوتڙ اولبائي نہ آهن.
- سُتڙ: اهو تڙ، جتي ڪا پائيندڙ نہ هجي ۽ ڪناري سان ٻيڙي گڏجي ميل ڪري بيهي تہ ان کي سُتڙ چئبو آهي.
- ڏتڙ: اهو تڙ، جتي ٻيڙيءَ کي بيهارڻ يا بندر رسڻ لاءِ ڏکيائي هوندي آهي. ٻيڙين کي بيهارڻ لاءِ تڙَ جي سڪيائي ضروري آهي، نہ تہ، نہ ٻيڙي سکي بيهندي، نہ ملاح سک سمجهندا. ٻيڙيءَ لاءِ سنو تڙ، ماڻهوءَ جي سٺي بستري جهڙو هوندو آهي.

# درياهي مڇين مارڻ جا رَڇ

مڇي مارڻ لاءِ مهاڻا رڇ ڪم آڻيندا آهن. اهي ڪيترن ئي قسمن جا ٿيندا آهن. مڇي مارڻ لاءِ بڙاجن ۾ هڪ رڇ وجهندا آهن. جنهن کي پٽو چوندا آهن. بڙاج يا واهه ۾ وچ تي هڪ ٻه ڪيرا (ڊگها ڪاٺ) کوڙي رڇ جو هڪ پاسو ڪناري جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين وچين ڪلن يا ڪيرن ۾ ٻڌندا آهن. رَڇ جو هيٺيون پاسو جنهن طرف پاڻيءَ جو وهڪرو هوندو آهي، ان طرف زمين تي وڇائي ڇڏيندا آهن. ٿوري عرصي کان پوءِ هيٺين راڻ کي ڇڪ ڏيندا ته مڇي رڇ جي وچ ۾ ڦاسي پوندي ۽ پوءِ اها ڪڍي ڪناري تي اڇليندا ويندا. ان رڇ کي ڇڪ ڏيڻ واري عمل کي 'مُٺ ڏيڻ' چوندا آهن.

- ڊانگهرو: ملاح ڊانگهري رڇ ذريعي ڪنارن سان مڇي ماريندا آهن. ڊانگهري کي ٻنهي پاسن کان ڪاٺيون ٻڌندا آهن، جن ۾ هڪ همراهه هڪ پاسي ۽ ٻيو ٻئي پاسي ڪاٺين ۾ هٿ وجهي، رڇ کي ڪنهن ڍُبي يا ڪناري ۾ ڦيرائيندا آهن. ڊانگهرو ننڍي پاڻيءَ ۾ ڦيرائي سگهبو آهي.
- نڙو: هي رڇ 9، 10 فوٽ ڊگهو ۽ اوائي ٽي فوٽ ويڪرو ٿيندو آهي. نڙو ڪناري تي هڪ پاسي ٻڌي ڇڏيندا آهن يا جنهن درياهه، ڍنڍ يا ڍبي ۾ نڙو وجهندا آهن، ان ۾ ڪو لڪڙو يا ڪيرو کوڙي هڪ پاسي اٽڪائيندا آهن. باقي سڄي نڙي کي کلئي پاڻيءَ ۾ ڇڏيندا آهن. پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ڦرندڙ مڇي نڙي ۾ ڦاسندي آهي. اڳ ۾ اَڪَ جا تاندورا يا تندون ڪڍي نڙا ناهيندا هئا. پر هاڻي ريشمي تار مان ناهيندا آهن. اڪثر رڇ ريشمي تار مان ناهيندا آهن. اڳي سڻ ڪم ايندو هو. هاڻي پلاسٽڪ به ڪم اچي ٿي.

پلاسٽڪ جي رڇ ۾ وڌيڪ مضبوطي ٿئي ٿي.

- **ڳهائو:** ڳهائو وڏو رَڇ آهي، جنهن ۾ ڪٽا يا جهوليون ٿينديون آهن. ڳهائو چڪبو رهبو آهي ۽ مڇي ڪٽن ۾ ڦوندي ويندي آهي. ڳهائي رَڇ ۾ هيٺين رانو ۾ لوهه ڀيل هوندو آهي رانو ۾ لوهه جا ڇلا وڌا ويندا آهن. ڳهائو مضبوط رڇ ٿيندو آهي.
- **پنت:** هي رڇ ضرورت آهَر هڪ سؤ الن ڪان مٿي به ٿي سگهي ٿو. پنت مٿان ڏٺا يا تنبيون ٻڌل هونديون آهن، جيڪي رڇ جي مٿيئن رانَ ۽ ڪي مٿي جهلي بيهنديون آهن. پنت درياهه تورڙي ڍنڍن ۾ وجهندا آهن.
- **جارو:** هي گول رڇ ٿيندو آهي. جيڪو ٻوڙيءَ يا هڙهئي تي مٿي بيهي پاڻيءَ ۾ اڇلبو آهي، جنهن جي هيٺين گول رانون ۾ لوها ڇلا ڀيل هوندا آهن. اڪثر ملاح مڇيءَ جي سير ڏسي ان مٿان جارو اڇليندا آهن. رڇ کي جارُ به چئبو آهي، پر جارو رڇ جو هڪ قسم آهي. لطيف سائينءَ سر ڪاموڏ ۾ جار لفظ ڪم آندو آهي.

  ميءَ هٿ ۾ مڪڙي، جام هٿ ۾ جارُ
  سارو ڏينهن شڪار، ڪينجهر ۾ ڪالهه هو.

جار اڇلڻ کان اڳ ۾ مڇي موٽائڻ لاءِ ڪاٺ جو ٿهيل گول ٽڪرو اڇلبو آهي، جنهن کي ڇپو چئبو آهي. ڪڏهن ملاح رڇ ڇڪي مڇيءَ کي اچي ڪنهن ڪوپال يا ڪناري ۾ سوڙهو ڪندا آهن. اتي رڇ بيهاري، ان جي ڪيرن ۾ پراڻ يا نوان رڇ پاڻيءَ کان ٽي ـ حار فوٽ مٿي ٻڌندا آهن. ان هيٺئين رڇ جي مٿان (جنهن کي مهاڻا بيڙا چوندا آهن) پٿرن واري رڇ ۾ گودا ٺاهيندا آهن، جن ۾ مڇي ٽپ ڏيندي وڃي ڦاسندي آهي.

- **سيري رَڇ:** هي رَڇ ڪُنبَن ۽ وڏين ڍنڍن ۾ هٽن يا بيڙين تي لاهيندا آهن. هيٺئين پاسي جي رانوَ کي لوهه ڀيل هوندو آهي. درياهه جي ڪنب يا ڍنڍن ۾ ڪاٺ ۽ دڙا ٿيندا آهن ۽

رَڇ ڇڪڻ ۾ جيڪڏهن ڪٿي دڙي يا ڪاٺ ۾ ڦاسندو آهي ته ملاح (ٽوبا) ٽٻي هڻي دڙي مان ڇڏائي اڳتي ڇڪيندا آهن. ائين رڇ کي آهستي آهستي اڳتي سيريندا ۽ ڇڪيندا هلندا آهن، ان ڪري ان رڇ کي سيريءَ جو رڇ چئبو آهي.

- ٽنب: ڊنڊ يا ڪنب ـ ڪوپال ۾ رڇ ڇڪي ڪناري جي قريب آڻي مڇيءَ کي جڙ ته بند ڪندا آهن. هڪ پاسي ٻن ٺاهيندا آهن. جيڪڏهن مڇي ٽپا ڏئي رڇ ٽپي ويندي آهي ته پوءِ مٿان رڇ جا ٽڪر ٽنب جي مٿان اٽڪائيندا آهن، جن کي پٽرا چئبو آهي.
- ٻَن: ٽنب جي پنٽيل واري پاسي ڪيرَن ۾ گول رڇ پٿاريندا آهن. ان جي مٿان ڪنڊي پٽري جيان لڳائيندا آهن. جنهن کي پٽرو ۽ ڪنڊي ـ ڪيڙ به چوندا آهن. مڇي رڇ کي لڳي، ٻنَ طرف سرندي ٻنَ ۾ پهچندي آهي ۽ ان کي ٻاهر نڪرڻ لاءِ جاءِ نه ملندي آهي. سنڌيءَ ۾ ٻن، ٻن محاورن سان ڪم آڻبو آهي:

(1) وڃي ٻنَ ۾ پئي اسان جو ڇا؟

(2) "فلاڻي جا گهٽائي ٻنَ ٻريا اٿئون" ـ يعني چٽيون ٻريون اٿئون.

- ڄاري: هي رڇ ننڍي پاڻيءَ ۾ گهمائبو آهي. اڪثر ڪترو رڇ ننڍن ڀاڪن وارو ڏياري يا ڄاري ۾ ڪم آڻبو آهي.
- ونجهر: هي رڇ پکين ڦاسائڻ لاءِ ڪاٺ جي ڪيرن يا لڪن ۾ ٻڌي ڇڏيندا آهن. پرڏيسي پکين کي اڏام وقت رڇ يا ونجهر ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي ۽ اهي لهڻ يا اڏڻ مهل رڇ ۾ ڦاسي پوندا آهن. ونجهر رڇ ۾ مڇي به ڦاسائي ويندي آهي.
- ڀاڪو رڇ: جنهن رڇ جا اکا وڏا ٿيندا آهن ان کي ڀاڪو رڇ چوندا آهن. وڏا ڀاڪا خاص ڪري وڏيءَ مڇيءَ لاءِ هوندا آهن. رَڇَ

پوءِ گوڏي سٽر جيڏي پاڻيءَ ۾ ڪڙهي هٽندو هلندو، مڇي ڪند، يعني ڪڙهيءَ (ڄار) کي لوڏيندي ته وچ ڪڙهي جو ڪٽي ڦٽي ڪندو، پوءِ ڪڙهيءَ جا پاوا گپ ۾ کوڙي ڪڙهيءَ جي ڄاريءَ مٿان هٿ گهمائي ڏسندو، هٿ کي مڇي لڳنديس ته ان کي وٺي ڪُهه ۾ وجهندو آهي. ڪڙهي ٻانڌڻ تي پيهيءَ مٿان ملاح ڪٽي وهندو آهي. اهي ٻانڌا چڙهه ۾ به لڳندا آهن ۽ لاٽ پاڻيءَ جي ڇڇڻ ۾ به لڳندا آهن. چوته چڙهه ۾ پاڻي واهن ڏي وهندو آهي. مڇي سير ڪري هلندي آهي، درياهه جي انهن ڳارن ۾ جتان مڇيَ وهندي آهي، ان کي ريج سان به جهلائيندا آهن. مڇي سير ڪري هلندي ته ٽَپ ڏئي مڇيءَ مٿان ڪڙهي هٽندا ۽ مڇي ڦاسائيندا.

- **ڪُڙهه**: وڏين ڪُڙهين کي ڪُڙهه چوندا آهن. ڪڙهه سان ملاح ڪنارن سان پلا به ماريندا آهن. ننڍي ڪڙهيءَ جا پاوا وڏي مڇي پڇي وجهندي آهي، ان ڪري ملاح وڏي مڇي مارڻ لاءِ ڪڙهه ڪم آڻيندا آهن. جيڪڏهن ڄاريءَ جا پاڪا ويڪرا ٿيندا آهن ته ڪڏهن ڪڏهن وڏي مڇي ڦاسي پوندي آهي، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پهاڪو ڏيندا آهن. 'وينا هئا ته اچي ڪڙهي پين' يعني ڦاسي پيا!
- **سبهي يا سبوهي**: هيءَ ريج خاص پلن لاءِ هوندو آهي، جنهن جو بيان اڳ ڪري چڪو آهيان.

ننڍي مڇي جهول سان ماريندا آهن. ننڍي پاڻيءَ ۾ هڪ ماڻهو چادر جهڙي ڪپڙي جي هڪ پاسي جا ٻئي پلاند هٿ ۾ جهليندو آهي ۽ ٻيو ماڻهو ٻئي پاسي جا پلاند جهليندو آهي.

شاهه سائينءَ جهول جي اِجهو هيئن ڳالهه ڪئي آهي:

اڻين نه مرن مڇ، جيئن جهينگا پائين جهول ۾،
سپر ڏار سمونڊ جا، رانوان رنگي ريج،

هي ٿيئي چاڙهون ڇچ، اجا اوڙاهه اڳي ٿيوا

- **ٻج جو رڇ:** هيءَ رڇ سنهو ڪترو ٿاهبو آهي، جنهن ۾ ننڍي مڇيءَ جو ٻج ڦاسائبو آهي، جيڪو تلائن ۾ وجهبو آهي، مڇيءَ جي ٻج جو واپار وڏي نفعي وارو واپار آهي. ننڍي ٻج واري هڪ مڇي پنجن کان 10 روپين ۾ ملندي آهي، جيڪي ماڻهو ٻج وارا ننڍا هٿرادو ڍيرَ ٺاهي مڇي پالين ٿا. تن ڪي هي ٻج جڙ سستو پوي ٿو.
- **چانگهي سان مڇي مارڻ:** ملاح ننڍي پير ٻوڙ پاڻيءَ ۾ مڇيءَ ڪي تَڙَ ڪري، رانون ويڪريون ڪري، چلپو هٽي ڪناري سان وڃي ڦاسائيندا آهن. چانگهيءَ ۾ پاءَ کان اڌ سير جيتري مڇي ماري وٺندي آهي.
- **ٻاڙو ڪرائي مڇي مارڻ:** ڍبن ۾ جڏهن پاڻي ننڍو مُرڻي پنيءَ جيترو ٿيندو آهي، ته پنج ست ماڻهو پاڻيءَ ۾ تڪڙا ڦيرا ڏئي پاڻي ميرو ڪندا آهن. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ مڇي منهن ڪڍندي آهي ته ان کي لٺين سان ٻه ماري سگهندا آهن.
- **ڇِت:** اوائلي دؤر ۾ ڏڦي مثل لوهه جي ڇِت سان، جنهن ۾ ڪاٺ جو چار پنج فوٽ ڳن هوندو هو، مڇي ماريندا هئا. مڇي ٿورا پَنا ڪڍندي هئي ته ڇت هڻندا هئس. مهاڻا ڇت سان وڏيون مڇيون ٻه ماري سگهندا هئا. ڇت رڇ کان اڳي جي ايجاد آهي ۽ لوهه جي ڀرين دؤر ۾ ڪم آندي ويندي هئي. ان کان اڳي مڇيءَ جو شڪار ڪندڙ پٿرن جي اوزارن سان مڇي ماريندا هئا.

# ڏنڊن ۾ مڇي مارڻ ۽ ماڻهن جي رهڻ واريون ٻيڙيون

ڏنڊن ۾ مڇي مارڻ لاءِ ننڍيون ٻيڙيون هونديون آهن، جن کي "ڊونڊيون" چئبو آهي. ڊونڊيءَ جو نمونو ڪؤنتل جھڙو هوندو آهي، جنهن کي هلائڻ لاءِ ٻُن يا چپو لڳندو آهي. اها ٻيڙي ٻُن سان هلائبي آهي. مڇي مارڻ جو ڪم "ڪؤنتيا" ۽ "هڙهيا" به ڪندا آهن.

منڇر ۾ ملاح رهڻ لاءِ وڏيون ڊونڊيون ڪم آڻيندا آهن جن کي ويڙو به هوندو آهي ته ٻُن به هوندو آهي. ننڍيءَ ٻيڙي يعني ڊونڊيءَ جي ساخت وڏي ٻيڙي وانگر آهي. جن ٻيڙين ۾ ملاح گھر ڪري ويهندا آهن، اهي ڪجھ وڏيون ٻيڙيون هونديون آهن. وڏي ٻيڙي وڌ ۾ وڌ ٻارهن خرار يعني 350 مڻ کڻندي آهي. جنهن ٻيڙيءَ ۾ ملاحن جا گھر هوندا آهن. ان ٻيڙيءَ کي لانگ به لڳل هوندي آهي. منڇر ۾ ڪابه لانگ ٻيڙي جدا نالي سان ڪانه آهي، البت ٻيڙيءَ کي لانگ لڳل هوندي آهي، جيڪو ٻيڙيءَ جو گويا هڪ اوزار آهي. تاج صحرائيءَ لانگ ٻيڙي، ٻيڙيءَ جو قسم ڄاڻايو آهي، جيڪا ڳالھ غلط آهي. سائين تاج صاحب اها به وڏي غلطي ڪئي آهي جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته ٻيڙيءَ جو اڳيون حصو آڳل پوئين حصي ڀاڃل کان مٿي ٿيندو آهي، ليڪن منڇر يا لب درياهيءَ تي اهڙي ٻيڙي، جنهن جي آڳل مٿي هجي ۽ ڀاڃل هيٺ، آهي ئي ڪانه. هڙهيا به سدا ٿيندا آهن، پر، سندن اڳيون حصو مٿي نه ٿيندو آهي.

منڇر جڏهن درياھ جو پيٽ هئي، تڏهن ته وڏيون ٻيڙيون منجھ، ڦٽڪا ۽ شاندارا ڦيرا ضرور ڏينديون هونديون. پراڻ کان پوءِ ڏنڊ ٿيڻ کان پوءِ وڌ ۾ وڌ ڏهن ٻارهن خرارن واريون ٻيڙيون ملاحن جي رهڻ لاءِ موجود آهن. منڇر ۾ گھرن لاءِ ڪم ايندڙ ٻيڙيون به هلنديون آهن، جن کي ڊونڊين جھڙو مستطيل سڙھ ٿيندو آهي، درياھ جي وڏين ٻيڙين جا سڙھ نموني جا هوندا آهن. اڳي غورابن

### منڇر ڍنڍ تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

منڇر ڍنڍ جو پهريون نالو مانسرور يا مانڇر آهي. سَرَن يا ڇر جي ماءُ مانسرور وانگر هن ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ تي نالو پيو آهي. ٻي ڳالهه ته منڇر گاهه جو قسم به آهي، جيڪو منڇر ڍنڍ ۾ جام ٿيندو آهي. منهنجو پنهنجو خيال آهي ته منڇر تي اُن گاهه جي ڪري هيءُ نالو پيو آهي. ڪن محققن وري ايران جي بادشاهه منو چهر سان هن ڍنڍ جي نسبت ڳنڍي آهي، جيڪا بلڪل غلط ڳالهه آهي. ان ڪري منڇر مقامي سنڌي نالو آهي.

# ملاحن جا گيت

هڪ ٻيڙيءَ تي بار کڻڻ يا زور لڳائڻ لاءِ ترنم سان جيڪي گيت چوندا هئا، تن جو هڪ نمونو ڏجي ٿو. هي گيت معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ جو آهي:

ها، ها، ......... هئيسا
سا، سا ........ هئيسا
مانجها ........ هئيسا
سنڌو ......... هئيسا
ماتا ......... هئيسا
جندا ......... هئيسا
پيرا ......... هئيسا

**تيز ٽون:**

دريا ڏنا........ هئيسا،* هئيسا
ٻلوان ٻنا....... هئيسا، هئيسا
درياه ڪنا...... هئيسا هئيسا
درياهه داڙو...... هئيسا هئيسا
ٻيڙا لاڙو.... هئيسا، هئيسا
چمر چوڙا..... هئيسا، هئيسا
لهرا لوڏا..... هئيسا، هئيسا
شوَ شناجي..... هئيسا، هئيسا
وشنو وانجهي.. هئيسا هئيسا
پار لڳاوي، ..... هئيسا هئيسا
ڪرشن آوي..... هئيسا، هئيسا

ڪوبہ بار، آڏ يا شيڪلو (ڪوهو) مٿي ڪڍڻ وقت هڪ مهاڻو ترنم سان مٿي ڄاڻايل گيت جا لفظ چوندو ويندو هو ۽ ٻيا گڏجي يڪساهيءَ "هئيسا، هئيسا" چوندا ۽ گڏوگڏ زور لائيندا ويندا هيا. جنهنڪري ڳرو بار ڪچي پوندو هو.

هي اهي گيت آهن، جن کي ملاح هلندڙ ٻيڙيءَ دوران يا ڪناري تي زور لائڻ وقت چوندا هئا. ان ڪان اڳي رڳو درياهہ شاهہ کي 'وينتيون' ڪندا هئا.

ٻيڙي ڏکڻ کان اڳ ڪي منتر بہ پڙهيا ويندا هئا، جيڪي ٻيڙي ٻني لڳڻ لاءِ هڪ دعا جي برابر هوندا هئا.

**مسلمانن جي دؤر جا گيت:**

هيلي يالا (الله)، ...... هيسا!
يا لا (الله) موليٰ.... هيسا!
مولا سائين..... هيسا!
ٻار پڄائين..... هيسا!
ترهو تارين..... هيسا!
سير اڪارين.... هيسا!
الله واهي..... هيسا!
ترها الاهي..... هيسا!
الٰهي هنجهو...... هيسا!
جوان جهجهو..... هيسا!
مهر مدينا...... هيسا!
ساهيو سينا...... هيسا!
حجنا حاجي...... هيسا!
مڪي ۾ شادي...... هيسا!
مڪا منارا...... هيسا!
درياهہ ڪنارا...... هيسا!
درياهہ داڙو....... هيسا!

لشڪر واڙو...... هيسا!
لشڪر غوراب...... هيسا!
شيشن شراب...... هيسا!
شيشن ماهي...... هيسا!
سپ سٽائي...... هيسا!

اجا بيا بہ ڪي لفظ (گيت جا) ملاح بار ڪڍڻ وقت، گڏجي زور لڳائڻ ۽ جوانن کي همت ڏيارڻ لاءِ ترنم ۾ چوندا هئا. ان عمل کي 'جاب' يا 'جباب' چيندا هئا. هڪ ملاح ترنم سان چوندو هو: 'هيلي ..... يالا' تہ زور لڳائڻ وارا 'هيسا' چئي گڏيل زور لڳائيندا هئا. اهو نمونو هڪ ٽي زور لڳائڻ لاءِ هئو. آڏ گهيرڻ کان پوءِ اَنُ ڪڍڻ وقت زور لاٿو هوندو هو تہ بيا بہ ڪي گيت چوندا هئا. جن مان لوڪ گيت، 'مانجهيڙو'، بہ هڪ هو، جنهن جا آلاپ ڪجهہ هن ريت هئا:

مانجهي او!
مانجهي او ڪنارو دور!.....
مانجهي او....! — بيڙيءَ پور، ڪريون ڪور......

مون کي پراڻي دؤر جو ڪو ملاح ملي نہ سگهيو جنهن کان مڪمل گيت پڇي نوٽ ڪريان ها. ايرپي خان ملاح بہ چند بند ٻڌايا، جيڪي هتي ڏنا اٿم.

# درياهي ملاحن وٽ وائن جا نالا

- طوفان: تمام زور سان لڳندڙ واءُ، جيڪو وڻ پاڙؤن پٽي ڪيرائيندو آهي ۽ ڪنارن تي بيٺل ٻيڙيون ٻه اٿلائي وجهندو آهي، ان کي "طوفان" چوندا آهن. ڄاڻو ملاح اڳ ۾ ڪڪر ڏسي چوندا آهن ته طوفان اچي ويو، پوءِ جلدي ٻيڙيون ڪناري لڳائي، آڏ هيٺ لاهي (جنهن کي آڏ گهيرڻ يعني هيٺ لاهڻ چوندا آهن)، ناناري پڳهه مضبوط ڪندا آهن.
- ڇوهو: ڇوهو واءُ معنيٰ تيز واءُ: ڇوهو، طوفان کان هلڪو ٿيندو آهي. ڇوهي واءَ ۾ ٻيڙيون هلنديون آهن، پر اهو خطري کان خالي نه هوندو آهي، ڇوته اهو واءُ تيز به ٿي سگهندو آهي.

جي ڇوهي ڇوڙياٿون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين!
(شاهه)

- تکو واءُ: تکو واءُ، تيز واءُ کي چئبو آهي، جيڪو معمول کان وڌيڪ تکو هوندو آهي. ان واءَ ۾ ٻيڙيون هلنديون آهن. تکو واءُ وڏين ٻيڙين کي روڪي نه سگهندو آهي، ڇاڪاڻ ته وڏين ٻيڙين کي هلائڻ لاءِ تکو واءُ کپندو آهي.
- جهڪو واءُ: جهڪو يا هلڪو واءُ، يعني ٿورو واءُ، جيڪو ٻيڙين جا سڙهه نه ڀري سگهي.
- ڪَرو واءُ: اهو واءُ، جيڪو سڙهه کي ڊگهائي سگهي، ان کي 'ڪرو واءُ' چئبو آهي. ملاح چوندا آهن ته 'واءُ هاڻي ڪرو ٿي ويو آهي، ٻيڙي ڇوڙڻ گهرجي'. وڏين ٻيڙين کي هلائڻ لاءِ

کري واءَ جي ضرورت پوندي آهي.

- **اُتر واءُ:** سرءَ جي موسم ختم ٿيڻ تي اتر لڳندا آهن. اُتَر واءَ لهوارين ٻيڙين لاءِ ڪارائتا رهندا آهن. اتر واءُ، سري کان لاڙ سگهه پهچائيندو آهي. سياري جي موسم ۾ اتر جي واءَ سبب سردي وڌي ويندي آهي ۽ هيءَ واءُ ماڻهن جا ڏند ڏڪائيندو آهي.
- **ڏکڻ واءُ:** ڏکڻ واءُ ٻيڙين لاءِ بهتر ۽ سڀ کان وڌيڪ ڪارائتو هوندو آهي. هيءُ واءُ ٻيڙيءَ هلائڻ لاءِ لهواري يا اوڀاري ٻنهين پارين ڪمائتو رهندو آهي. ڏکڻ واءُ جهڙ به لاهيندو آهي. ڏکڻ جو کرو واءُ ٻيڙياٽن لاءِ فائديمند هوندو آهي.
- **اُوڀر واءُ:** اوڀر واءُ، درياهه جي ڪن وَرن ۾ ٻيڙيءَ کي هلڻ ۾ مدد ڪندو آهي. هيءُ واءُ سڌي اتر کان ڏکڻ واري ور ۾ ٻيڙيءَ کي جهولي طرف زور لائيندو آهي. واءُ تيز هوندو آهي ته پوءِ به تي ملاح رَسَ کي جهليو ايندا آهن ته جيئن ٻيڙي جهوليءَ ۾ نه وڃي پوي.
- **اولهه واءُ:** اولهه واءُ برساتي مندن کان سواءِ گهٽ لڳندو آهي. اولهه واءُ به ٻيڙيءَ کي اوڀاري ۽ لهواري ۾ مدد ڏيندو آهي. سامهون واءُ ٻيڙين کي تڪليف ڏيندو آهي.
- **پوربي واءُ:** پوربي واءُ، اوڀر ۽ اتر جي ڪنڊ کان لڳندو آهي. پوربي واءَ ۾ ٻيڙي لهواري تڪي هلي سگهندي آهي. پوربي واءُ، پورب جي ڪڪرن مان لڳندو آهي. پوربي ڪڪرن کان ملاح ڪن هٽندا آهن ۽ ٻيڙيون ٻيهاري ڇڏيندا آهن. پوربي هوا ڪڏهن طوفان جي روپ ۾ به لهندي آهي ۽ ملاحن ۾ پريشاني پيدا ڪندي آهي.
- **اوڌن واءُ:** اوڌڻ جا واءُ، آکاڙ ۽ سانوڻ مهيني ۾ زور سان لڳندا آهن. اوڌڻ پاڻ سان ڌوڙ آڻيندي آهي. اوڌڻ جو واءُ

طوفان وانگر لڳندو آهي. اوڏهن ۾ ٻيڙيون ڪنارن تي ٻڌي ڇڏيندا آهن. اوڏهن جو واءُ رڪي رڪي زور لائيندو آهي ۽ خاص ڪري ڇپاڙيءَ جو وڌيڪ زور لائيندو آهي.

- **ڪامهه جو واءُ:** هيءُ واءُ اولهه ۽ ڏکڻ جي ڪُنڊ کان لڳندو آهي، خاص ڪري رات جو لڳندو آهي ۽ اوپارين ٻيڙين کي هلڻ ۾ مدد ڪندو آهي. ديو مالائي ڪهاڻين ۾ 'ڪامهه' کي 'ڪام ديوتا' جي داسي ڇيو ويندو آهي. هي واءُ ڪُندائتو واءُ سڏبو آهي.
- **اوتر جو واءُ:** هاڙهه جي مند ۾ اوتر اُتندا آهن. اوتر مٿي چڙهيل هوندا آهن ۽ هيٺ گهٽ زور لائيندا آهن. ملاح پري کان ڪڪر ڏسي چوندا آهن ته اوتر اٿيو آهي. انهن کي اها به خبر پوندي آهي ته اوتر واءُ جو آهي يا مينهن جو. اوتر ۾ خطرو سمجهي ٻيڙين جا سڙهه ڇوڙي، آڏ وٽ گهيري هيٺ ڪري ڇڏيندا آهن.
- **مينهن واءُ:** واءُ ۽ مينهن جي گڏ پوڻ کي 'مينهن واءُ' چوندا آهن. گڏيل مينهن واءُ ملاحن کي منجهائيندو آهي، ۽ اهي مينهن واءُ رسڻ کان اڳ ۾ سڙهه لاهي پکن هيٺان رکندا آهن ته جيئن سڙهه پُسي نه پوي. اهو واءُ برساتي واءُ هوندو آهي.
- **چؤماسي هوائون يا واءُ:** جڏهن هندستان ۾ چؤماسي مينهن پوندا آهن، تڏهن سنڌ ۾ چؤماسي مينهن نه جهڙا پوندا آهن، پر چؤماسي هوائون سنڌ ۾ ضرور لڳنديون آهن. سنڌ ۾ اهي هوائون ويساک کان بدي تائين لڳنديون آهن ۽ طوفاني زور نه لائينديون آهن. پر مٺبيون سٺبيون رهنديون آهن، جنهن ڪري ٻيڙين کي سفر ڪرڻ ۾ قدري ڏکيائي ٿيندي آهي.
- **واچوڙو:** واچوڙا جيئن سُڪيءَ تي گنڍڻ جيان ڦرندا آهن،

تيئن درياهہ ۾ بہ ساڳيءَ طرح پاڻيءَ کي ڦيرائي مٿي چڙهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اوچتو ٻيڙيءَ جي سڙهہ ۾ ڦاسي، ٻيڙي اٿلائي وجهندا آهن. ڪناري تي واچوڙو ڏسي ملاح 'دامڻ' کولي ڇڏيندا آهن تہ جيئن ٻيڙي واچوڙي جي سٽ کان بچي پوي. اڳي ماڻهو واچوڙن کي فقير يا جن سمجهندا هئا ۽ واچوڙو اٿندو هو تہ چوندا هئا 'خير فقير خير....' يا وري ڪي چوندا هئا، 'ٻہ جريو آهيان'. چوڻ هنن کي خبر هئي تہ جن ڀن ڙالن وارن کان بہ ڊڄندا هئا.

- ڏپو: هلڪي يا ٿوري واءَ کي ڏپو چوندا آهن.
- آلاتي واءُ: رات جو هلڪو واءُ محسوس ڪري ملاح چوندا هئا تہ آلاتي واءُ يعني مٿي واءُ آهي، ان جي خبر شيڪلي جي مٿان لڳايل بانبٽي ڦرڻ سان پوندي آهي ۽ سمجهبو آهي تہ واءُ ڇُريو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ سڙهہ کولي ٻيڙي ڏڪيندا هئا ۽ آلاتي واءَ جو فائدو وٺندا هئا.
- آلاتي ڏپو: مٿاهون هلڪو واءُ. اهڙي واءُ لڳڻ تي ملاح چوندا آهن تہ آلاتي ڏپو لڳو آهي. آسرو هوندو اٿن تہ اهو ڏپو چڱو واءُ ٿي گهلندو ۽ ڪمائتو ثابت ٿيندو. اسان سنڌيءَ ۾ ائين بہ چوندا آهيون تہ 'ڏَپي ڏَپي ساهہ پيو اٿس' يعني آهستي آهستي حالت سُڌري اٿس.
- واءَ جو جهوٽو: اهو واءُ، جيڪو تکو لڳي ۽ وري جلدي ختم ٿي وڃي تہ ان لاءِ ملاح چوندا آهن تہ 'واءَ جو ڏاڍو چڱو جهوٽو هو' پر بند ٿي ويو. رکي رکي جيڪي جهوٽا ايندا آهن، اهي بہ ٻيڙيءَ کي ڪجهہ اڳتي رسائيندا آهن. ملاحن لاءِ واءَ جا جهوٽا ڪم وارا هوندا آهن.
- ساندائو: سَن کان هيٺ شام جو تکو واءُ لهندو آهي، ان کي ملاح 'ساندائو واءُ' چوندا آهن. انهيءَ شام مهل لهندڙ واءَ

- **تاڏو واءُ:** تاڏو واءُ هڪ طرفي تڏ ڏئي بيهندو آهي ۽ ٻيڙيءَ کي هلندي هلندي رڪاوٽ ڪندو آهي. اهو واءُ ملاحن کي مُنجهائيندو آهي ۽ هو ٻيڙيءَ کي اڳتي هلائڻ لاءِ ونجهه به ڪڍندا آهن ۽ تڪليف وڏيڪ ايندي اٿن.
- **ڏکڻ جا ڏس:** واهوندن جي مند ۾ لڳاتار ڏکڻ جو واءُ لڳندو آهي، ان کي 'ڏکڻ جا دس' چوندا آهن. ڏکڻ جو واءُ ملاحن لاءِ سنو واءُ يا سنو سوڻ سمجهيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته، سر ڏکڻ ۾ آگر نه ٿيندو آهي ۽ وسڻ جهڙو جُهڙ به ٿري ويندو آهي.
- **اُتر جا دس:** سرءُ ختم ٿيڻ تي لڳاتار اتر لڳندا آهن، جن کي 'اتر جا دس' چوندا آهن. اتر لڳڻ تي سامونڊي وڻجارا سنڌوَ جي بندرن تان ٻيڙا ڪاهي اونهي ڏي اوهري ويندا هئا. سمنڊ کي ساٿيهه سمجهڻ وارا، ڪاري جا ڪيڙائو جهلڻي به نه جهلبا هئا ۽ ٻيهر ٻيڙا مکي روانا ٿي ويندا هئا.
- **چؤُ واٽي:** برساتي مند ۾ چؤُواٽي لڳندي آهي، يعني چار واءُ لڳندا آهن. چوواٽيءَ ۾ هر طرف جو واءُ لڳندو آهي ۽ اوپر ڦري ڏکڻ ٿيندو آهي. چؤُواٽيءَ ۾ ملاح يا ته ٻيڙيون ٻڌي ڇڏيندا آهن يا رس ۽ ونجهن تي هلائيندا آهن.
- **درياهي واءُ:** ملاح درياهه کي ڏسي چوندا درياهه تي واءُ جا اهڃاڻ لٿا آهن، ڇاڻ درياهي واءُ لهڻ وارو آهي. ملاح درياهه جي رنگ کي ڏسي سمجهي ويندا آهن ته درياهه تي واءُ لهڻ وارو آهي.
- **درياهي ڏيو:** درياهه تي (نوائي) واءُ صفا بند ٿي ويندو آهي، پوءِ هلڪو واءُ لڳندو آهي ته ملاح چوندا آهن ته 'درياهي ڏيو لڳو آهي، پڳهرجي ويا هئاسين'. اهو ڏيو ٻيڙيءَ ڏڪائڻ جي قابل نه هوندو آهي.

- **مانُو واءُ:** گهٽ لڳندڙ واءَ کي مانُو واءُ چوندا آهن. يعني ڍرو واءُ. ملاح، مانُي واءَ ۾ ونجهه ڪڍندا آهن. ٻيڙي وڏڻ کان ٻيهي ويندي آهي تہ ناکئو جوانن کي هوشيار ڪندو آهي تہ 'جوانو! ٻيڙيءَ کي ونجهہ جي ٽيڪ ڏيو، ڇوتہ واءُ مانُو ٿي ويو آهي.'
- **آجهڙ:** واءُ تکڙو لڳي وري گهٽجي ويندو آهي تہ ملاح چوندا آهن تہ 'واءُ جو آجهڙ آيو ۽ وري بند ٿي ويو'. تيز واءُ جو آجهڙ ايندو تہ چوندا تہ ڪرو آجُهڙ هو. جيڪڏهن ڍري واءُ جو آجهڙ ايندو تہ ملاح چوندا تہ مانُو آجهڙ آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهي آجُهڙَ سامهون لڳندا آهن تہ ونجهہ يا رَس تي هلندڙ ٻيڙيون ٻيهي ونديون آهن. پوءِ همراهن يا جوانَن کي همت ڏيارڻ لاءِ ناکئو چوندو آهي: "مانُو آجهڙ آهي، زور لڳايو، ٻيڙي اڳتي ڪڍي آڻو!"
- **سامهون واءُ:** واءُ ڪهڙو بہ هجي، پر جنهن طرف ٻيڙي هلي، ان جي سامهون هجي، تہ اُن واءَ کي سامهون واءُ چوندا آهن. سامهين واءَ ۾ ٻيڙي رَس يا ونجهن تي نهايت تڪليف سان هلندي آهي. واءُ جيڪڏهن تکو ٿي ويندو آهي تہ ٻيڙيون ڪٺي ٻيهاريندا آهن. ٻيڙي ٻيهڻ جي حالت ۾ بہ جوانَ ڪم ڪندا آهن. نئين ڪانهَن جي ڪانهين لٺي، ان کي ڏنگريءَ سان کُتي، اُن مان سڙهہ ٻڌڻ لاءِ ساڪا وٺيندا آهن. ساڪن کي ڪچو وٽ ڏيندا آهن.
- **کوٽو واءُ:** ملاح انّ واءَ کي کوٽو واءُ چوندا آهن. جيڪو واءُ ٻيڙي ڏکائڻ کان پوءِ اڌ درياهہ ۾ ختم ٿي وڃي ۽ ٻيڙي جهولي جي ڇڪَ ۾ پوئتي هَٽڻ شروع ڪري. سڄاڻ ملاح ان کوٽي واءَ کي اڳواٽ محسوس ڪري وٺندا هئا. اٿڃاڻ ڏيي لڳڻ سانَ ٻيڙيون ڇوڙيندا هئا تہ تڪليف ڏسٽي پوندي

هئي.

- گهاتو واءُ: ملاح گهٽي لڳندڙ واءُ کي 'گهاتو واءُ' به چوندا آهن ۽ يقين ڏيکاريندا آهن تہ هيءُ دوکو نہ ڏيندو. چوندا آهن گهاتو ٿي لٿو آهي، پڇاڙيءَ تائين اهوئي بيٺو هوندو.
- ڪاڍارو واءُ: ڪڏهن ڪڏهن ملاح چوندا آهن تہ درياهہ تي هيٺ واءُ لٿو آهي، معنيٰ واءُ پيو آهي، پر هتان ڪاڍارو آهي، يعني اچا پري آهي ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ پهچندو. پراڻي دؤر ۾ خابرو راڪيٽ ڪونہ ها. جي درياهہ يا سمنڊ وارن کي ٻڌائين ۽ ٻنهي لڳائڻ سان پرچي نڪري ۽ لکيل هجي تہ هتان کان 600 ميل پري سمنڊ ۾ طوفان لڳي ٿو. يا ڪو جهاز اچي ٿو. پر هي درياهہ جا پوڄاري ۽ سمنڊ سينچيندڙ درياهہ جي رنگ مان، پنهنجي سچيتائيءَ ۽ فهم سان معلوم ڪري وٺندا هئا تہ درياهہ رنگ بدلايو آهي ۽ درياهہ تي پري واءُ لهي چڪو آهي. هيتري نہ هيتري وقت پهچي ويندو. اچا ڪاڍارو يعني پري آهي.
- ڪنوڻ جو واءُ: ڪڏهن ڪڏهن سُڄاڻ مهاڻا ڪنوڻ ڏسي ٻڌائيندا هئا تہ اها ڪنوڻ واءُ جي آهي، جلدي هلندڙ ٻيڙيون بيهاري ڇڏيندا هئا ۽ سمجهندا هئا تہ چاڻ چوهو يا طوفان پهتو. ٻيڙيون اچا مس پڳهہ، ۽ ناتاريون لاهي مضبوط ٻڌندا هئا تہ طوفان پهچي ويندو هو.
- ڪوسو واءُ: ڪڏهن چر ۾ بيٺل ٻيڙيءَ کي آرهڙ جي موسم ۾ ڏکڻ جو واءُ ٿورو ڪوسو لڳندو هو تہ ملاح چوندا 'الله آڻي گهل، پوءِ ڪوسو ئي سهي، مڇر تہ ترڙيندين... نيٺ ٽريندين!'
- ٿڌو واءُ: سياري ۾ اتر جو ٿڌو واءُ لڳندو آهي. ڪڏهن برساتي واءُ بہ ٿڌو لڳندو آهي.

- **هير:** ملاح ٿوري هوا محسوس ڪري جوانن کي چوندو آهي تہ 'هير ٿنواري ٿي، ٻيڙي ڇوڙيو درياھ جي ڦلاٽي وَرَ تائين هير ٻيڙيءَ کي ڪٽي هلندي. اُٿو! همت ڪريو. ٻيڙيون ڇوڙيو. ساڄي هير ۾ چڱي ڪجهہ منزل ڏوري وٺبي.'
- **ڪُن واءُ:** ملاح ڪن واءُ انهيءَ واءَ کي چوندا آهن، جيڪو سڙهہ ۾ ڦرندو آهي.
- **جهولو:** اونهاري ۾ مٿي جون ۾ گرم واءُ لڳندا آهن، جن کي جهولو چوندا آهن.
- **لُڪ:** جهولي جهڙو ڪوسو واءُ، جيڪو جبلن کان ايندو آهي ۽ ڪک پن ساڙيندو آهي، ان کي لُک سڏيندا آهن. لُڪَ، درياھ تي سَٽَ گهڻ ڏيندي آهي ۽ درياهي ٿڌا ڏيا، لُڪَ جي تيزي ماري ڇڏيندا آهن.

# درياھ جا ڪنارا، ڪچو، فصل

سنڌو درياھ جا ٻئي ڪنارا اٿلي ڪچي کي سرسبز ڪن ٿا. درياھ جڏهن هاڙھ جا ويس ڍڪيندو هو، تڏهن مستيءَ جي عالم ۾ اُٿي پوندو هو، چرون چوھ منجهان ڇُلنديون، ڇيريون ڇمڪائينديون، ٻوڏ جا اعلان ڪنديون ڪچي ۾ ڪاهي پونديون هيون. جيڪڏهن درياھ جي چاڙھ سان برساتيون برسي پونديون هيون تہ پوءِ درياھ جا ڳوٺن جا ڳوٺ ٻڏي ويندا هئا. ماڻهو ڏُڪٽا سُڪٽا ڏيڻ مَڏِن تي مٿي رکندا هئا. مَڏَ، مضبوط ٺوڻيون ڪوڙي، مٿان ڏَڪَ ۽ ڪانهن وجهي ٺاهيندا هئا. گهڻو وقت پاڻي بيهي ويندو هو تہ پاڻيءَ ڪان ٿورو مٿي مڏ ٺاهي، ان تي ڍڳيون ۽ مينهون ڏهندا بہ هئا. انهن مڏن کي مٿان مٽيءَ سان لنبندا هئا، جيئن مينهن جا پير نہ لهي سگهن. ڇو جيئن ڇينو ڪائيندي هئي، پاڻي جلدي اوتجي درياھ ۾ هليو ويندو هو. پاڻي اوڪاڻجي ويندو هو تہ ڇڻن، مٽرن ۽ سرنهن جي ڇٽ شروع ٿي ويندي هئي، ربيع، ڇيٽ جي فصل، پوکجڻ جي وٺ وٺان شروع ٿي ويندي هئي، ڇٽ ڪيڙ ختم ٿي نہ ٿي تہ ڪٽڪ جون ناڙيون شروع ٿينديون هيون. ڪچي جون ناڙيون بہ شاديءَ جي ڪاڄ جهڙيون هونديون هيون. ويھ پنجويھ جوڙا، هڪ هڪ ناڙي، ڪچي جي نرم زمين، ڏاند ناڙيءَ ۾ گهوڙي جا مُنَ پيا ايندا. ناڙيءَ ۾ ڪاٺ جا گهوبا ڍڪڻ ڳيل ٺاهي چڙهيندو هو پوءِ بہ ڪاٺ جا گهوبا پيا ٺاهيندو هو.

ڪچي ۾ درياھ جي پاڻيءَ جي پڇايل زمين جي "بوسي" ڪٽڪ تمام پلي ٿيندي آهي. ڪچي ۾ "ڇيٽاس" ڦٽندو آهي تہ ڪچو ڪشمير ٿي پوندو آهي. اڪثر ڪري ڪچي ۾ مالوندن مارن جا پاڻ هوندا آهن. ڪچي جا ماڻهو ٻوڏ سبب نهايت ڏاڍا ڏکيا ٿيندا آهن، پر مال جي محبت ڪري ڪنهن بہ مصيبت وقت ڪچو ڇڏي نہ سگهندا آهن. هو چون تہ "ادا مڙيوئي ڪاهڻ ڪري رهيا پيا آهيون ۽ رزق رهائي وڏو اٿئون.

اي وطن! ڪومل ڪڇو ڪشمير آ،
جرئتن ۽ جوش جي جاگير آ،
چنگ چاهت جا جتي ٻهڪيو ٻُرن،
اي وطن، جنت نشان، پيارا وطن!

ڪڇو درياهه سان ڳنڍيو آهي، درياهه ڪڇي جي ڪڇ ۾ ڪڇي ۾ ٻئي فصل ٿين، پر ڪتيءَ کان چيٽ جهجهو ٿئي، ٻوڏ جي اٿل جو خطرو جنهن پاسي گهٽ محسوس ٿئي ته اُتي ڪتيءَ جو فصل نارن تي ٿئي، نار آباديءَ جو پراڻو طريقو آهي. ڪڇي جون جئارون ڳاڙهيون، اڇيون، ڪوڏڙو لپاٽڙو، ڪارنهُو ۽ ڪِلڻ ڏٺي ٻئي ٻک لهي. ڪلڻ ۽ لپاٽڙي جا ڦلا ٿيندا آهن، جوئر چوَن ته نماڻي پوک آهي. ٻہ ٻني، ته ي تي ٻوءِ ڳري چڙهندي آهي، جڏهن تار ٿئي ته ٻوءِ نسرندي آهي. لاب لاهي ٻوءِ ڪاني مان سنگ لڻي ڪري ۾ رکبي آهي، ٻوءِ ڏاندن تي ڳاهي واڃبي آهي. جوئر جا آنيون بہ ڪاڻبا آهن، جيڪي ڏاڍا لذيذ ٿيندا آهن. مکڻ سان مکيل جوئر جي ماني لسيءَ سان ڏاڍي وڻندي آهي، ٻي جوکي آهي، ذيابيطس جا مريض بہ کائن ته هرج نہ ٿيندَن. ساڳ بہ لهي جوئر سان.

ڪڇي ۾ ڪتيءَ جي فصل (خريف ۾) جوئر کان سواءِ ٻيا هيٺيان فصل ٿين ٿا: ٻاجهري، تر، منگ، رانها، گوار، سٽي ڪپہ، سايون پاچيون ۽ مڪائي. ڪتيءَ جي فصل ۾ ڪن ڪن جاين تي سنڌو درياهه تي اڳي نار چڙهندا هئا. واهن تي بہ "ڪتيءَ جا نار" چڙهندا آهن. ڪڇي ۾ چيٽ (ربيع) تي بہ نار چڙهندا آهن. انهن نارن کي "ڍاڪار" بہ چوندا آهن. ڪڇي ۾ چيٽ وارا فصل هي آهن: ڪڻڪ، سرنهن، ڄانهو، مٽر، چڻا، توريو. ڪڻڪ جا ڪيترائي قسم آهن. سنڌي ڪڻڪ، ميڪسي پاڪ ڪڻڪ، ڪهڻو، تڏڙي، ٺوڙهي وغيره.

اهڙيءَ طرح ڪڇي جي سرنهن بہ چند نمونن جي ٿيندي آهي، مثال طور،ٽانگر سرنهن، ڳاج سرنهن، ڪنڙو سرنهن، ڪاري سرنهن، ڳاڙهي سرنهن، توريو ڄانهو اهي سڀ تيلي ٻجن ۾ اچي وڃن ٿا. ٻواڙي ۽ سورج مُکي بہ تيلي

بجن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. مٽرن ۽ چٽڻ جا فصل بہ ڪچي جا مکيہ فصل آهن. مٽرن جون ڦريون ڪچي جي ٻيٽن تي ٿيندڙ ننڍيون ۽ وڏيون ٿينديون آهن. مٽرن جي ڪُکُلن جي دال وڏيڪ ذائقي واري ٿيندي آهي. چٽن جا ڦوٽا بہ هڪ سنڌي ۽ وٽندڙ ڊش آهي. چٽن جي ساون ڪکلن جي دال بہ ٿيندي آهي.

ڪڻڪ جي ڳاهيل ڳاهہ کي "ٻُهُ" چئبو آهي. مٽرن، چٽڻ جي ڳاهيل گاهہ کي "ڪَٽُ" چئبو آهي. چٽن جي ڪَٽُ، اُٺ شوق سان کائيندا آهن. مٽرن ۽ چٽڻ جي ڪَٽُ ٻيو مال بہ کائيندو آهي. جوئر جي گاهہ کي ڪانا يا ڪڙبِ چئبو آهي.

## ڪچي جا پاڙ:

ڪچي ۾ جدا جدا گهر هوندا آهن. جيڪي اڪثر مالوندن ماڻهن جا هوندا آهن. ڪچي ۾ ڳائي مال کان ماهيو مال جام هوندو آهي. ڪچي ۾ ماڻهن جو گذارو ٿڻن تي هوندو آهي. پاڳيا ماڻهو پوک بہ گاهہ جي سانگي ڪندا آهن تہ جيئن مال تڳائي سگهن. ميهار ماڻهن کي تہ درياهہ جي ڪناري يا درياهہ جي پر ۾ پاڙ ٺاهڻو لازمي هوندو هو. جڏهن سکر بئراج جا واهہ نہ هئا تہ ماهئي مال وارا پاڳيا درياهہ جي ڪنڌي وسائيندا هئا. اتي مينهن جو چارو بہ هوندو هو تہ پاڻيءَ جو سنهج پڻ. ڪچي جي ماڻهن جي گهرن کي "پاڙ" ان ڪري چوندا آهن. جو اهي مالوند ماڻهو مال جي سانگي ڪڏهن هن ڪنڌيءَ ۾ تہ ڪڏهن هُن ڪنڌيءَ ۾، ڪڏهن هن پار تہ ڪڏهن درياهہ جي هُن پار. جتي مال جو سهولت اتي "پاڙ" ٺاهيندا آهن. پاڳين کي گهر کان اڳي مال جو اوسيئڙو هوندو آهي. ان ڪري چئبو آهي تہ. "فلاڻي جي پاڙن" يا فلاڻي جي پاڙن تي ويا هئاسين. پاڙ. ڳائي مال جي وٿاڻ کي بہ چئبو آهي تہ ماهي مال جي وٿاڻ کي بہ چئبو آهي.

ڪچي ۾ ٻاڪرو ۽ رڍو مال بہ پلبو آهي. اتي ٻڪريون بہ ماڻهو جام ڌاريندا آهن. ۽ رڍون ڪچي جي علائقي جي آمدنيءَ جو وڏو ذريعو آهن. ٻڪريءَ جي وارن کي "ڌاس" چئبو آهي. رڍ جي ٻَجَن کي "اُن" يا "پشم" چئبو

آهي. "آن" مان اوني ڪپڙو ٺهندو آهي. ڪڇي ۾ انن جا "گلا" به پلبا آهن. ماٺهو انن يا ڏاچين جا "وَڳ" ڌاريندا آهن. ڪڇي جو اناج تيلي ٻج ڪپهه يا ڦٽيون انن تيَ ڪڇي بندرن تي ويندڙيون هيون. جتان ٻيڙيون ڪٽي ٻاهرين ملڪن ۾ ويندڙيون هيون. هاٽي به گهٽي پاڳي انن تي اناج ڪڇي اڏن تي پهچي ٿو. قدري ٽريڪٽرن تي مال ڍُڪي ٿو نه ته ڪڇي ۾ اڄ سوڌو انن تي مال ڪڇندو آهي. اٺ جي وارن کي ملين چئبو آهي. مينهن چاريندڙ توڙي ڳائي مال چاربندڙ کي عام طور ڌنار چئبو آهي. هونئن مينهن چاربندڙ کي "ميهار" ۽ ڳئن چاريندڙ کي ڳنوار به چئبو آهي. ٻڪرين چارڻ واري کي "ٻڪراڙ" ۽ رڍن چاربندڙ کي "ريدار" چئبو آهي. اٺ ڌاريندڙ کي "جت" چئبو آهي، ۽ اوٺار" به چوندا آهن.

## ڪڇي جو مال

## ماهيو مال

### ماهيي مال جو سنگن ۽ رنگن مطابق نالا:

ڪڇي ۾ ماهيو مال جام پلبو آهي. پاڳين وٽ سڃاڻپ لاءِ نالا آهن. مينهن جي ننڍي مادي ڦر کي "وَڇ"، نر کي "ڪونهو يا پاڏو" چوندا آهن. پاڏو وڏو ٿئي ٿو "ڪونهاٽ" چونس ۽ ڏنڊين مڙي وڃي ته "پو سانهن پاڏو" چونس. وڇ وڏي ٿيندي ته ان کي "وڇير" يا "ٿهاڻ" چون. مينهن جي عمر ڏندن جي حساب سان هيئن ٻڌبي آهي: ڪيري، ٻڙاندي، جوڳي ۽ مڙيل. پيٽن جي حساب تي به مينهن جي عمر ٻڌندا آهن. جيئن: پهرئين پيٽ ويايل مينهن کي "پهريات"، ٻئي ٽئي چوٿين وغيره پيٽ ڏنل مينهن کي "ٻيهر"، "ٽيهر"، "چوٿر"، "پنج پيٽي"، "ڇهه پيٽي" "ست پيٽي" وغيره چوندا آهن.

سگن مطابق مينهن جا نالا: ڪُنڊي، چوڙَ ڪُنڊي وانڪي ڪُنڊي، گهانگهري، گوشي، سامهين گوشي، سامهين ڪنڊي، ڀلَ، ڏاڦي، گهنجَ، هالي، ڏٻي، ڀلَ، ڦاڏي يا ڦاڏ، پنج ٽٽي.

رنگن مطابق مينهن جا نالا: ڪاري ارني، ڪَرَمَ، چال ڳاڙهي، پولي،

پورَ بدل، پوري وغيره.

- **ڪُنِڊي:** گول وريل سنگن واريءَ مينهن کي "ڪنڊي" چوندا آهن.
- **چوڙ ڪنڊي:** هن مينهن جا سگ تمام سوڙها ۽ وريل هوندا آهن. پاڳيا چوندا آهن تہ هن مينهن جي سنگ جي ور مان ڦوڪ بہ نٿي وڃي، ان ڪري ان کي چوڙ ڪنڊي چئبو.
- **واڪي ڪنڊي:** هيءَ مينهن بہ ڪنڊي هوندي آهي، پر سنگ ٿورا واڪا هوندا اٿس.
- **سامهين ڪنڊي:** هن قسم جي مينهن جا سگ اڳيان ڪنڊا ٿي ايندا آهن.
- **گوشي:** جنهن مينهن جا سنگ ٿورا چوٽيءَ تي وريل هوندا آهن ان کي گوشي چئبو آهي.
- **سامهين گوشي:** ان مينهن جا سنگ مينهن جي منهن مٿان وريل هوندا آهن. يعني سنگ تہ مٿي هوندا اٿس، پر ان جي سنگن جو مور اڳتي هوندو آهي.
- **پِلَ:** پل مينهن جا سنگ مينهن جي ڏياڙن وٽ ٿورو پوئتي ورندا آهن.
- **گهنج:** هن مينهن جا سنگ ٻئي وڏا هيٺ لهي ايندا آهن. ڪن مينهن جا ٻئي سنگ ڏياڙيءَ کان پوءِ هڪ ٻئي جي مٿان چڙهي بيهندا آهن. ان کي گهنج چئبو آهي.
- **ڏاڪي:** هن مينهن جا سنگ پوئتي ڪنن ڏي هليا ويندا آهن.
- **هالي:** جنهن مينهن جو هڪ سنگ هيٺ ۽ هڪ سگ مٿي هوندو آهي، پاڳيا ان کي "هالي" چوندا آهن.

- ڏبي: ڳهنج مينهن کي ڏبي بہ چوندا آهن. هن جا سنگ سڌا هليا ويندا آهن ۽ هڪبئي تي نہ چڙهندا آهن.
- ٻلَ: ٻلَ يا ٻلَهہ، ٻن ٿڻن واري مينهن کي چئبو آهي، جَيڪَا جائيَ جَمر کان ٻن ٿڻن سان ڄمندي آهي. هونئن تہ مينهن کي اڪثر چار ٿڻ ٿين، پر اتفاق سان ٻلَهہ ٿي تہ کير گهٽ ڏيندي آهي.
- قاڏي يا قاڏ: ڪن مينهن جا سنگ آڏا ٽيڙا هوندا آهن، اُن کي قاڏي يا قاڏ چوندا آهن.
- پنج ٿڻي: مينهن ۾ ڪن مينهن کي پنج بلڪ ڇهہ ٿڻ بہ ٿيندا آهن. انهن کي پنج ٿڻي يا ڇهہ ٿڻي بہ چئبو آهي.
- ڪاري: ڪاري رنگ جي مينهن کي "ڪاري مينهن" چئبو آهي.
- ارني ڪاري: جنهن مينهن کي هڪ وار بہ اڇو نہ هجي، پڇ جو سنڌو بہ ڪارو هجيس تہ ان کي "ارني" سڏبو.
- ڪڙم: ڪاري مينهن کي صرف مٿي تي اڇو وارن جو ڳڙو هجي تہ ان کي "ڪڙم" چئبو آهي.
- چال: ڪاري رنگ واري مينهن کي منهن تي ٻولاهو ٽڪو چار پير اڇا ۽ پڇ جو سنڌو اڇو هوندو تہ ان کي چال چئبو آهي.
- ڳاڙهي: ڳاڙهي مينهن، ڳاڙهي رنگ واريءَ کي چئبو آهي.
- بور: ڳاڙهي مينهن، جنهن جي پيرن تي مٿي اڇا وار، منهن تي ٽڪو ۽ پڇ جو سنڌو اُڇو هوندو آهي، ان کي بور چوندا آهن.
- پوري: پوري رنگ واري مينهن، جنهن جون اکيون ڳاڙهين مينهن جهڙيون هونديون آهن، اُن کي پوري

مينهن سڏبو آهي.

- **پولي مينهن:** پوري رنگ جي مينهن، جنهن جو اکيون ڇجيون هونديون آهن، تنهن کي پولي سڏيندا آهن. پولِيون مينهون چوندا آهن تہ کير ۾ پليون ٿينديون آهن ۽ اڪثر پولين مينهن جو کير منو ٿيندو آهي.

## ڪڇي جو ڳائو مال:

ڳائي مال ۾ "ڳئون"، ڍڳيءَ کي سڏيندا آهن. هنديءَ ۾ "گانءِ" چونس. "ڳئون جي نر ڦر کي "گابو" ۽ مادي ڦر ڪي "گابي" چوندا آهن. گابو وڏو ٿيندو آهي تہ ان کي عمر مطابق "وڇيرُ"، "وهُڙو" "وانر"، "ڏاند" چوندا آهن. گابي وڏي ٿيندي تہ "وهڙي" سڏيندس. پوءِ "لاڳ وَهُڙِي" لڳل کي "ڏِڪي وَهُڙِي" بہ چوندا آهن. ڳئن کي بہ پهريات، ٻيهر، ٽيهر، چوٿر، پنج ڀيٽي، ڇهہ ڀيٽي وغيره چوندا آهن. ڏندن وارو حساب بہ ساڳيو مينهن جيان ڪندا آهن: ڪِيري، ٻٽاندي، چوڳي، ڇهين ڏيندي، مڙيَلَ ڏاند، جي مڙڻ کان پوءِ هاري ان جي عمر ڪتين جي حساب مٿان شمار ڪندَ اآهن، جيئن هَڪ ڪتي گذري اٿس، ٻہ ڪتيون تہ ڪتيون چوُ ڪتيو وغيره.

ڳائو مال ڪڇي ۾ گورُ چرندو وتندو آهي، اوپرو ماڻهو ڏسن تہ ٿاهہ ڪائي پڇي وڃن، هڪ ڍور ڪڇي ۾ چرندڙ ڳائي مال مان ڪڍڻ مشڪل هوندو آهي.

رنگ جي لحاظ کان ڍڳيَن يا ڌَڳَن کي هنن نالن سان سڏبو آهي:
پهرين ڏاندن جي رنگ جي لحاظ کانَ نالا پيش ڪجن ٿا: مليرو ڳاڙهو، سائو، تيلو بڳو ڪارو جهَرو ٻَدَلُ، ڪڪڙو ڪَمرو، ڪنڌ ڪارو چوُنرو ٻولاهو. ڳئن جا بہ ساڳيا رنگ مطابق نالا آهن. ملير، ڳاڙهي، سائِي، تيلي، بَڳِي، ڪاري، جهري، ڪڪڙي، ڪمري، ٻَدَلَ، چوُنري، ٽڪڙيلَ، ٻولاهي. سنڱن مطابق بہ ڳائي مال تي نالا رکيل آهن. جهڙوڪ: ڏاندن لاءِ: ڏَٻو، ڪُنڍو، نهرو، تاسرو، ميڊائون.
مُنائون معنيٰ مَٿِ جيڏن سنگن وارو. ڳئن جا بہ رنگ تي ساڳيا نالا

ٿين: ڏٻي، ڪُنڊي، نهري، ڪڪڙي، ٽاسري مڻائين.

## ٻاڪرو مال:

ٻڪريءَ جي نر ڦر کي "ڇيلو" ۽ "ليلو" به چون. مادي ڦر کي "ڇيلي ۽ "ليلي" چون. ڇيلو وڏو ٿئي ته ان کي "ٻَڪَرُ" چون. "ڇيليءَ کي "اڻٺ" چوندا آهن. ٻڪري هڪ کان پنجن ڦرن تائين ڦر هڪ پيٽ تي ڏيندي آهي.

ٻڪرين جا رنگ ۽ ڪنن موجب نالا آهن: جهڙوڪ، ڪُري، ٽيري، ڦهري، ٻري، ڪاموري، ٻوٻڪائي، ٽاڪرو، ڪيڻي ٻري.

ٻڪريءَ جي وٿاڻ کي "واڙي" چئبو آهي يعني ٻڪرين جي واڙ يا واڙي. ٻاڪرو مال وڌندڙ مال آهي. ڪڇي ۾ سڀ قسم جو گاهه ٻڪري کائيندي آهي. جهڙوڪ: ڪانڊيرا، اڪَ، ٻير جي ٽاري، نم جي ٽاري، سُنهانجڙو جوئر، ساريون پاجهري، ڪٽڪ، ڇٽا، مٽر، جهنگ جو سڀ قسم جو گاهه. چوندا آهن ته ٻڪري چوندي آهي ته "اَٺ چَري ٻنيهه" آءُ چران ڇنيهه".

## ريڍو مال:

سنڌ ڌرتيءَ تي ريڍو مال جام ٿو ٿئي. ڪڇي ۾ سرءُ جي مند ۾ آسوءَ مهيني ۾ ريڍو مال ٻري ٻري ڪان ڪڇي ۾ لهندو آهي. رڍ ڪڇي جي ڇهر پٽي زمين کي اهڙو صاف ڪندي آهي، جڻ انهيءَ جاءِ تي جاول ئي ڪانه هئي، رڍ لاءِ هڪ پهاڪو ڏيندا آهن ته "ڇٻر ڪوهه ته فلاڻي جون رڍون ٻُک مرن" ان مان ثابت ٿيو ته رڍون ڇٻر شوق سان ڪائينديون آهن. ريڍو مال وڏي اپت وارو مال آهي. هن مال جي اُنَ (رڍن جي ٻت جا وار) به گران قيمت ۾ ڪپندي آهي. کير ۽ گيهه جي به پيدائش ٿئين. نوان "جاول ڦرڪُهي ان جون ڪلون لاهي وڏي قيمت ۾ ڪپائيندا آهن. رڍَ جي نَرَ ڦر کي "گهٽو" يا "گهيٽو" چوندا آهن ۽ مادي ڦر کي "گهٽي يا گهيٽيَ" رڍن جا چند قسم آهن. جهڙوڪ: ڪُڪي، ڏُنبي ۽ ٽيري.

## اُٺ و مال:

عربن جي دور حڪومت کان اڳ بہ سنڌ ساڻيھہ ۾ ماڻھو اُٺ ڌاريندا هئا. "مھين" جي دور ۾ اُٺ جي هئڻ جي ڪا تاريخي ثابتي ڪانہ ملي ٿي. اُٺ، "بيابانن جو ٻيڙو" سڏجي ٿو. عام ماڻھو اُٺ کي "سُڪيءَ جو ٻيڙو" سڏيندا آهن. اُٺ طاقتور جانور آهي، جيڪو پنيءَ تي ڏهَن کان پنجويهن مڻن تائين بار کڻندو آهي. اُٺ سياري جو مستي ڪندو ۽ گوڙيون ڏيندو آهي. اُٺ جي گوڙ کي "ٻيڪي" چوندا آهن. اُٺ تارون کي ڪڍي ٻيڪي ڏيندو آهي. اُٺ ۽ ڏاچيون (نر کي اُٺ، ماديءَ کي ڏاچي چئبو آهي) مهار ۾ هڪبئي پويان ٻڌل هوندا آهن تہ ان کي "گلو" چئبو آهي. اُٺ ۽ ڏاچيون گڏ چرندا آهن تہ انهن کي بہ گلو چون ۽ هڪ ٻئي پويان ٻڌل اُٺن کي اُنن جي "قطار" بہ چئبو آهي.

اُٺ ڪمائتو جانور آهي، بار کڻي، گاڏيءَ ۾ وهي، نار ۾ وهي. اٺ کي ليٽڻ ۾ بہ وهائيندا آهن. ليٽڻ سان پٽر پچبا آهن. اُٺ جي پاکڙي ۽ ڪجائي يا ڪجاوي ۾ ماڻھو کڻندا آهن. هاٿي ڪارن ۽ بسن تي جڇون هڪ شهر يا ڳوٺ کان ٻئي شهر يا ڳوٺ تائين وڃن ٿيون. پر اڳئين زماني ۾ جڃون، ڪجاون ۾ مهري اُٺن تي هلنديون هيون.

ڪجاوو ڪجائو ڪاٺ جو نهيل هوندو آهي. ان ۾ بہ ڪٺا يعني وهڻ لاءِ خانا هوندا آهن. اهي مُج جي واڻ سان واڻيل هوندا آهن. اٺ جي "پلڻ" ۾ ڪجائو وهاريو آهي. ڪجاوا جنديءَ لئل ڳاڙها بونبن سان ٽيندا آهن. ڪجائي جي مهاڙيءَ کي شيشا بہ لڳل هوندا آهن. ڪجائي جي ڪٺي ۾ ٻہ ٻہ عورتون چڙهنديون آهن. هڪ پلڻ جي مٿان بہ وهاريندا آهن. سوڙهہ جي حالت ۾ ڇهہ عورتون بہ ويهي سگهنديون آهن. ڄڃ اُٺ جي اڳهاڙي پنيءَ تي بہ چڙهندا آهن. باقي سواريءَ لاءِ پاکڙو، ڪجائو يا ٻنڌ ڪم آڻبي آهي. اُٺ تي "پَلڻَ" وجھي بار ڊوئبو آهي. پاکڙي ۾ بہ خانا هوندا آهن. پوئين خاني تي سواري وهندي آهي ۽ اڳئين خاني ۾ جت وهندو آهي. اڳي پاکڙي جي مٿان چمڙي جون نتون وجھندا هئا. خاص آفيسرن ۽ رئيسن لاءِ پاکڙي تي "نتون" وجھندا هئا. جن اوني، سوارن وٽ نتون نہ هونديون هيون تہ اهي نصرپور جا کيس يا پليون چادرون پاکڙن تي

وجهندا هئا.

اُنَ کي ڪرت مطابق نالاڏنل آهن:

**لاڏوَ اُٺ:** هن اُٺَ تي بار لڏبو آهي بار ۾ اناج تيلي ٻج ڪپهہ جون برڪيون، ڪاٺ، ڪوئلو يا پيون ڪيٽريون ٿي شيون سامان کڻبو آهي. گهڻي بار کڻڻ واري اُٺَ کي "بارگير" بہ چوند آهن.

**مهري اُٺُ:** هيءُ اُٺَ پهرين سوار تڙيندا آهن ۽ انهن کي پنڌ سيکاريندا آهن، پوءِ پاڪڙو وجهندا آهن. پلاڻ کار جهڙو تڪا هلندا آهن. مهري اُٺ جڏهن مڪمل مهري ٿيندو آهي تہ پوءِ پاڪڙو وجهي سواريءَ ۾ هلائبو آهي. اڳي آفيسر اُٺَ تي سواري ڪندا هئا. بدليءَ وقت سندن مڏي ٻئي پاسي ويندي هئي تہ اها لاڏو اُٺَن تي ڪڄندي هئي، آفيسر جو سارو گهرو سامان اُٺَ تي ڪڃي هلندو هو. وڏي آفيسر جي مڏي اَٺَن ڏهن اُٺَن جي هوندي هئي، ننڍي آفيسر يا مولائيءَ آفيسر جي مڏي مڙيئي هَوندي هئَي. جيئن سنڌيءَ ۾ چوند اآهن "ميرڻ شاهہ جي مڏي بہ ڏنڊڻ ٿين تڏي"، آفيسر گشت بہ اُنَ تي ڪندا هئا.

**ميلائي اُٺُ:** اُٺَ ميلن يا مقابلن ۾ بہ ڊوڙائبا آهن. جُهلَن ۽ ڳانين سان اُٺَ سينگارجي ايندا هئا. اڄ بہ ميلن ۾ اُٺَ سينگارجي ايندا آهن.

**اُٺَن جا قسم:** ڊاٽي، ڪاڇي، لوڳو، سنڌي، بلوچي.

**اُٺَن جا رنگ:** پورو، ڳاڙهو، ڪارو، تيلو، سائو.

**اُٺَن جا جدا جدا نالا:** اُٺَ جي نَر ڦر کي "توڏو" چوندا آهن ۽ مادي ڦر کي "توڏي". ننڍي نرڦر کي "ڳورو" ۽ ماديءَ کي "ڳوري" بہ چوندا آهن. ڳورو وڏو ٿئي تہ "ڪنوات" چونس. ڪنوات دوڪ ٿئي تہ پوءِ "اُٺَ" چونس "دوڪ" کان پو "ڇڳو"، پوءِ "نيش" چونس. عمر ۾ بہ سالو نيش، تہ سالو نيش، اهڙي حساب سان اُٺَ جي عمر ٻڌائيندا آهن. نالا: مَيو ڪَرهو بودو اُٺَ، ڏاگهو ليڙو ۽ چانگو.

اُٺَ مالڪ سان مستيءَ جي عالمَ ۾ وڙهندو آهي. اُٺَ ۽ ڪاريهر جو وير هڪ جهڙو چون ٿا. اُٺَ صحرا ۾ پلبو آهي ۽ ان کي واريءَ ۾ هلڻ سنو لڳندو آهي. اُٺَ جو ٿوهو يا ڪونهٽ اُٺَ کي چند ڏينهن بک تي هلائي سگهندو.

مينهن ڏکيءَ رڍ ۽ ٻڪري جيان اُٺ بہ اوڳر ورائيندو آهي. اُٺ جا پير گول لسا آهن، ان ڪري گَپَ ۾ ترڪي پوندو آهي، ان ڪري گپ جي حالت ۾ جت گوڏن تي گوڏي گوڏي ڪري ترڪڻ مان ڪڍي ايندا اٿس. هن دؤر ۾ بہ اُٺ اُٺَ گاڏيءَ ۾ سؤ سوا مڻ ڍڪي منزل تي پهچائي ٿو. هن ڪار ۾ پيجاري جي دؤر ۾ ڪجاوا ۽ مهري ڪونہ ٿا گهرجن. اجا بہ ميلن ۾ اُٺَ ڍڪندي نظر ايندا آهن. اٺ ڪي ڄڄ ۾ گوڏن جي مٿان گنگهرو ٻڌندا آهن. جن ڪي اُٺَ جي چير چوندا آهن.

# ڪڇي ۾ درياهه جي ڪنارن تي يا ٻيٽن تي ٿيندڙ گاهه

ڪَتَرُ ٻُوڙي، ڪانهُن، ڀِتَر، ڪيرل، للر مريڙو، ساوڙي، چمڪو ڇٻر، ٻڪن، چانهڪ، ڪچو سر، ڏڀُ، ڪاراهو، ٻوڙي ڪتر وغيره گاهه درياهه جي ڪنارن وارن ٻيٽن تي جام ٿيندو آهي. مالوند ماڻهو پاڻي لهڻ جي مند کان سڄي سياري جي مند ۾ ٻوڙي هٽي، مٿي تي کڻي، مال کي کارائيندا آهن.

صدين کان انسان جو چوپائي مال تي ڌيان رهيو آهي. ماڻهو وڏي چاهه سان مال چاريندا آهن. ڪافي قبيلن جو گذران مال جي ٿڻن تي ٿئي ٿو. ميهار ماڻهو هنَ پر رهندڙ درياهه جي ٻئي پاسي کان ٻُوڙي يا ڪُتر هٽي اچي مال کي کارائينِ. چيَ "رزق تاڻو آهي ته جفاڪشي ته ڪرڻي پوندي". پنهنجي رزق (مال) کي خوش رکبو ته پاڻ به خوش گذاربو".

## ڪڇي جا نار:

صدين کان سنڌوءَ جي ڪنارن، ڍورن ۽ واهن تي نار چڙهندا رهيا آهن. چيت ۽ ڪتي نارن تي چرخي آبادي ٿيندي آئي آهي، نار جو پاڻي مٿاهين زمين تي پهچائبو آهي. نار جو سسٽم وڏي هنرمنديءَ سان اوائل دور ۾ ٺاهيو ويو هو. اسان وٽ آبادي هيٺين طريقن سان ٿئي ٿي:

سيلابي، چرخي، چاهين، باراني ۽ موڪي.

اُنهن مان ڏکيو طريقو نار آهي. نار جي آبادي چوندا آهن ته "ست مڙسي" آهي. نار تي آبادي ڪرڻ جو طريقو مهين جي دڙو جو آهي، ڪپهه جو ذڪر قرآن ۾ به اچي ٿو. اها ڳالهه يقين سان چئي سگهجي ٿي ته ڪپهه نار کان سواءِ نه ٿيندي هوندي، چوته وونئڻ جي آبادي ڪتيءَ جي فصل جي آبادي آهي.

ان منڍ ۾ درياهه جي اٿل ٿيندي آهي. جنهن طرف درياهه جي ليٽ (جنهن کي درياهه جو "آرو" به چئبو آهي) ٿيندي، اهي ڪچي جا پاسا پاڻيءَ هيٺ هوندا. جيڪو پاسو درياهه رخ مٽائي ويندو آهي ته پوءِ ڪنهن پراڻ يا ڍوري تي نار چاڙهي ڪتيءَ جي فصل ۾ وونئڻ پوکيندا آهن. درياهه جو سيڪ چيٽ جي فصل ۾ ڪم ڏئي سگهي ٿو. باقي ڪتيءَ تائين سيڪ زمين ۾ ڪٽي رهي نه سگهيو هوندو.

## نار جي سازو سامان جا نالا:

نار جنهن ڪنب، ڍوري، پراڻ، واهه، ڦاٽ يا درياهه جي ڪناري تي چاڙهبو آهي ته ان جي ڪناري پرسان وڏي کڏ کٽندا آهن. جنهن کي "پڙوڏو" چوندا آهن. انهيءَ پڙوڏي جي مٿان "ڍينگو" رکندا آهن. ڍينگي جي مٿان "مالهه" چاڙهيندا آهن. مالهه ۾ "لوٽا" ٻڌبا آهن. ڍينگي کي "ٻاٽڙ" چوندا آهن.

- چَڪَرُ: نار کي ٻه چڪر هوندا آهن. هڪڙو وڏو چڪر ٻيو ننڍو چڪر. هڪ چڪر کي سڌو ڪري "پارونيءَ" تي وهاريو آهي. وڏي چڪر جي وچ تي پارونيءَ ۾ سرائي پيل هوندي آهي. اها سرائي مٿي ڪانجڻ ۾ بيهاريي آهي. ڪانجڻ يا ڪانجڻ وري وانگر ٻن ٿوڻين تي بيهاريل هوندي آهي. ان جي وچ ۾ سَلُ ٿيندو آهي، جنهن ۾ سرائي ڦري سگهندي آهي. لٺ به پارونيءَ ۾ ڦرندي آهي. لٺ زمين تي رکيل هوندي آهي، جتي ڦرندي، ڍينگو يا ٻاٽڙ کي ڦيرائيندي آهي. چڪرن جا آرا هڪٻئي ۾ اٽڪندا هلندا آهن. ڳاڏيءَ کي سرائيءَ ۾ بند ڪبو آهي. ڳاڏيءَ ۾ اٺ يا ٻه ڏاند ٻڌبا آهن. ڳاڏي ڦرندي ته چڪر ڦرندا. چڪر لٺ کي ڦيرائيندا. لٺ ڍينگي کي ڦيرائيندي. ڍينگي ۾ مالهه ۽ مالهه ۾ لوٽا ٻڌل هوندا آهن. پاڻي نيساري ۾ پهچندو آهي. نيساري کي

پاڙج چوندا آهن. پاڙج جو پاڻي نيسر ۾ وهندو آهي. نيسر اوڏانهن پاڻي موڪليندي آهي، جيڪو آواندن کان ٻنيءَ يا زمين ۾ ويندو آهي ۽ ريج ٿيندو آهي. سچل سائين پنهنجيءَ ڪافيءَ ۾ نارَ جو ذڪر آندو آهي:

دم دم جا ديدار، اپر اسان جي نار تي!
ٻگا ڏاند ٻڌون ٻيئي، ڳالهه تين جي ڪيان ڪيهي
وهن ڏارو ڏار، ڳاڏيءَ جي ڳِٽڪار تي.

—

نيسر پارج ۾ آيو پاڻي، سنگو ٿيندو سنج ۾ ساڻي
پوک پچي ٿي تيار ڪر، سچل جا ڪلنار تي.

## سنڌو درياهه جون مڇيون:

سنڌو درياهه ۾ صدين کان مخصوص قسم جون مڇيون پيدا ٿينديون ۽ وڌنديون ويجهنديون رهن ٿيون؛ چند مڇيون ڪنهن منڍ تي مٺي پاڻيءَ معنيٰ درياهه ۾ اينديون آهن ۽ وري سمنڊ ۾ هليون وينديون آهن. انهن ۾ پلو، مور مڇي ۽ گانگٽ مشهور آهن. سنڌو درياهه جي چوڙ وٽ "ناٿو" ٿيندا آهن، جن ۾ ننڍي سامونڊي مڇي ايندي آهي، پر اها گهڻو فاصلو اڳتي سنڌوءَ ۾ نه ايندي آهي. سنڌوءَ جي خاص ۽ سنڌي ماڻهن جي دل پسند مڇي "پلو" آهي.

پلو ڪوٽڙي بئراج ٺهڻ کان اڳ ۾ سکر واري سادبيلي کان به اڳتي ٽپي ويندو هو. پلا هاڻي جام شوري پل تائين اچن ٿا. سال 1956ع کان اڳ ۾ شاهبندر کان سادبيلي تائين پلن لاءِ مڏيون ٺهيل هونديون هيون.

### درياهه شاهه جو پلو:

محمد اسماعيل عرسائي صاحب سچ لکيو هو ته، "پلو ويچارو غريب غريبي جو گذارو". پلو فبروريءَ جي پهرين تاريخن ۾ سمنڊ کان نڪري سنڌوءَ ۾ داخل ٿيندو هو ۽ 10، 12 تاريخ فبروريءَ جي سکر تائين پهچي ويندو هو.

فبروريءَ ۾ نئين آيل پلي کي "ٿوَلڙيءَ جو پلو" چوندا آهن. پلا جڏهن درياهه ۾ پهچن ٿي پهچن، ان کان اڳ ٺيڪيدار مڏيون درياهه جي ڪنارن سان ٺهرائيندا هئا ۽ انهن تي منشي مقرر ڪندا هئا. پلن جي حساب رکڻ واري منشيءَ کي "سوپڙيو" چوندا آهن. پلي جو ڪاروبار سنڌ ۾ گهٽ هلندو هو. تڙ تڙ تي مَڏي هوندي هئي، وڏن تڙن تي سَوَ کان مٿي "ٻيڙيون" ۽ "ڪوُنٽيا" پلن مارڻ وارا هوندا هئا. ڪيترا ماڻي ۽ تنبڙيا به پلا ماري تڙ (تڏيءَ) تي ڪٽي ايندا هئا. پلن مارڻ لاءِ جيڪو رڇ ڪم آڻيندا هئا، ان کي "سنبهي" يا "سنبوهي" چوندا هئا. سنبهيءَ جي ڪانيءَ کي "سنڌ" چوندا آهن. سنڌ، ديال يا ولي ڪاٺ جي گول گهڙيل ڪاٺي هوندي آهي، جنهن کي رندو لڳل هوندو آهي. سَنڌِ جي اڳئين پاڳي ۾ ٻچانگ جيان به ڪاٺيون ملايل هونديون آهن، جن ۾ رَڇ ٻڌبو آهي. رڇ ٻڌل تيار ٿيل سنبهي، ڊونڊي ٻيڙيءَ جي مهڙي تي مهاڻو پاڻيءَ ۾ لاهي ٻچانگيءَ کي درياهه ۾ ٻوڙي ڇڏيندو آهي، ڪنهن مهل مٿئين ڪانيءَ سنڌِ کي هيٺ به ڪندو آهي، هڪ پير جي ٽيڪ به ٻچانگ ملائڻ واريءَ جاءِ تي ه . ڀحر (جنهن کي "مارت" به چوندا آهن) ڏيندو آهي. پلو سير ڪري هلندو آهي ته پري کان مهاڻو ڏسي سنبهيءَ کي هيٺ مٿي ڪندو آهي، ٻيڙي ڳَن تي آهستي آهستي پئي هلندي آهي. ڳن چوڪرا به هلائيندا آهن ۽ "مارتن" جون مايون به هلائينديون آهن. پلو سنبهيءَ ۾ لڳندو ته ميربحر ڏور ڦٽي ڪري سنبُهي مٿي مهري تي لاڙي ڇڏيندو آهي. پلو ڊونڊيءَ جي لڪ ۾ اڇليندو. سنبهي مان ڪڍي ڇاٻاهيءَ واري اَڏي جي هيٺ واري پسوڻ جي پوپان يعني ٻن پسن جي وچ ۾ جيڪا جاءِ هلڪي هوديءَ جان ٺيندي آهي، ان ۾ پلا اُڇلائيندا ويندا آهن. پلن مارڻ لاءِ لاهاري ٻيڙي، ڳن تي هلائبي آهي. ان عمل کي پلن لاءِ "سير ڪٽڻ" چوندا آهن.

- ماڻي: ماڻي مٽ تي پلن مارڻ وارا ساڳي سنبهي ڪم آڻيندا آهن، مٽ کي ڪنا نه هوندا آهن. مٽ جي منهن تي پيٽ رکي سَنبُهي درياهه ۾ وجهندا آهن. پلو ماري پيٽ ڪٽي ماڻي يا مٽ ۾ وجهي ڇڏيندا آهن. اهي مٽ يا ماڻيون ٺڪر

جون هونديون آهن. ۽ ٽامي ۽ ڪٽ واري دؤر ۾ اهي مائيون ٽامي جون هونديون هيون. مائي مٽ تي پلا مارڻ وارن کي چوندا آهن. اڄ به "مائي" ملاحن يا ميربحرن جو هڪ پاڙو آهي. مٽ تي پيٽ رکي پلا ماريندڙ پيٽ هيٺان سينهون ڏيندا هئا. جيڪو ڪنارن سان موتين ۽ ستارن سان جڙيل هوندو هو.

- تنبڙيا: ڪي مهاڻا ساڳيءَ سنبهيءَ سان تنبي تي پلا ماريندا هئا. اهي تُنبا ٽامي جا ڪدوءَ جي گول تنبي وانگر ٺهيل هوندا هئا. ان تي ست جا "آنهَ" مڙهيل هوندا هئا. مائي ۽ تُنبڙيا ڊوندين وارن کان "سَنڌ" ڪجهه هلڪي ڪٽندا هئا. تنبڙ يا ڪدوءَ جا تنبا به ڪم آڻيندا هئا. پر اڪثر ڪري ٽامي جا تنبا هوندا هئا، ڇوته ٺڪر جي مٽَ ۽ ڪدوءَ جي تنبي جي ٽٽڻ جا امڪان وڌيڪ آهن.
- ٽڙ تي بلا آئڻ: "مارت" صبح ۽ شام به پيرا مڏيءَ تي پلا ڏئي سوپڙئي کان لڪرائي ويندا هئا. پلن جي ڳُٽپ "هارين پيري" ٿيندي آهي. هڪ هاريءَ ۾ به پلا ٿيندا آهن: هڪ آنيَارو يا آچارو پلو، ٻيو "ڪيرو پلو" آنياري پلي ۾ به آنيون ٿينديون آهن. ڪيري پلي ۾ ڪيري ۽ ڦوٽو ٿيندو آهي. ڦوٽو آنياري پلي ۾ به آنين سان گڏ ٿيندو آهي. پلي جي ڦوٽي ۾ پتو ٿيندو آهي، جيئن مڇي جي پوريءَ ۾ پتو ٿيندو آهي.
- "پتي جو لڳڻ: پتو وهي جيڪڏهن ماس ۾ ويندو آهي ته اهو ٽڪرو سائو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ان کي چوندا آهن ته هي پلو يا مڇي پتي لڳل آهي. اهڙيءَ مڇي يا پلي جو ٻوڙ ڪڙو ٿيندو آهيَ. پتي ڦٽل مڇيءَ کي "پتاريل مڇي" چوندا آهن. سڄاڻ مارتَ پلي جي سير کي محسوس ڪري ٻيڙيءَ کي ڳن تي پلي جي سير جي سامهون ڪندا هئا. پلي جو شڪار

وڏيڪ ڪندا هئا. ميربحر "مارت" شام ۽ صبح تي پلا مڏيءَ ۾ ڪٺي ايندا هئا. جتي سوپڙيا پلا گنڊ ڪرائيندا هئا. وڏن تڙن تي گند ۾ هزار تائين هاريون ٿينديون هيون. سوداگر ساٿي ڪونجڙيا. تڙ يعني مڏيءَ تي اچي ڪٺا ٿيندا هئا. ساٿي پلا گڏهن ۽ گهوڙن تي ڪٺي شهرن ۽ واهڻن ۾ کپائڻ ويندا هئا. ٻڌا واپاري، پلا ڳوٺين ۾ ڀري ريل گاڏيءَ ۾ ڏيساور ڪٺي ويندا هئا. مڏين تان ائن تي مال اسٽيشنن تائين ويندو هو. "ڪونجڙيا" جيڪي ڪارين ۾ مال مٽي تي ڪٺي ڳوٺن ۾ کپائيندا هئا. ساٿين سوداگرن کان مال بچي پوندو هو ته پوءِ پلا چيرائي انهن کي گهڻو لوڻ ڏئي تڏا وڇائي ان تي مال رکندا هئا. جنهن کي ميربحر "تڦڻ" چوندا آهن. تڦڻ وارا پلا سڪي ويندا آهن ۽ لوڻ جي ڪري خراب نه ٿيندا آهن. سوپڙئي جي خدمتگار کي ڪوٽار چوندا آهن. سوپڙيا روزنامچو ڪاتو، ڪرڙو ۽ شاهو ڪتاب رکندا هئا. ميربحر يا مارَت رات جو به سيرون ڪٺي پلا ماريندا هئا. تڦڻ وارا پلا جڏهن شهر يا ڳوٺن ۾ ڪچي ويندا هئا ته انهن کي "لوٺي پلا" چوندا هئا. لوٺي پلو رات جو پاڻيءَ ۾ پچائي رکندا هئا. پاڇيءَ رڌڻ مهل ان کي ڪوسي پاڻيءَ ۾ ڌوئي يا لسيءَ سان ڌوئي پاڇي چاڙهيندا آهن.

پلو، جڏهن مٺي پاڻيءَ ۾ گهڻو رهندو هو ته پوءِ گهڻو سوادي ٿيندو هو. سنڌ جي مهمان نوازيءَ ۾ پلي جي دش سيني طعامن کان اور هئي. نولڙي پلا، ميربحر ڊوڙٽا امير ماڻهن وٽ پيش ڪندا هئا. جيڪڏهن ان وقت پلي جي قيمت سمجهو ته هڪ رپيو هئي ته ان ڊوڙٽي پلي عيوض ٻارن جي ٻتائين تي ان جي ڳوڻ ضرور ملندي هئي، چوته غريب مهاڻو ٻچن کي پلو نه کارائي به پوتارن کي ڊوڙٽو ڏيندو هو ۽ پنهنجي غربت جو ٻول پريندو هو.

## پلي چاڙهڻ جا نمونا:

پلو ڪيترن ئي نمونن تي تيار ڪبو هو. پلي جو ہوڙ پلو سَيَل، پلي جو پلاءُ، فرائي پلو، بنا گيهه پلو، سَيَل، تريل پلو، پلو ساڳ، گوار جي مثان سڄي رکڻ پلي جون ٽڪيون ۽ پلي جا اوڇتارا. تاندن تي ڀڪل پلو، واريءَ ۾ ڀڪل پلو، سيڙهيءَ ۾ ڀڪل يا رڌل پلو ۽ ٻُڳِل پلو.

رڌل پلي جي منديءَ کي "ڪنهَڙ" چوندا آهن. پلي جي ٻچڙي ڪٽي سڪائي ياڃين کي واس ڏيندا آهن. جيڪي گل يا جيڪا ٻوڪ ڦر نہ ڪندي آهي تہ پلي جي ٻچڙي ٽانڊن تي رکي ان کي دونهين جو واس ڏيندا آهن تہ ڦر ٿيندو آهي. وڏن ٽڙن تي اُٺ ڏهہ سوپڙيا هوندا آهن.

سيٺ محمد هاشم 1947ع ۾ درياهہ جو مقاطعو کنيو هو جتوئي ڳوٺ جو هو. سيوهڻ جي ٽڙ تي ان وقت 12 سوپڙيا رکيل هئا. ان دؤر ۾ پلن جي مڏين تي ميڙا لڳل هوندا هئا. پلن جو حساب مارتن کي ٽي حصا ۽ مقاطيدار کي ٻہ حصا ملندا هئا. ان کي پنج سمي ٻنٺي چئبو هو. ڪن ڪن مارتن کي معافي مليل هوندي هئي، تن کي معافي دار چوندا هئا. ڪن ملاحن کان چوٿون حصو وٺندا هئا.

پلو مٺي پاڻيءَ ۾ سکر تائين ويندو هو تہ ڏاڍو سگهو ٿيندو هو. هاڻي پلي جو نسُل ختم ٿيندو پيو وڃي. هن ٽيڪنالاجيءَ جي دؤر ۾ پلي جي نسل کي بچايو وڃي. پلو حقيقت ۾ سنڌو درياهہ جو سينگار هو. پلو جڏهن سمونڊ ڏي موٽڻ شروع ڪندو هو تہ ان کي "لاڙو پلو" چوندا هئا. پلي جي جڏهن موٽڻ وقت آني وهندي هئي تہ پوءِ اهي آنيءَ جا داڻا سنڌوءَ جي پاڻي سان ملي ننڍا پلا پيدا ڪندا هئا، جي ڍنڍن ۾ رهندا هئا ۽ ٻہ ڍنڍن ۾ وڏي وڏا ٿيندا هئا. لاڙو پلي جي آني ڪاڻڻ ۾ نقصان ڪندي هئي.

- **گانگٽ:** پلي کان پوءِ گانگٽ بہ سنڌو درياهہ مان ختم ٿيندو ٿو وڃي، بلڪ جڻ تہ ختم ٿي ويو آهي. گانگٽ سنڌو درياهہ ۾ اپترا هئا. جو ڪو بارُ مانيءَ جو ٽڪر ڪنهن ڪانيءَ ۾ سڳي ۾ ٻڌي پاڻيءَ ۾ لاڙيندو هو تہ گانگٽ مانيءَ تي

پهچي ويندا هئا. جهوليءَ ۾ بہ بارانهن کي ڦاسائيندا هئا.
اڄ درياهہ ۾ گانگٽ ڪونہ ٿو ڏسجي. ڪانگٽ جو نسل ختم ٿيڻ جو ڪارڻ "چام شورو پل" آهي. گانگٽ مڇي ناهي، پر گوشت آهي. گوشت ۾ ڪنڊو بہ ڪونہ اٿس. هي نهايت لذيذ مڇي آهي. گانگٽ جي ننڍن ٻچن کي "سانهان" چوندا آهن. گانگٽ کي اڳيان چمٽا ٿين، جن سان هو کاڄ کائيندو آهي. گانگٽ جيَ منڍيءَ ۾ هڪ چنهنبدار هڏو ٿيندو آهي. گانگٽ کي ترڻ ۽ سنڌوءَ جي تَر ۾ هلڻ لاءِ چار ٽنگون ٿين. گانگٽ جي پيٽ هيٺان آني هوندي آهي. هن جي پيٽ هيٺان ڪنيرڙيون ٿين. گانگٽ ڪنيرڙيءَ ۾ آني سانڍيندو آهي. درياهہ جو گانگٽ آني درياهہ ۾ ڦٽي ڪندو آهي، جنهن مان ننڍا گانگٽ پيدا ٿيندا آهن. گانگٽ جي پٺيءَ تي پڪا ۽ هلڪي سائڙي رنگ جا گول چلر ٿين، جن جي لاهڻ سان گانگٽ جو سفيد گوشت ظاهر ٿيندو آهي. گانگٽ کي پيٽ ۾ ڪا خراب شيءِ ڪانہ ٿئي. گانگٽ جو پتو يا غلاظت آهي تہ بہ ٿوري، صفا نہ هئڻ جي برابر. گانگٽَ جون چنگهون مُنڍيءَ هيٺان ٿين. سمنڊ ويجهو مٺي پاڻي مان مرنڊڙ سانا گانگٽ جو نسل آهي. گانگٽ جو نسل، لب درياهيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين گهٽجي بلڪ ختم ٿي ويو آهي. ڪٿي ڪٿي ڪو ٿورو گانگٽ مري ٿو، نہ تہ چڻ نالو لهندو وڃيس. گانگٽ جي پاڇي عجيب آهي، بنا ڪنڊي، بنا هڏيءَ جي گوشت نهايت لذيذ اٿس. گانگٽ جا ٽڪا، چاپون وٽندڙ ٿينديون آهن.

- **ڪُرڙو يا ڏنيرو:** درياهہ جي مڇين ۾ ڪرڙي جو مقام پلي ۽ گانگٽ کان پوءِ ٽئين نمبر تي ڪن ٿا، پر ڪن ڳالهين ۾ ڪُرڙو سامونڊي مڇين کان ڪَرڙو آهي، چوتہ ڪُرڙي جي

واحد مڇي آهي جا حڪيم ۽ ڊاڪٽر ڪريءَ ۾ مريض کي ڪارائيندا آهن. هونئن تہ يوناني حڪيم چوندا آهن تہ ”بابا ڏڏ مڇي کٽاڻ نہ کائجان. باقي سڀ ڪجھہ کائجان. مڇيءَ ۾ تازي مڇي ڪرڙي، ڏنيري جي ملئي کائجان“. ان ڳالھہ ۾ ڪرڙو ٽيئن نمبر ۾ پهچي ٿو. ڪُرڙي جي مڇي ڳردار مڇي آهي. ڪرڙي جي مادي وڏي پاڻيءَ ۾ لڳندي ۽ آنا ڪندي آهي. جاڻو ملاحن جو چوڻ آهي تہ ڪرڙو وڏو ٽپ ڏئي ٿو. مٺي پاڻيءَ جي سموري مڇيءَ کان ڪُرڙو وڏو ٽپ ڏئي ٿو. مون کي مهراڻ جي ڍنڍ جو مشاهدو آهي. 58ـ 1959ع جي ڳالھہ آهي. اسان مڇيءَ جو شڪار ڏسڻ ويا هئاسين. رڇ ڇڪي جڏهن ڪناري کي ويجهو آيا تہ مڇين ٽپا ڏيڻ شروع ڪيا. ڪافي مڇيون ٽپو ڏين تہ وڃيو ٽنگيل رڇ جي پٺرن ۾ ڪرن. 6ـ 7 ڪرڙا بہ اڍائي ڪلن جهڙا هئا. انهن ايترو ٽپو ڏنو. جو رڇ پويان اسان بيڙي جي منجڻ تي اچا بيٺا هئاسين تہ ڪرڙا اسان جي مٿي کان ڏيڍ بہ فوٽ مٿان ٽپي وڃي ڍنڍ ۾ پيا. هڪ ڪرڙي ٽپ ڏنو منجڻ تي مهمان بيٺو هو. ان جي نرڙ ۾ لڳي بيڙيءَ ۾ ڪريو پوءِ بہ ڍنڍ ۾ وڃي پيو. ماڻهو چوندا هئا. پر يقين ان ڏينهن ٿيم تہ ڪرڙو برابر وڏو ٽپو ٿو ڏئي. ڪرڙو درياھہ ۾ 15ـ 16 ڪلن جو ٿئي ٿو. ڪرڙي لاءِ سڄاڻ ملاحن جو چوڻ آهي تہ ڪرڙو انهي اونهي ڪنب يا ڪوپال ۾ رهندو آهي، جتي ڪنب جي تر تي اچ ڏي اک ڪٽندو. جي سج جو تڙڪو لڳس تہ اتان ٻئي پاسي ويندو. مطلب جتي سج جي روشني اک تي نہ پهتس اتي رهندو. ملاح اهڙا ڪنب جهليندا آهن ۽ ڪُرڙا هٿ ڪندا آهن. ڪُرڙي کي سانٽرو ۽ ڪرڙيءَ کي سانٽري بہ چوندا آهن.

- **موراڪو:** ڪرڙي کان پوءِ ڪائڻ ۾ موراڪو لذيذ آهي. موراڪو ٻه پنج ست ڪلا يا اڃا ٻه وڌيڪ ٿيندو آهي. ماڻهن جو خيال آهي ته موراڪي جي مڇي بادي آهي. هن دؤر ۾ ڪرڙي کان وڌيڪ مڇي موراڪي جي بڇي ٿي. درياهه ۾ ڪرڙن کان موراڪا وڌيڪ ڏسجن ٿا. موراڪي جي مڇي ٻه ڇيلري مڇي آهي ۽ ڦتري مڇي ٿئي ٿي. موراڪي جي مڇي ٻه درياهه جا ڪُنب، ڍوررا ۽ ڪوپال پسند ڪندي آهي. موراڪي جي مادي وڏي پاڻيءَ ۾ لڳندي آهي. موراڪي کي "موري مڇي" به چوندا آهن. اهو غلط آهي ته موري وڏي ٿيندي آهي ۽ موراڪو ننڍي مڇي آهي. مڇي ننڍيءَ مان وڏي ٿئي ٿي. ننڍيءَ موراڪيءَ کي ٻه موري مڇي چئبو. ننڍي وڏي لاءِ اٿين چوڻ دُرستُ ٿيندو ته وڏو موراڪو آهي، ننڍو موراڪو آهي، چوته ٻج مڇيءَ جو ڏسبو ته ٻه چئبو هي ڪرڙي جو ٻج آهي، هيءَ ننڍي ڪرڙي آهي، سينگاري ننڍيءَ کي ٻه چئبو ۽ وڏيءَ کي ٻه.
- **ٿيري:** ٿيريءَ کي ٿيلهي ۽ لَهَرَ ٻه چوندا آهن. ٿيري ويڪر ۾ ڪُرڙي کان گَراري آهي. وزن ۾ ٻج هڪ وقت ۾ ڍنڍ يا ڪڏ ۾ وجهبو ته ٻن مهينن ۾ ٿيري ڪرڙي کان گهڻو وزن ڪري ويندي. ٿيري جي گهڻو وقت درياهه ۾ بچيل رهي ته منٽ منڻ تائين وزن ڪري سگهي ٿي. ٿيري يا ٿيلهي ٻه تار پاڻيءَ ۾ رهندي آهي، جيڪو پاڻي ٻه پُرهه هوندو آهي. يا ان کان ٻه وڏو ٿيلهي ان ۾ رهندي آهي. ٿيلهيءَ جو وات وڏو ۽ منڍي ويڪري ٿيندي آهي. ٿيلهي يا ٿيري ڇيلري مڇن مان آهي. ٿيلهي ٻه وڏي پاڻيءَ ۾ آنا ڪندي آهي. ٿيلهي هٿراڏو ڪاڏن تي جلد وڏي ٿي ويندي آهي. پاليل مڇين ۾ ٿيري وڌيڪ وزن ڪري ٿي. ملاح هرهڪ مڇيءَ جي سير مان محسوس

- پوپري: پوپري ڇيلري مڇين ۾ شمار ٿئي ٿي، پوپري وڏي ۾ وڏي درياهه جي پوپري ڪلي وزن کان گهٽ بيهندي آهي، پوپري بہ سُهڻي ٿيندي آهي. ملاح هن کي سهڻي سمجهندا آهن، ان ڪري نينگرين جو نالو پوپري بہ رکندا هئا. ۽ پوپريءَ تي لوڪ گيت بہ لکندا هئا.

منهن جي پوپري ڙي توکي ڪير مارينداوا

پوپري ڪائڻ ۾ سوادي هوندي آهي. درياهه جي پوپري مڇي اڇي چلڪندڙ ٿيندي آهي، ڪن پوپرين جي منڍي ڳاڙهسري ٿيندي آهي، پوپري ٻوڙ کان وڌيڪ تَرڻ ۾ لذيذ ٿيندي آهي. پوپريءَ کي "ڪنهڻي" بہ چوندا آهن. پرا هي نالا سنڌ جا ناهن. انهيءَ ۾ کهل يا کيل ذات جي ڇهپار ڏنل آهي.

- شاڪر: شاڪر کي وچ سنڌ ۾ هيٺ ڏنل نالن سان سڏيو ويندو آهي: مُڪَر منڊو، چٺوڙ ۽ شاڪُر. شاڪر وڏي ۾ وڏو سنڌو درياهه ۽ ان جي واهن ۾ 14 ـ 15 ڪلن جو ٿيندو آهي. شاڪر ڇيلري مڇيءَ ۾ شمار ٿئي ٿو. ڇلر لاهي پوءِ مڇي رڌڻ لاءِ استعمال ڪبي آهي، ڇوتہ هن جا ڇلر سخت آهن جي پيٽ ۾ ويا تہ هضم نہ ٿيندا. تنڍا مُڪَر يا شاڪَر ماڻهو کوهن ۾ پوئرن کان وجهندا آهن. اهي کوهہ ۾ وڏا ٿي ويندا آهن. اسان جي استاد سائين محمد عارب جي کوهہ مان چار سير شاڪر ورتو هئائون. شاڪر کي هڪ وچ وارو ڪنڊو ٿيندو آهي، باقي بيو رُڳو گوشت ٿيندو آهي. 1942ع جي ٻوڏ ۾ پندرهن سيرن جهڙو شاڪر، جاڪپاري ڍنڍ جي ڪناري تي ورتو هئائون. شاڪر سنڌو درياهہ جي واهن ۾ ملن ٿا. شاڪر جي ٻچي کي "ڍولڙو" بہ چوندا آهن. عام طرح ننڍن شاڪرن کي مڪر ۽ منڊو چوندا آهن. شاڪر جي مڇي سُپر ۽ ڳردار ٿيندي آهي. عام ماڻهن ۾ اهو وهم آهي يا جائي آهي تہ شاڪر يا چٺوڙ ڪائڻ سان چٽيءَ جي بيماري

ٿيندي آهي. شاڪر پاڻيءَ کان ٻاهر چند ڏينهن به جيئرو رهي سگهي ٿو.

- **پنراس:** پنراس لاڙ جي مڇين مان آهي. ڇيلري مڇيءَ ۾ شمار ٿئي ٿي. سمنڊ مان ئي مڇي مٺي پاڻيءَ ۾ پهچندي آهي. هيءَ مڇي ڪانڊ ۾ پلي جهڙي آهي.
- **پلي يا پلئي:** ڇيلري مڇيءَ ۾ شمار ٿئي ٿي. هيءَ ڏيکڻ ۾ ست انچ ڪن ٿيندي آهي. هن ڪي پيٽ ۾ هوري ٿيندي آهي. حقيقت ۾ پليئڙي ننڍڙي پلي مثال آهي. هن ڪي ڦوٽو به ٿيندو آهي. هي مڇي لاڙ جي ڍنڍن ۾ جام آهي. مٺي پاڻيءَ جي مڇي آهي.
- **پليئڙو:** ڇيلري مڇي ۽ ننڍڙي مڇي آهي. ڪانبي آهي. خاص ترڻ ۾ ايندي آهي.
- **ٺڪُرَ:** شاهه بندر يعني لاڙ ڏي هي مڇي ڏٺي وڃي ٿي. ڇيلري آهي. شڪل ۾ ڏيئي جيان آهي، پر هن مڇيءَ ڪي ڪنڊو ٿئي ئي ڪونہ. گدوءَ ۾ بہ هي ٻچ ملن ٿا.
- **دوٿر، ٽيڪن، ڳانگر:** اهي ساموندي مڇيون آهن. قريباً چوويهہ، پنجويهہ سال ٿيا آهن تہ ڪافي ننڍيون مڇيون ساموندي مٺي ڏي اچن ٿيون. هٿراڏو پاليل مڇين جا ٻچ بہ گهڻا ساموندي مڇين جا آهن.

ڪن مڇين جا نالا سري، وچولي ۽ لاڙ ڏي جدا جدا آهن. ٻيو تہ ساڳين مڇين جا نالا بہ ٽي ٻڌايا وڃن ٿا. جي شاڪر آهي تہ گدوءَ جو شاڪر پيٽ اچي سان پر آهي تہ اهو شاڪر، هڪ مڇي، جڪ مڇي، ننڍڙيءَ مڇيءَ ڪي چٽبو آهي. چوندا آهن تہ فلاڻو تہ اجائي جَڪ ماري ٿو. يعني ننڍي مڇي ٿو ماري، جنهن ۾ نہ لاءِ نہ ساءُ. ننڍيون مڇيون جنهن ڪي ڏوءِ بہ چٽبو آهي. ڏءِ ۾ ٻنهي جنسون هونديون. دو يا دوءِ (ڏءِ) ڪا خاص ذات مڇيءَ جي نہ هوندي آهي. اٿين ڳاٽاٽو وڏائڻ مان خاص ڪو مطلب نہ ٿو سري.

ڪائيندو آهي. هڪ وڏي جرڪي جي گج ۾ هڪ ملاح ڳالهه ڪئي ته لڏڙي جي منڍي ڏني سين اهو جرڪو هڪ مڻ ٻارهن سير تور ۾ بيٺو. سنڌيءَ ۾ عام چوڻ آهي ته ڪاٺو ڪو جرڪو آهي. راشيءَ ڪاموري لاءِ عام ماڻهو چوندا آهن ته گهُنڊي جو جرڪو آهي. معنيٰ تمام ڪاٺو آهي. جرڪي جا ڏند تيز ٿيندا آهن. جرڪي کي وچ ۾ هڪ ڪنڊو ٿيندو آهي. باقي ٻي رڳو مڇي. جرڪي جي مُنڍي هيٺان ڳراج ٿيندو آهي، جنهن کي گُج چوندا آهن. تڪڙ ۾ ڪاٺي اهو ڪاڏو گج ۾ رکندو آهي. جرڪي نر کي جرڪو ۽ ماديءَ کي جرڪي چوندا آهن. جرڪي وڏي ٿيندي آهي. ان ۾ جڏهن لڳ جي بوءِ ٿيندي آهي ته پوءِ 5 کان نر 21 جن کي اينچڙا چئبو آهي. اهي چنبڙيل هوندا اٿس. جرڪي جي مڇيءَ کي مَلي مڇي چوندا آهن. اينچڙو انهيءَ جرڪي کي چئبو جيئن ڍڳن ۾ ٿانر وهڙا ٿيئن جيڪي لڳ تي جرڪيءَ سان چنبڙيا پيا هجن تن کي اينچرو چون ٿا. هونءَ نه ته ان کي جرڪو چئبو.

- سينگاري: ليٿي مڇي ۾ سينگاري کي ٻيو نمبر شمار ڪري سگهجي ٿو. سينگاري جي مڇي 10 ڏهن کان پندرهن ڪلن تائين ملي ٿي. ڪرنگهي جي ڪنڊي سواءِ ٻيو سارو حصو مڇي گوشت جهڙي بنا ڪنڊن جي آهي. سنڌو درياهه جون سينگاريون نهايت لذيذ ڪاڻ ۾ ٿين ٿيون. ٻوڙ کان سينگاريءَ جي مڇي پلاءِ ۾ وڏيڪ مزو ڏيندي آهي. جڏهن مڇي چانورن ۾ ڳڏي چڏبي آهي. سينگاري جي مڇي گرميءَ ۾ جلد خراب ٿيندي آهي. چوته هن جي مڇيءَ ۾ وَهُ ٿيندي آهي. ان ڪري خراب ٿيڻ ۾ دير ڪانه ڪندي آهي. ڪن مڇين جا نالا جي مؤنث آهن ته انهن لاءِ نر سينگاري ۽

مادي سينگاري چئبو جي سينگارو چئبو تہ چئي سگهجي ٿو. جيئن پوپري يا پوپرو. پر مڇيءَ جو نر ماد سڃاڻن ۾ مشڪل لڳندا آهن. ان ڪري ٻوليءَ جي لحاظ کان نر ماد لاءِ گرامر مطابق هيٺ ڏنل لفظ ڪم آڻيا آهن.

ڪرڙو_ ڪرڙي، چرڪو_ چرڪي، موراڪو_ موراڪي، گندڻ، گنڊٽي. عام طرح ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا، پر ڪن مڇين لاءِ ائين بہ قاعدو نهي نٿو. غير محاوره لفظ ٿين ٿا. جيئن شاڪر لاءِ ماديءَ کي شاڪري ڪونہ چئبو. ان ڪري ڪن مخصوص مڇين جي نالن کان سواءِ ٻين لاءِ سينگاري، نر ۽ سينگاري مادي چوڻ درست ٿيندو.

ڪڳو_ ڪڳو بہ ليٿيءَ مڇيءَ ۾ شمار آهي. هن کي رڙو بہ چوندا آهن. ڪڳو درياهہ جو ڪڪڙ شمار ڪندا آهن. ڪڳو کائڻ ۾ سنو آهي مُنڊيءَ ڪپڻ کان پوءِ پڇڙي تائين هڪ ڪنڊو ائس. باقي جڻ گوشت آهي. رڙو ڪا ٻي جنس ناهي. ننڍ وڏائيءَ ڪري ڪڳري بہ چونس. ڪڳو ڳاهہ کائڻ جو شوقين آهي، ان ڪري ڪنڍيءَ ۾ اڪثر ڪري ڪڳو ڦاسندو آهي. ملاح ڏورن ۾ ڳاهہ وجهي (اهو ڳاهہ درن، مُنڊن جو هجي يا نهيل اٽي جو ڳاهہ جنهن ۾ ٿوم يا هنگ ملائيندا آهن) ڏورا ڪيرن ۾ ڏور ٻڌي ڪلوٽڙا لڙڪائي ڇڏيندا آهن. صبح تي ڪلوٽڙي ڪلوٽڙي ۾ رڙو ٽنگيو پيو هوندو آهي.

ڪڳي کي بہ ڪنڍا پاسن ۾ ڪنيرن وٽ ۽ هڪ مٿان وچ تي ٿيندو ائس. ڪڳو بہ وات ۾ آنا جهليندو آهي. ڪڳي جا هيٺيان قسم آهن:

ڪڳير يا ڪڳتير، ني انچ ٿئي وزن آنو کن ٿئيس.

- **ڏڏڪڳو:** انڊو ڪڳو، پرٽ ڪڳو، ملهير يا ملهيرڙو ڪڳو. اهي ڪڳا ٽن انچن کان انچ ڏيڍ جيترا ٿين ڪي تہ مڇيءَ جو ڪاڄ ٿين ٿا.
- **موراڪڳو:** هي وڏو ڪڳو ٿئي ٿو. سنڌو درياهہ ۾ اڳ ڪونہ هو. ليڪن هاڻي ويهاري سال کان سنڌو درياهہ ۽ ڍنڍن ۾ ملي ٿو. مور ڪڳو سائي رنگ جو آهي. چون ٿا تربيلا ڊيم ۾

ٻاهران آڻي وڌو ويو هو. ڪن جو خيال آهي ته روس جي ڍنڍن جي مڇي آهي، پر هاڻي مور ڪڪڙو سمنڊ تائين پهچي چڪو آهي. مور ڪڪڙي جي ڪل تي پڻا پڻا آهن. فوجن جي ڊريس وانگران ڪري فوجي ڪڪڙو به چوندا اٿس.

- گندڻ: اصل ۾ گندڻ چيلري مڇي آهي، پر مَلي مڇيءَ ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي. گندڻ به وڏي مڇي آهي. گندڻ کي ٻڻو به چئبو آهي. گندڻ، گندڻي، ٻڻو، ٻڻي، هڪ ئي جنس جا نالا آهن. انهن کي جدا جنس نه سمجهيو وڃي. ڇوڪر وڏو ٿيندو ته مرد سڏبو. جنس ته انساني آهي. گندڻ نر ماديءَ جي حساب سان ماديءَ کي گندڻي سڏي سگهجي ٿو. ننڍي گندڻيءَ کي به گندڻي چئبو ۽ وڏيءَ کي گندڻي چئبو. وڏي ٻڻي کي به ٻڻو چئبو ۽ ننڍيءَ کي به ٻڻو چئبو. تمام ننڍڙي کي ڪٽي ٻڻڙو چئبو يا ماديءَ ننڍيءَ کي ٻڻڙي چئي سگهجي ٿو. باقي گندڻ يا ٻڻو ڳالهه ساڳي آهي. گندڻ يا ٻڻي جي مُنڍي قدري ڊگهي آهي. گندڻ وزندار ٿئي ٿو. درياهه جو وڏو گندڻ مڻ کن وزن ۾ ٿئي ٿو. گندڻ جو مٿيون ٿلهو پاسو جنهن کي پُٺو چئبو اٿس ان ۾ تمام گهڻا ڪنڊا آهن. ڏاڍي احتياط سان کائبو آهي. جنهن کي ملاح پيٽارو چوندا آهن. ان ۾ ٽن چئن انچن کان اڌ انچن تائين ڪنڊا ٿيندا آهن. اهي ڪڍبا ته مڇي وَهه جيان لذيذ ٿي پوندي آهي. ڪي مڇي کائيندڙ رڌڻ کان اڳي گندڻ جو پُٺو ڪٽي ڦٽي ڪندا آهن. اهو ٻوڙ ۾ وجهندا ئي ڪونه آهن. هر مَلِي مڇي ننڍين کي کائيندي آهي.
- ڳوج: ڳوج کي ڳدوءَ پاسي ٻام به چوندا آهن. ڳوج نانگ جيان ڳول ڊگهي ٿيندي آهي. وچ ۾ ڪنڊو اٿس. باقي گوشت جيان مڇي سُير ٿئيس. درياهه جي ليٽي مڇي

جيان.

- **ڏمن:** ليٽي مڇي آهي، جرڪي جو هڪ قسم آهي. شڪل ۾ جرڪي جهڙي آهي، پر رنگ ڳاڙهسرو ٿئيس. منڍي ٿلهي ٿئيس ٿي.
- **گپ گلو:** ڪلي جهڙي ننڍي مڇي ڪيترو وقت گپ ۾ لڪي ساهُ کڻي سگهي ٿي، ٻن انچن جيتري آهي، وزن منو پاءُ، ڪي ڪي ماڻهو کائيندا آهن.
- **رنجي يا رنجهي:** ڪڳي جو هڪ قسم هن کي ٻه ڪڳي وانگر ٽي ڪنڊا ٿين. هي مڇي ٻه ڪنڊو هڻندي آهي. کائڻ ۾ اڇي ٿي.
- **سونهري مڇي:** هي مڇي ليٽي ۾ شمار ٿئي ٿي. درياهه جي مڇي آهي. بر ۾ ويڪري ٿئي ٿي. پيٽ ۾ مٿي کان ڪنڊا اٿس. ٻئي تکا ڪنڊا اٿس.
- **سيرائي:** سيرائي ننڍڙي مڇي آهي، جنهن کي ڪانيرو ٻه سڏيندا آهن. هيءَ مڇي کائبي ڪانه آهي. مڇيءَ جو ڳاهه ٿيندي آهي.
- **ڦاٻٽي يا ڦاٻٽو:** هي ليٽي مڇي ۾ ڳڻجي ٿي، چون ٿا ته ڳڏوءَ ٻئراج پاسي ٽي ساڍا ٽي پاءَ ڦاٽو ٿئي ٿو. ۽ ڊيگهه ۾ فوٽ سوا ٿئي ٿو. هونئن نه ته لاڙ توڙي سري ۾ ننڍي مڇي سڏجي ٿي. ننڍڙا گانگٽ ۽ ڪريڙ ڏوءِ مڇي کائيندي آهي.
- **مڪٽي:** ليٽي مڇي آهي ٻه انچ کن ڊيگهه اٿس. ڪڳي جهڙا ڪنڊا ٿينس ٿا. هي مڇي ٻه قريباً پنجويهه- تيهه سال ٿين ته ماٿيلي طرف ڊنڍن ۾ ٿي آهي.
- **لُهڙ:** هٿ جيڏي ٿئي، ليٽي مڇيءَ ۾ شمار ٿئي ٿي، ڳاڙهسري رنگ جي آهي. تور ڏيڍ پاءُ کن ٿئيس. ننڍي لُهڙ سينگاري ۽ جرڪو ڳولي کائيندا آهن. ننڍڙي مڇي پاڻ ٻه

كاڻيندي آهي. ڪندو اٿس جيڪو ملاحن يا مڇي ماريندڙن جي پير ۾ لڳندو آهي ته گهڻو سور ڏيندو آهي. لهڙ ڳڌو طرف سرائڪي زبان ۾ هلوهڙ الوهڙ ـ الهوڙ جي نالن سان به سڏبي آهي. مڇيون، مٽي ۽ پاڻيءَ ۾ ٿيندڙ گاهه کائيندي آهي.

خاص ڪري ڳل پن، ڏير، منجر گاهه، مائو پهو، يا پهي سنياري، هن کي نسئوري، سينهوڙي، پٽس پرٽو جنهن کي پرڙ به چوندا آهن. سيوندر، بدوڪو يا بدروڪو، پلوٽڙي، ٽوپ، ڪارانديو ڪماليت، لوهاندرو لئي،*ڪوٽي، ڪوٽيءَ جا ڪُمَ، ناڙو ماجر، ڪندر لوٽي، ڪاراهو ڏاڻتي، گهانڊڻ، لُري پن جي، بوبڪ، سپينواري، ڪرس ڪجي گاهه، ڪنڊيلو ڏانورو ڪالورو سروٽو ڍنڍن ۾ لڙي پاڻي سبب جيڪو سائو سينوَرُ ٿئي ٿو. ڍنڍن جي ڪنارن جي ويجهو ٿيندو آهي، ان کي به مڇي چٽيندي آهي. مڇي خاص ڪري ڪرڙو ٿسري، موراڪو پن کي شوق سان کائيندا آهن. مڇي چيڪي مٽي به کائيندي آهي. پلو خاص ڪري ڪَرڪَ واري به کائيندو آهي. جرڪو ۽ پوٺڪي مڇي درياهه ۾ لاش يا ڍونڍ به پٽيندي آهي. ڪلي يا ويلڙي جي ڪري جيڪا مڇي مري ويندي آهي، جرڪو گندڻ ان کي به کائيندو آهي. اڳ لکي آيو آهيان ته وڏيون مڇيون ننڍين مڇين کي کائي ويندريون آهن. رَبُ جنهن کي بچائيندو آهي، اها ڏِ به وڏي وڏي مڇي ٿيندي آهي، چوته دنيا جو ڪارخانو ننڍين مان وڏا ٿيندا آهن. جوان ڪراڙا ٿيندا آهن. مڇيون رڃن ۾ ڦاسي مرڻ کان سواءِ طبعي طور به مري ويندريون آهن.

## سمنڊ جون مڇيون

جيترو سمنڊ اجهاڳ آهي، ان ۾ مڇيون به ڪيتريون ئي آهن. سوين قسم جون مڇيون سمنڊ ۾ پلجن ٿيون. اسان جي سنڌ جي پر ۾ سمنڊ آهي، جيڪو عربي سمنڊ جي نالي سان سڏجي ٿو. سنڌ جا ملاح عربي سمنڊ ۾ صدين کان مڇيون ماريندا اچن. ڪڏهن وير مهاڻا ويڙن جي وَر چڙهيو وڃن ۽ مانگرمڇ کين ڳهيو ڇڏين. ڪڏهن مانگرن کي ماري پنهنجون مَعاشي حالتون

سڏاريو وڃهن. پنهنجي همت ۽ هوشياريءَ سان سيئي مياڻيون موڪي ڇڏين. جُهارن سان جنگ جوٽي مقصد جا موتي حاصل ڪندا آهن. اڳئين دؤر ۾ سونمياڻي4 ۾ مور مهاڻا رهندا هئا. جي ڪلاچي جي ڪُنَ جا مانگر ماري ڪتائيندا هئا. انهن مورڙن جا داستان اڄ بہ پيا دُهرائجن. مان هت ساموندي ڪن مڇين جا نالا پيش ڪيان ٿو:

- سهٽي: هيءَ ساموندي مڇي ننڍي ۾ ننڍي بہ چار فوٽ ٿئي، ڪائڻ ۾ اڇي ٿي. وڏي سهٽي مڇي 20 ـ 25 فوٽ تائين بہ ٿيندي آهي.
- پوپري: ساموندي بہ درياهي پوپري جيان سفيد چلڪٽي مڇي آهي. ڊيگهہ ٽي چار فوٽ اٿس. ست اٺ ڪلا وزن ۾ ٿيو وڃي، پوپري اُن کان وڏندي آهي.
- پٿون: پاپليٽ جهڙي آهي. پٿون جو رنگ ڪارو ٿيندو آهي. قدبت پا پليٽ جهڙو ۽ جيڏو اٿس.
- پاپليٽ: هي ساموندي لذيذ مڇي آهي.
- گهور: هي مڇي گهٽ ۾ گهٽ 10 فوٽ ٿئي وڏي قريباً 25 فوٽن جي اندر ٿيندي آهي. هن مڇيءَ ۾ وهہ زياده ٿئي ٿي.
- متون: هي ساموندي مڇي ننڍي چار پنج انچ ٿئي ڪائڻ ۾ سَني ٿئي ٿي.
- ڏانگري: هي مڇي ساموندي ڪناري جي نائن ۾ ٿيندي آهي. ڪائڻ ۾ لذيذ آهي. ڏانگري رڇ سان ماربي آهي.
- چندَ يا چندو: هي ساموندي سهٽي منجي آهي. هن کي ڪنڍي ۾ مٽيو ٿئي. هي مڇيءَ جو هڪ خاص قسم آهي.
- دوان: هي واحد مڇي سمنڊ جي آهي، جنهن کي چيرڻ وڍڻ کان سواءِ رت نڪرندو آهي. هي مڇي بہ فوٽ ٿئي ٿي، ويڪري ۽ ٿلهي ٿئي ٿي.
- پڃڙ مڇي: 4 ـ 5 انچ ٿئي ٿي. سٺيي مڇي آهي. ڪائڻ لاءِ

- **مورمڇي:** هيءَ سامونڊي مڇي ميگرو جهڙي ٿئي ٿي. قد يا ڊيگهہ ٽي فوٽ ٿئيس. ڪارو رنگ اٿس.
- **ڪيڪڙو:** هيءَ گول مڇي ٿئي ٿي ٻہ چمٽا اٿس. نائن يا ڪارين ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. چمٽا هن کي هلڻ ۾ مدد ڪن ٿا.
- **سنگرو:** هيءَ سمنڊ جي مڇي چار فوٽ ڪن ٿئي ٿي. هن مڇيءَ کي ڏگهي ڇهنب ٿيندي آهي.
- **پٽن:** هيءَ سامونڊي مڇي لغڙ جيان ٿئي ٿي. ٻہ فوٽ ڪن ويڪري ۽ ٽي فوٽ ڊگهي ٿئي ٿي. ڪاڏي وچي ٿي.
- **مشڪو:** هيءَ سامونڊي مڇي اڍائي فوٽ ڪن ٿئي ٿي. ڪائڻ ۾ ڇَسڪو اٿس.
- **جهينگو:** جهينگو گانگٽ جو قسم آهي. لانچن جي ناکئي خانِ ملاح ٻڌايو تہ جهينگو سامونڊي مڇي آنا نہ ڪندي آهي، پر ٻچا ڪندي آهي. هن منگرن جي نالي بہ ٻڌايو تہ مالار هَمَر، ويسر، ٽاپي کير ڏيندڙ منگر آهن. انهن کي ٿڻ آهن. ٻهلڻ کي بہ ٿڻ آهن. ٻچن کي کير پياريندي آهي. مٿي پاڻيءَ جي مڇين ۾ شمار ڪري آيو آهيان. حرام مڇي آهي يا حَرامُ پاڻيءَ جو جانور آهي. ٻهلڻ منگرن ۾ شمار ڪري نہ ٿي سگهجي. ٻهلڻ ڪِهلَ قوم جا ماڻهو کائيندا آهن. وڙهندي ڪانہ آهي.
- انڌي منگر: هي وڏي منگر آهي. ڊيگهہ ڏيڍ سئو فوٽ ٿئيس ٿي. وڏ ۾ وڏ وزن ڇهہ سَوَ مڻن تائين ٿئيس ٿو. انڌي منگر کي ڳُڏهہ جهڙاڪن ڏگها ٿين ٿا. اڪثر ري سمنڊ ۾ اندر رهندي آهي. مدت کان پوءِ نڪرندي آهي تہ ڏسي ڪانہ سگهندي آهي. نڪرندي شڪار جي ڳولا ۾ آهي. نظر نہ پوڻ ڪري وچي نارن يا ڪاڏين ۾ پوندي آهي. منگر ۾ وهہ تمام وڏي ٿئي ٿي. وڏين منگرن ۾ ٽي سؤ کان هزار دبا وَهَ

يا ڇرڀيءَ جا نڪرندا آهن.

خان ملاح چيو تہ سمنڊ ۾ هزارين مڇيون آهن. جن جا نمونا نيارا آهن. خان ملاح چيو تہ رڳ ۾ بہ سمنڊ جون مڇيون لڳن ٿيون. ڪن جا نانءَ بہ ڪونہ ٿا اچن. حيدريءَ جا ملاح ڄاڻو آهن. ڪاٺڻ نہ ڪاٺڻ واري مڇي سڃاڻيو وڃن. مان هت ڪن مڇين جا رڳو نالا ڏيان ٿو. سندن وضاحت ڪري نٿو سگهان. ڇوتہ سمنڊ اجها ڳ آهي، زمين کان پنجوڻو آهي، ان لاءِ تحقيقات جي ضرورت آهي.

اڇي ڪلو آلُ، ارڇڪ، انگور يام يا بام، بارڪلي، بونقان بورو بنبور، بدڪي، ٻاچو، پٿون، پڏڻ، پلڻ، پلو پري، پچاري، پتل، پاڳاس، پاليو پونبلو، ٽٽر ٽورو جهرڪي، جليبي، جري، جاڪو حجام، خچر چيري، چوڏي، چيل، دواڻ، دوٽر دونر ڏڏُ، ڊيگري، ڊانگري، ڏنديو ڏاهي، ڏانني، ڏاندرڪو رنجي، رنگڻ، ڏانني، سرمائي، سارم، سائي، سنگهہ، سول، سٽري، سوئو، سيري، سير، شير، عربي، ڦاڙ ڦاڻ، ڦرا، ڦڙون، ڦٽو ڦنگو، ڪارو ڏنديو، اڇو ڏنديو ڪولي، ڪولو ڦوڪيو، ڪانڊيري، ڪتڻين، ڪڇڪ، ڪرگاڻ، ڪرنا، ڪرهو ڪڪاڻ، ڪونبلو، ڪلي ڪنگ، ڪنگو ڪارڪ، ڪيري، گاسو، ڪوپرو ڪوڪر، ڪيٽر، ڪارائي گانگٽ، گِيدڻ، گسر، گرگلا، گلام، گگڙو گوڪ، گولي، گور گهمڻ، گهوڙو گيم، هڪو، ميو، لچڻ، لوجري مانگيٽو، ماهي، مگيو، مُلان مَهُور، مينگ، ويسار، چتون، چام، چاڪو، چسي، گپري، لوٽر، پاپليٽ، گوادري پلو مٿي لکي آيو آهيان تہ سمنڊ جي مڇي اڻکٽ آهي، دنيا جا سمنڊ سيئي ڳنڍيا پيا آهن. مڇيون بہ هيڏانهن جو هوڏي اچن وڃن ٿيون. چند سال ٿيندا تہ شارجيا ۾ شڪارين هڪ مڇيءَ ماديءَ کي ماريو هو جت نر مادي ڪناري تي لڳ ڪري رهيا هئا تہ شڪارين گولي ڇوڙي مادي مري پئي، ان جو فوٽو اخبارن ۾ آيو هو. هت پير گوڏا بہ هيس فقط منهن مڇيءَ جان هوس. مالار ڪان بہ مختلف هئي. ٻانهون بہ نوٽن سان هيس. سنڌي ٻهلڻ ڪان بہ مختلف هئي. سو مڇين جو جهان وڏو آهي. ان تي تحقيقات جي ضرورت آهي. درياهي مڇي ۽ سامونڊي مڇيءَ جو ذڪر ڪرڻ موزون هو جيڪي نالا مليا آهن، سي سواءِ تعريف جي پيش ڪيا اٿم. مشاهدي جي سائنٽيفڪ اصول سان ضرورت آهي، ايڪويهينءَ صديءَ ۾ ان تي لکيو ويندو.

محترم الهنواز رڪٽائي، سنڌي ٻوليءَ جو اهو محقق آهي، جنهن جو بنيادي طور واسطو درياهه سان آهي، ان ڪري هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ هُو مناسب ماڻهو آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ درياهه جي ٻنهي ڪپن تي رهندڙ ماڻهن، انهن جي لهجي، درياهي جيوت، وٽن ٽٽن، ٻوٽن ۽ گاهن، ٻيڙين ۽ هوائن ۽ ملاحن جي ڪِرت سان لاڳاپيل سمورين شين بابت استعمال ٿيندڙ لفظن ۽ اصطلاحن کي پنهنجي تحقيق جو موضوع بڻايو آهي. سندس ڪتاب ۾ وڏو انگ اهڙن لفظن ۽ اصطلاحن جو آهي، جيڪي گهڻي ڀاڱي هن وقت مروج نه آهن يا متروڪ ٿيندا پيا وڃن، ان ڪري ضروري آهي ته اهڙي لفظي ذخيري کي ڪتابي شڪل ۾ محفوظ ڪجي ته جيئن ايندڙ دؤر جا محقق، سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ کان واقف ٿي سگهن.

**عبدالقادر جوڻيجو**

هن ڪتاب ۾ شامل مواد گهڻو ڪري سنڌو درياهه ۽ ان سان واسطو رکندڙ ڪن آرڪٽن ۽ ٻولين جي وصفن، وياڪيا ۽ وَستار تي ٻڌل آهي، جيڪو مواد ڪنهن قدر ٻولي سهيڙيندڙن توڙي ٻولي شناسن لاءِ دلچسپيءَ جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو. سچ ته اهڙي قسم جي ٻين به ڪيترن ڪتابن جي ضرورت آهي، جن ۾ مختلف موضوعن بابت جزياتي تفصيل ڏنل هجن ۽ سنڌي وشَو ڪوش/ موسوعات (انسائيڪلوپيڊيا) جي تياري ۽ تڪميل لاءِ مددگار ثابت ٿين. ڪتاب ۾ هزارين لفظن، محاورن ۽ نالن بابت چڱي ڄاڻ ڏنل آهي. انهن مان ڪي نالا اهڙا به هوندا، جيڪي ڪنهن ٻئي هنڌ استعمال نه ٿيندا هجن ۽ اُتي انهن لاءِ ڪي ٻيا نالا ڪتب ايندا هجن.

**سيد حاڪم علي شاهه بخاري**